محمد ابراهيم جويو

شاه
سچل
سامي

1689 - 1850ع

هڪ مطالعو

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ ـ سچل ـ سامي

(١٦٨٩ع ـ ١٨٥٠ع)

ـ هڪ مطالعو ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه ـ سچل ـ سامي

(١٦٨٩ع — ١٨٥٠ع)

ـ هڪ مطالعو ـ

محمد ابراهيم جويو

ڪتاب ايجنسي
تلڪ چاڙهي حيدرآباد

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو.
1990ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ليکڪ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

ڇپائيندڙ : روشني پبليڪيشن – ڪنڊيارو

ڇاپيندڙ : سردار پرنٽنگ پريس،
حيدر چوڪ، گاڏي کاتو، حيدرآباد (سنڌ)

بائينڊنگ: اسلاميه بڪ بائينڊنگ، مدينه مارڪيٽ،
گاڏي کاتو حيدرآباد

ڇاپو : پنجون

ڇپائيءَ جو سال: سيپٽمبر ۱۹۹۰ع

تعداد: ۱۰۰۰

قيمت: 35-00 روپيا

ڊڪو جلد آفسيٽ پيپر : 55-00 روپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنھن جي نالي

جن مون کي جھٽيو، نپايو، وڏو ڪيو

ٽورا نه ٽورا مون تي ماروئڙن جا،
ڀلائيءَ ڀيرا، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا.
(شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجين ڇاپي لاءِ ٻه اکر

زير نظر ڪتاب، ”شاهه - سچل - سامي، هڪ مطالعو“، جنهن جو پهريون ڇاپو فيبروري ١٩٧٨ع ۾ پڌرو ٿيو، اصل ۾ هڪ خاص مضمون طور لکيو ويو هو، تہ جيئن آن ڪي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي نمورتي ـــ شاهه، سچل ۽ ساميءَ ـــ جي ڪلام (”شاهه جي رسالي“، ”رسالي سچل سرمست“ ۽ ”ساميءَ جي سلوڪن“) جي ٽن جلدن (Trilogy) جي هڪ ٿي خصوصي اشاعت (ڊسمبر، ١٩٧٨ع) لاءِ مهاڳ طور پيش ڪيو وڃي.

٥- جولاءِ، ١٩٧٧ع تي، ضياءُالحق وارو خوني مارشل لا لڳي ويـو هو، ۽ خاص طرح سنڌ جي سچي فضا هڪ وڏيءَ گهٽ ۽ ٻُوسٽ ۾ ورتل هئي. مارشل لا کان اڳ، پيپلس پارٽي حڪومت جي پـوئين سال (١٩٧٦ع) ۾، سنڌ دشمن، رجعت پرست حلقن، خاص طور جماعت اسلاميءَ جي نظرياتي بلئڪ ميل جي دٻاءَ ۾ ايندي، حڪومت سنڌ، شهر شاهه جي شتڪري جو ڪم ڪيو، ۽ سنڌي ٻوليءَ جا لڳ ڀڳ هڪ سؤ ڪتاب ۽ رسالا هڪ ئي قلم جي نوڪ سان ضبط ڪري ڇڏيا.

دوستن جو انديشو هو تہ اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن هـن مهاڳ سان آها ٽن جلدن واري ايڊيشن شايـع ٿي، تہ پڪ ئي پڪ آها بہ ضبط ٿي ويندي. انهيءَ خيال سان، پوءِ فيصلو ڪيو ويوتہ آن خصوصي ايڊيشن لاءِ الڳ هڪ سڌو سادو ۽ ننڍو مهاڳ لکيو وڃي، ۽ هيءُ مضمون جدا ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي.

۽ ائين هـيءُ ڪتاب جڏهن پهريـون پيرو پڌرو ٿيو، تہ هڪ ئي مهيني ۾ آن جو پهريون ڇاپو وڪجي ويو. ترت ئي آن جو ٻيو ڇاپو ٣٠٠٠ ڪاپين جو آندو ويو، ۽ آن کان پوءِ بہ

هڪيٽي پنهنجي هين جا ٻه وڏيڪ ڇاپا شايع ٿي چڪا آهن. اِن طرح ڪتاب جو هيءُ ٽيجون ڇاپو آهي، جو سنڌي ادب جي باشعور ۽ باذوق پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

ڪتاب جي هِن ٽئين ڇاپي سان شامل، آخر ۾، موضوع سان لاڳاپيل پنج سنڌي مضمون ـــ "امن ۽ شاهه"، "نئون نماپو"، "سنڌ ۽ سنڌيت"، "سنڌ منهنجي خوابن جي"، ۽ "ڇيچ ۾ قطاران...."، ۽ هڪ انگريزي مضمون "Sindh and the Message of Shah"، جو پوئين سنڌي مضمون "ڇيچ ۾ قطاران ـــ" جو هڪ طرح اختصاريل هڪ ترجمو ٿي آهي، ۽ پڻ ڪتاب تي لکيل، عزيز دوست تاج جويي جو مضمون، بعنوان "تبصرو" به شامل ڪيا ويا آهن.

(م.ا.ج)

حيدرآباد سنڌ

آگسٽ ۲۳، ۱۹۹۰ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

مون هن مضمون ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي دورَ جو هڪ مطالعو پيش ڪيو آهي. ان ۾ مون ان دور سان گڏ، اجمالي طرح، خود ان دورَ جي پس منظر طور، سنڌي سماج جي تقريباً سڄي تاريخي دورَ جي سياسي، مذهبي ۽ تهذيبي صورتحال جو جائزو ورتو آهي. سنڌ جي تاريخ جو اهو هڪ وسيع سماجي پس منظر آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي شعر جي جامع مقصدَ ۽ ان جي اهميت کي سمجهي سگهجي ٿو.

سنڌي سماج جي تاريخ ۾ شاهه، سچل ۽ سامي ائين آهن، جيئن زمين جي اندر ان جي تهه ۾ بنهه پيٽ ۾ املهه ۽ جرڪندڙ هيرا. هن مضمون ۾ مون انهن جي سدا روشن فڪر ۽ پيغام جو ۽ سنڌي سماج لاءِ ان جي معنيٰ ۽ بنيادي اهميت جو جائزو پيش ڪيو آهي.

انهيءَ چوڻ جي واقعي ڪا ضرورت ڪانهي ته شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي دورَ ۽ سندن شعر جو هيءُ مطالعو منهنجو پنهنجو شخصي مطالعو آهي — پر ان جي حمايت ۾ مان ايترو ضرور چئي سگهان ٿو ته ڪو ٻيو به جيڪڏهن سنڌ جي هنن بزرگ شاعرن جي پيغام جو ساڳئي انهيءَ سماجي پس منظر جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺندو ته هو به ان ۾ اهائي معنيٰ ۽ اهو ئي بنيادي فهم ڏسندو، جيڪو مون کي شخصي طور ان ۾ ڏسڻ آيو آهي.

ٻولي جيڪڏهن ڪنهن قوم يا سماج جي سڄي تجربي جي يادداشت آهي، ته شاعري ان جي اهم تجربي جي يادداشت آهي. ۽ جيڪڏهن ڳالهه ان جي بهترين شاعريءَ جي هجي، ته ان جي افاديت به ان لاءِ اهڙي ئي انوکي، سچي ۽ اعليٰ ٿي سگهي ٿي. هن مطالعي ۾ مون شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي شعر جي انهيءَ اهميت ۽ انهيءَ افاديت جي ڳالهه ڪئي آهي.

مون سوچيو هو ته هن مضمون سان گڏ، ان جي مرڪزي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال جي مدد ۾، سنڌ جي هنن لاثاني شاعرن جي شعر جو انتخاب به ڏيئي ڇڏيان؛ پر ڪن دوستن جي صلاح پٺيءَ تہ مضمون پنهنجيءَ جاءِ تي جيئن هو تيئن شايع ڪجي، ۽ اهو پنهنجن سڄاڻ ۽ لائق پڙهندڙن تي ڇڏجي تہ هو آن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هنن مُحب وطن ۽ محبوب شاعرن جي سڄي شعر کي، جيڪو سنڌن سڄي ماضيءَ جي تهذيبي تاريخ جو ورثو هو، پاڻ پڙهن، سمجهن ۽ دل سان لائين.

انساني معاملن ۾ حسنؔ، نيڪي ۽ خيرؔ — آنهن جي سڄاڻپ، حاصلات ۽ تعميرَ — هي ڳالهيون جذبي ۽ عشق کان سواءِ ممڪن نہ آهن. ۽ جذبي ۽ عشق جون ڳالهيون يڪطرفي ايمان ۽ ٻي روح تشدد ۽ اقتدار جي ماحول ۾ ڪڏهن تہ دل ٻڌي ائين چئي ڇڏيون آهن، جيئن سچل سائينءَ چيڻ چاهيون ۽ چيون —

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٺي نہ وٺي....

پر اڪثر حالتن ۾، جيئن خود سچل سرمست بہ مناسب سمجهيو، آنهن کي سڌي سنئون چوڻ بدران ڪنهن رمز ۽ ڍنگ سان چوڻ ضروري ٿئي ٿو —

ماڻ ڪيان تان مشرڪ ٿيان، ڪڇان تان ڪافر،
اهڙيءَ وائيءَ ورؔ کو سمجهي ”سچيڏنو“ چوي.

اسين، جو ڪجهہ ٻڌون ٿا، پڙهون ٿا ۽ جو ڪجهہ سوچيون يا سمجهون ٿا، سو پنهنجي ماحول مطابق ۽ پنهنجن مسئلن جي روشنيءَ ۾. ڪنهن جي سامهون ڪهڙا مسئلا آهن — اهم ڳالهہ اها آهي. پنهنجن آنهن مسئلن جي روشنيءَ ۾ ئي هر ڪو ماڻهو ۽ هر ڪو سماجؔ پنهنجي راهہ جو ڏس پيچي ٿو ۽ ڳولي ٿو — پنهنجي تاريخ، پنهنجي ادب ۽ پنهنجي سڄي تهذيبي ورثي جي حاصلات مان. شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي ڪلام ۾ سنڌي سماج لاءِ اِن راهہ جو هن وقت ڪهڙو ڏس موجود آهي — اهو معلوم ڪرڻ اسان مان هرهڪ جو اڄ پهريون فرض آهي: سو هن مضمون ۾ سنڌن ڪلام ۾ آهيءَ ڏس جي لهڻ جي پنهنجي پٽر

۾ هڪ ڪوشش ڪئي آهي.

مضمون جي آخر ۾ ”اسمن ۽ شاهه“ جي عنوان سان پنهنجي هڪ مختصر ڳالهه، جيڪا تازو اسان جي ٽمون نهيءَ جي هڪ نمائنده اشاعت ۾ ڇپي هئي، آها جيئن جيئن تمون شامل ڪئي اٿم- جو مضمون جي مرڪزي خيال سان آها پوريءَ طرح لاڳاپيل آهي، بلڪ ان کي هڪ طرح هن مضمون جو اختصار چئي سگهجي ٿو.

آخر ۾ هڪ اعتراف ڪري ڇڏڻ بيحد ضروري آهي. هيءُ مضمون، جيئن پڙهندڙن جي اڳيان آهي، هرگز ممڪن نه ٿي سگهي ها، جيڪڏهن گذريل ڪجهه عرصي ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌ جي تاريخ جا اصلوڪا ماخذ شايع ٿيل نه هجن ها، ۽ خاص طرح جيڪڏهن اسان جي محترم بزرگ ۽ منهنجي عزيز ترين دوست پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي سنڌ جي تاريخ تي ڪيل تحقيق اشاعت هيٺ نه آيل هجي ها. اسان تي آن پنهنجي علمي ۽ سنڌ جي هن محب وطن بزرگ عالم ۽ دانشور جي دلي شڪرگذاري لازم آهي.

حيدرآباد سنڌ. — محمد ابراهيم جويو

١٧ جنوري، ١٩٧٨ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارُو ويرا ڳين ڪي، ويلَ مَ وساريج،
قدمَ ڪاپڙين جا ليلائي لهج،
پيرَت پسيو پٽَ جي، وڃڻ ڪي وڃج،
راتو ڏينهن رڙهج، آءٌ نہ جهتندي آن ري.

جڙ وڃايو جوڳين، ڪُل سين آهين ڪمُ،
آءُ جن عدمُ، آءٌ نہ جيئندي آن ري.

—

جي ڍانئين وَسَ چڙان، تہ سنگهارن سين لڏ،
تہ هاڃي سندي هڏ، ڪُوڪَ نہ سٽين ڪڏهين.

جي ڍانئين وَسَ چڙان، تہ سنگهارن سين گهار،
جنهن سندي واڙ، ڇورَ نہ ايندا ڪڏهين.

— —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچل

صورت ۾ جاءِ دم جي، دم ريءَ نه صورت ڪم جي،
دم ۾ جا لذت غم جي، وهه واهه ڳالهه خاصي.

ابليس جي وڏائي، هر ماڻس تي سوائي،
جهوڻ تہ دم ڦلائي، نہ تہ تهت نحس ناسي.

ثابت "سچل" سچاري، يارن جي ياد ٻاري،
وحدت جني وساري، تن تَنُ مٿي اٿاسي.

—

ڳگو گوندرُ غمُ، جي مون پچو جيڏيون،
منجهہ ڪشالي ڪَمُ، آهي ورهيہ وارئين.

متان وهين مات ۾، منجهہ جلديءَ جنل،
هتي ويهہ نہ، هنلُ، تان ڪي پڄين پتنڌ ڪي.

— —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامي

آڻ هوندي ٻولي، وڏو جيءُ ڀرم ۾،
جڻ ڪستوري ناپ ۾، مرگهه ٻاهر ڦولي.

—

عشق ۽ عقلُ، ٻئي ساڌنَ سمَ جا،
ساڌي لڌهه ”سامي“ چئي، آتمَ پدَ عملُ.

—

عجائب عقلُ، سالڪ ڏنو سڪ سان،
سمجهي روح راضي ٿيو، ڇڏي هنگاموهُلُ،
وحدت ۾ واصلُ، پرچي ٿيو پريم ۾.

—

ويدَ، پُرانَ، قُرآنُ ڪو سيني ۾ هڪ سُوتُ،
سمجهي ڏس ”سامي“ چئي، لائي منَ مضبوطُ.

—

خالقَ منجهه خلقَ، خالقُ سڀ خلق ۾،
سمجهي ڪو ”سامي“ چئي، ورلو جنُ هڪ.

—

نڪو آرُ نه پارُ، سپيريان جي سڪ جو،
سنٿانتيءَ بنان سڀ ڪي، اچي ڪينَ قرارُ.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُشڪ سان رامَ ڇَٽيِ، سانت ۾ اڇي جيءَ ڪي،
آنَ ٻاڻيءَ جي نانوَ سان ٻڪ آڃ ڪين لهي،
لڱر پوڇي ڪونم ڪو، ٻنهان هندَ ڪيئي،
ڳُرڳم رهت رهي، ته سُڪي ٿئي "سامي" ڇئي.

—

وڏو وچ وڇاءُ ڪهڙيءَ رهڻيءَ ٻــــاڻ ۾،
ورلي ڪنهن ڳرمُڪ کي "سامي" پيو سماءُ

—

آهــــن آڳم آپار، راهان رام ملڻ جـــون،
تن سيني ۾ هڪڙي، ساڏ سنگت نج سارَ.

—

ڪيڏي وڏائـــي، ڳُٽهان ساپـُرسن جـــي،
سم درسي، سمتل سدا، سڀ جـــا سُکدائي،
ممــــتا ميل انـــدر ۾، رکن نــــه رائِي،
"سامي" سدائي، ڪن اُپڪار آڇاهُه ٿـــي.

—

منجهين تـَنَ تنوارَ وڃـي ويل سيڪنهين،
ڇنگ تنـبورا، ڪيترا، آهـــن ساز اپـــار،
الٿي پهر انـــدر ۾ "سامي" پـرينءَ پچار،
ڪنهن ڪنهن مُڱٽهار، سُوجهيِ هِن سرود جي.

— —

شاهه - سچل - سامي

(١٦٨٩ع - ١٨٥٠ع)

- هڪ مطالعو -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

والي وسائيج، دردمنديءَ جو ڏيس،
پرين مون پرديس، آئي ايندم اوڏڙا!

— سچل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومون، ملڪ ۽ سماج پنهنجن شاعرن وسيلي سڃاتا ويندا آهن. سنڌ ۽ سنڌي سماج جي سڃاڻپ جا ٽي شاعر آهن ـ شاهه، سچل ۽ سامي. سنڌيءَ جا هي سونهارا ۽ سدا حيات شاعر سنڌي سماج جي سموريءَ چڱائيءَ، سموريءَ سونهن ۽ سموري سچ جا ڄاڻو، امين ۽ ترجمان آهن.

سنڌي سماج رڳو انهن حدن تائين محدود نه آهي، جيڪي جاگرافيائي يا سياسي طور اڄ سنڌ جون آهن ـ سنڌي سماج سنڌ کان ٻاهر پاڪستان ۾ توڙي پاڪستان کان ٻاهر به موجود آهي. جتي جتي ڪو سنڌي ڪٽنب آباد آهي، اتي سنڌي سماج موجود آهي، ۽ اتي انهن جي سڃاڻپ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ پنهنجن سڀني سنت شاعرن ـ شاهه، سچل ۽ ساميءَ ـ سان پريت ۽ سنڌ مان پڄي سگهي ٿي. ڪوبه سنڌ ۾ يا سنڌ کان ٻاهر رهندڙ ڪٽنب پاڻ کي سنڌي تڏهن ئي سڏائي ٿو پر پنهنجي گهر ۾ سنڌي ٻولي نٿو ڳالهائي ۽ سنڌ جي سماجي تاريخ جي هنن لاثاني هستين ۽ سنڌي سپتا جي هنن عظيم معمارن جي سار نٿو رکي، ته اهو پاڻ کي سنڌي سمجهڻ ۽ سنڌي سڏائڻ جو لائق يا حقدار نٿو چوائي سگهي.

* * *

ڪنهن قوم، ملڪ يا سماج ۾ عظيم انسان روز بروز پيدا ڪونه ٿا ٿين، ۽ جڏهن پيدا ٿين ٿا، تڏهن اهي آن جي نئين جنم جا ساکي ۽ سبب بنجي پيدا ٿين ٿا. هنن جي پنهنجي دور سان ڪا تيت ـ بدل هوندي آهي ۽ آهي تاريخ جي آن گهڙيءَ لاءِ پنهنجي ذات ۾ پراڻي ۽ نئين ٻنهي جا ترجمان بنجي بيهندا آهن. اهي نمايان صلاحيتن جا مالڪ ٿين ٿا ـ طاقتور ۽ بيحد اهم ۽ پنهنجن ماڻهن لاءِ نيون راهون گهڙي وڃن ٿا، جن تي ڪيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دورَ بلڪ آئينديءَ لاءِ هميشه آنهن کي هلندو پوندو آهي، ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ راهن جا پيا ڪي رخ آنهن لاءِ سڃاڻڻ جهڙا يا هلڻ جهڙا رهندا ئي نه آهن. آهي پاڻ سان ڪو خواب، ڪو آدرشي فڪر، ڪا فطري ڏاهپ کڻي ايندا آهن، جنهن سان هو پنهنجن ماڻهن کي پڌائيندا آهن، بلڪ ثابت ڪري ڏيکاريندا آهن، ته آنهن کي ڪهڙيءَ طرح پاڻ کي تيار ڪرڻ کپي، جو پنهنجي اجتماعي زندگيءَ ۾ هو راهه جي سڃاڻي هيٺ مٿانهين، ڏوڪن ۽ فريبن کان بچي سگهيا ٿي ۽ بچي سگهن ٿا. مهذب قومن هميشه پنهنجن اهڙن عظيم شخصن کي سڃاتو آهي، آنهن سان پنهنجا پيوند پختا ڪيا آهن، ۽ آنهن کي پنهنجي لاءِ املهه نعمت سمجهيو آهي.

قومن، ملڪن ۽ سماجن جا اهي مهاپرش ۽ محسن شخص پنهنجي پنهنجي دور جا باغي به هوندا آهن. هو پنهنجي دور جي مروج ۽ تسليم ٿيل تربيتي سرشتي جي پيداوار نه هوندا آهن، بلڪ پنهنجي ذات ۾ هو هڪ نئون ۽ انوکو ڪردار ٿي ساماڻيا آهن. چالو نظام ۽ سرشتا ته اڪثر گهٽ ۾ پريل، آڌي پٽي ۾ ورتل ۽ تنگ نگاهه شخص پيدا ڪندا آهن، جن جي هاڻ جون دريون پوريل هونديون آهن ۽ هو پاڻ کان ٻئي سڀ کي گهٽ سمجهندي ۽ پنهنجيءَ هڙ ڳالهه کي ٻئي جي ڳالهه کان مٿي ڄاڻندي، پاڻ ۾ توڙي ٻين سان جهيڙڻ ۽ جهڳڙي هٺ ۾ پورا هوندا آهن ۽ ائين بند ٿيل ۽ بيٺل پاڻيءَ وانگر ڍبا ۽ ڪنا ٿيندا رهندا آهن.

پر هو عظيم شخص پنهنجي سماج ۾ نئين انسان طور اڀرندا آهن ـ ۽ آن ۾ نئين انسان جي پيدا ڪرڻ جا داعي هوندا آهن، ۽ ائين آن ۾ نئون ساهه ۽ تازگي آڻڻ چاهيندا آهن. هو ذاتي مفاد کي ڇڏي، عام مفاد لاءِ لڇندا آهن، پاڻ کان هٽي ٻين لاءِ جيئندا آهن ـ سڄي سماج لاءِ، وسيع ۽ عام خلق جي نئينءَ زندگيءَ لاءِ.

هو سڄي پنهنجي عمر، سڄو پنهنجو وقت ۽ پوريءَ طرح، آنهيءَ پنهنجي هڪ سڀ ـ لاءِ ـ سک ۽ ساءَ ڀريءَ نئينءَ دنيا جي تعمير لاءِ گهندا ۽ گهرندا آهن. اها ئي پاڻ کان سندن لاپرواهي

۽ ٻين جي اونهن ۽ اهائي سندن هڪ مقصد جي لڳن ۽ آن لاءِ سندن ڪامل تانگهه ۽ ڪوشش ۽ آن کي پهچڻ لاءِ سندن عمر رواجي حوصلو ۽ همت ـ اهي ئي آنهن جي عظمت جون نشانيون هونديون آهن. آنهن لاءِ ئي چئي سگهبو آهي ته هو خوب پنهنجو وارو وڄائي ويا، ۽ آهي ئي پوءِ هميشه لاءِ جيئندا آهن.

تاريخ جي اهڙن آمر انسانن ۾ ڪي ٻنهي يڪتا ۽ بي بدل هوندا آهن ـ انهن جو ڪو مٽ ڪونه هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته جا حاصلات هو پنهنجي سماج، ملڪ ۽ قوم کي، ۽ آن جي معرفت سڄي عالم انسانيءَ کي، ڏيئي ويندا آهن، آها حاصلات ڪنهن به حالت ۾ ۽ ڪڏهن به ٻئي ڪنهن شخص جي هٿان ممڪن نه هوندي آهي. آها آملهه ۽ بي مثل حاصلات جسماني ۽ 'مادي' نوع جي نه هوندي آهي، آها انساني ذهن (روح) جي دنيا سان لاڳاپيل ۽ خالص تخليقي نوع جي هوندي آهي. جسماني ۽ مادّي حاصلات ڪيتري به اعليٰ ۽ ڪيتري بہ نفع بخش هجي، پر آن جهڙي ٻاڪ آن کان وڌيڪ اعليٰ ۽ وڌيڪ نفع بخش حاصلات ـ ڪا مهم، ڪا دريافت ۽ ڪا ايجاد ـ اڄ نہ تہ سڀاڻي، هڪ ڪان نہ تہ ٻئي ماڻهوءَ جي هٿان، سدائين ممڪن هوندي آهي. انسان جي اندر (دل، روح، ذهن) ۾ جو ڪجهه آهي ۽ آتي جو ڪجهه آپڙي ۽ آسري رهبو آهي، آن کي اهڙي روپ ۾ پڌرو ڪرڻ، جنهن کي ڏسي يا ٻُڌي ائين محسوس ٿئي جڻ آنهيءَ آنوکي ۽ آڇاتل اندر جي اسرار جي هڪ جهلڪ ماڻهوءَ جهٽي ورتي آهي ـ اها هڪ بنيادي ۽ بي بدل ذات آهي، جنهن جا رڳو فيلسوف، شاعر ۽ فنڪار ئي اهل ٿيا وڃن ٿا، ۽ آهي ئي پنهنجي وقت ۽ پنهنجي دنيا جي اصلي ۽ سچي آمنگ کي پنهنجي پنهنجي رنگ جو ڪو خاص روپ ڏيئي، ايندڙ نسلن ڏانهن دائمي ورثي جي صورت ۾ منتقل ڪري ويندا آهن.

ارسطوءَ جو قول آهي ته "شاعري فلسفي کان وڌيڪ فڪرانگيز ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق آموز ٿئي ٿي." اهو انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، جو شاعري مجموعي طور انساني فطرت ۾ زياده اونهو ڏسي ٿي ـ آن جي خصوصيت بلڪ آن جي عظمت جو دليل ٿي اهو آهي، جو آها اندر جي اسرار جي، ڳالهه جي اصل جي، 'اکرن' جي نه پر 'روح' جي، صورتگري ڪري ڏسي؛ ۽ پهو ته آها پنهنجي دور تي ۽ آن جي ماڻهن تي وڌيڪ تيز روشني وجهي ٿي، ۽ انهيءَ ڪري آنهن سان زياده يڪدل ٿي آنهن کي وڌيڪ چٽو ۽ صحيح سمجهي ٿي. هن سلسلي ۾ عظيم شاعريءَ لاءِ اهو به ضروري نه آهي ته آها پنهنجي وقت جي واقعن جا تفصيل بيان ڪري يا آنهن ڏانهن رڳو ڪو ڪُليل اشارو ئي ڪري ـ ڪڏهن ڪڏهن ائين نه ڪرڻ" مروج حالتن پٽاندر آن لاءِ لازمي ٿي پوندو آهي، بلڪ اڪثر آهو آن جي فنڪارانه ڪمال جو ئي دليل سمجهيو ويندو آهي. وقت جي حقيقتن جو سچو ۽ پورو عڪس سو آن ۾ ضرور موجود هوندو آهي، ۽ آن خيال کان آن ۾ تاريخ جي جهلڪ هوندي آهي؛ ساڳئي وقت آن ۾ آنهن حقيقتن جو تعبير به موجود هوندو آهي، ۽ آن لحاظ کان آن ۾ فلسفي يا حڪمت جي به جهلڪ هوندي آهي؛ تنهن کان سواءِ آن جي اظهاري صورت ۾ سمورن لطيف فنن جو پڙرو ۽ اشاراتي حسن موجود رهي ٿو ـ جو محسوس ڪرڻ کان علاوه ڏسي به سگهجي ٿو، ٻُڌي به سگهجي ٿو، ۽ ڪن حالتن ۾ 'چکي'، 'سونگهي' ۽ 'ڇُهي' به سگهجي ٿو ـ بلڪ آن جي آها 'حسن آريني' ئي آن جي بنيادي جان هوندي آهي، ۽ آن جي ڪري ئي عظيم شاعري هڪ لافاني شيءِ بنجي ٿي؛ عظيم شاعريءَ ۾، جيئن ٻيءَ هر تحرير ۾، موجود حقيقتن ۽ حڪمت جا ڪي نڪتا ۽ نشان وقت جي تبديل سان جهڪا ۽ غير ضروري به بنجي سگهن ٿا. پر آن جو حسن دائمي آهي ۽ آن ۾ آهو هر زماني ۽ هر دور ۾ من کي وڻڻ ۽ گرفت ۾ آڻڻ لاءِ موجود هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو شاعري پنهنجي حقيقت نگاريءَ، حڪمت ۽ حسن سان گڏ ريل دورن جي اعليٰ ۽ پرزور مقصدن ۽ امنگن جي نه رڳو امانتدار ۽ ترجمان

بلڪ آنهن جي توسيع ۽ تبليغ جي سب ڪان وڌ با اثر، دائمي ۽ واضح زبان يا وسيلو شمار ٿيندي پئي آئي آهي.

سنڌي سماج جي تاريخ ۾ مذهب * آن تي سدائين غالب رهيو آهي. سنڌي سماج جو، هر مذهب سان آن جي فاتحانہ حيثيت ۾، واسطو پيو آهي. آرين، ايرانين، يونانين، عربن ـ ويندي، وچ ۾، ٻڌمت جي 'آهنسڪ' گپتا گهرائي ۽ برهمن واد جي 'ويدانتي' راهہ گهرائي وارن ـ سڀني سنڌي سماج کي پنهنجي پنهنجي مذهب سان فاتحانہ، يا ڪم از ڪم حڪومتي، انداز ۾ روشناس ڪرايو. سنڌي سماج جي سڄيءَ تاريخ ۾ رڳو هڪ سؤ سالن (١٨٤٣ع کان ١٩٤٧ع تائين) جو عرصو اهڙو رهيو آهي، جڏهن مسيحي فاتح قوم پنهنجي سياسي ۽ تهذيبي فوقيت قائم رکڻ لاءِ مذهب کي هٿيار طور استعمال نہ ڪيو، بلڪ جنهن صورتحال کي جديد دنيا ۾ "مذهبي آزادي" يا "مذهبي لا تعلقي" چئجي ٿو، آن کي پنهنجي حڪومت جي واضح پاليسيءَ طور عمل ۾ آندو ۽ قائم رکيو. اها ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي، جو آن "مذهبي آزاديءَ" جي مختصر دور ۾ ئي اقتدار ۽ معتبرائيءَ کان محروم ۾ آن کي پيهر حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ ورتل مذهب، سياست

---

* "ڏسڻو هي آهي تہ مذهب جو، اقتدار جي دنيا ۾ يعني سياست ۾، ۽ اخلاقيات جي دنيا ۾، تاريخي عمل ڪهڙو رهيو آهي. اقتدار جي دنيا ۾، آن بيحد شدت ۽ ڪٺورتا کان ڪم ورتو آهي ـ لازمي طرح آن کي ائين ڪرڻو هو، ڇاڪاڻ تہ مذهب، پنهنجي معمول مطابق، پنهنجن معتقدن تي، جن کي ان سان سچي ايمان جي روشني ملي ٿي، هيءُ روحاني فرض عائد ڪري ٿو تہ هو ڪافرن کي ڪفر جي اونده مان ڪڍي ٻاهر ڪن. تنهن کان سواءِ، آن ايمان جي روشنيءَ جو خاص واسطو جسم کان وڌيڪ روح سان رهي ٿو، ۽ تاريخ آن حقيقت جو ثبوت سدائين بيشمار ڪافرن جي ماس ۽ رت (يعني آنهن جي لاشن) جي صورت ۾ پئي ڏنو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي هٿمو بڻائي، سنڌي سماج جي ايڪي باڪ اُن جي وجود ڪي وڏ ۾ وڏ نقصان پهچائي سگهيو. سنڌي سماج ۾، مذهب جي هن صدين کان هلندڙ سياسي غلبي، ۽ اُن غلبي جي لازمي شدت ۽ ڪٽرپڻي، سنڌ جي ذهني دنيا ۾، علمي سطح تي، ۽ مجموعي طور، ٻين ڳالهين کان علاوه هڪ خاص قسم جي ٻٽي ردعمل کي جنم ڏنو، جنهن کي "مذهبيت" کان مايوسي ۽ بيزاري، پر "مذهب" سان عقيدت ۽ راضپي جي روش چئي سگهجي ٿو – ايتري قدر، جو سنڌي سماج جي اها ٻٽي ذهني ڪيفيت، جنهن اُن ۾ مجموعي طور مذهبن ۽ مذهبي فرقن جي سلسلي ۾ سرچاءَ ۽ ڪشاده دليءَ جي عام روش کي جنم ڏنو، سنڌي تهذيب جي اوسر جو هڪ بنيادي ۽ مرڪزي پٿر بنجي ويو.

* * *

مذهب، رياست ۽ تهذيب انساني سماج جي تنظيم جا ٽي لازمي ۽ بنيادي شعبا آهن – لازمي ۽ بنيادي اِنهيءَ ڪري، جو آهي انساني نفسيات جي ازلي ۽ فطري تقاضائن جا جواب آهن. انسان کي، بنهه حيواني سطح کان وٺي اعليٰ انساني سطح تائين

هين سلسلي ۾ اها ڳالهه به پڌري آهي ته جيڪي سچي ايمان جي روشنيءَ کان انڪار ڪندا، آهي بهرحال اِنهيءَ کان به انڪاري هوندا ته مومنن کي مٿن حڪم هلائڻ يعني، صاف سڌن لفظن ۾، سندن ملڪ تي حڪمراني ڪرڻ جو ڪو حق آهي! بس، اِئين مقدس ايمان جي روشنيءَ ۽ اُن جي مقدس ڪتاب جي تبليغ سان ملڪن ۾ مؤمن قومن جي غلبي ۽ حڪمرانيءَ جي جهڙين ڪوڙن جو پورو جواز ۽ لاجواب سبب پيدا پئي ٿيو آهي. اِن ۾ جيڪڏهن چند داعي، مبلغ، درويش يا عالم شخصي طرح اخلاص ۽ پاڪبازيءَ جا پتلا به هئا، ته اُن ڪري اصل ڳالهه ۾ ڪو فرق ڪونه ٿي پيو – اُنهن جي پاڪبازيءَ ۽ لاطمعيءَ پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي وجود جي سلامتيءَ جي اونَ رهي ٿي – هو آڻ-ڏٺي جي خوف جو، ٻئي (پاڻ جهڙي حيوان) انسان جي خوف جو، ۽ خود پنهنجي اندر جي حيوان (بک، جنس، سُورَ وغيره) جي 'خوف' جو شڪار رهي ٿو. آن ٽن-پاسائين غير سلامتيءَ کان بچڻ لاءِ هو هڪ وڏو بچاءُ گهر ٺاهي ٿو، جنهن کي هو 'سماج' سڏي ٿو. پنهنجي آن وڏي بچاءَ گهر ۾ هو پوءِ خاص آنهن ٽن خوفن کان بچڻ لاءِ ٽي خول يا ڍَڪ ٺاهي ٿو – آڻ ڏٺي جي خوف کان مذهب جو خول، ٻئي انسان جي خوف کان رياست (راڄ، حڪومت سرڪار) جو خول، ۽ پنهنجي نفس يا حيواني فطرت جي 'خوف' کان يا آن جي اطمينان جي لاءِ تهذيب (ثقافت، سڀيتا) جو خول. مذهب جي خول ۾ ويهي، هُنَ کي آڻ-ڏٺيءَ ڪنهن پاڻ کان ٻريريءَ ۽ مٿيريءَ (واحد، ٻٽيءَ، تثليثي يا ڪثير نوع جي) طاقت کي ميڙو ۽ ميڙائڻو ۽ آن جي دوستانہ يا غيردوستانہ ڪرشمن کي پنهنجي ڪرڻ يا آنهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوي ٿي– اهو سڀڪجهه هُنَ جي ايمان يا ويساهہ جو مسئلو ۽ سلسلو آهي.

آن قوت ۽ اقتدار کي مدد، بچاءَ ۽ تقدس بخشڻ جو ڪم ٿي ڏنو، ۽ آن وچ ۾ آنهن جا ٻيا مؤمن ڀائر آها ئي قوت ۽ آهو ئي اقتدار" پنهنجي پوري جُهد ۽ جولان سان استعمال ڪندا ٿي رهيا، تہ جيئن پنهنجي آن جهاد جي عوض هو جنت جا مالڪ ۽ وارث بڻجي سگهن – آخرت جي جنت کان وڌيڪ هِنَ دنيا جي جنت جا، غلام ملڪن جي باغن ۽ کيتن جي جنت جا، آنهن جي وادين ۽ دريائن جي جنت جا، محڪوم قومن جي ڀگهر ۽ پورهئي ۽ رت ۽ سَتَ جي جنت جا. مقدس دين" – پنهنجن چند نيڪ ۽ متقي عالمن ۽ درويشن کان تقريباً لاتعلق – پنهنجن آنهن 'جنت'- پسند مجاهدن جي هر فتح ۽ آن جي بي انداز مال غنيمت کي پنهنجي خداي قدوس جي طرفان مؤمنن تي لازوال فضل ۽ ڪرم جي بارش ۽ سندس احسان عظيم چوندو ۽ ظاهر ڪندو رهيو–

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رياست جي خول ۾ وڃي، هُن کي هڪ جي طاقت ۽ مفاد کي ٻين جي طاقت ۽ مفاد سان ملائي، پنهنجي بچاءَ ۽ مفاد جي بندوبست کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻو پوي ٿو - اهو سڀڪجهه هُن لاءِ اجتماعي طاقت يا زور جي تنظيم ۽ استعمال جو مسئلو آهي. تهذيب جي خول ۾ ويهي، هُن کي پنهنجي حيواني ڇڪ ۽ ذهني آچل جي پوئواريءَ ۾، پنهنجي سکھ ۽ سمجھ آهر، ٻاهرين ۽ قدرت جي وسيلن کي پنهنجي وس ڪرڻو پوي ٿو ۽ خود پنهنجي آن ڇڪ ۽ آچل کي ضابطي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوي ٿي- اهو سڀڪجهه هُن جي پنهنجي عقل (دمني يا روحاني صلاحيت) جي اوسر ۽ استعمال جو مسئلو آهي. اهڙيءَ طرح ايمان يا وساهه مذهب جو بنياد ۽ اُن جي وڌڻ ۽ مضبوط ٿيڻ جو مرڪزي نقطو آهي؛ ۽ عقل يا ذهن" تهذيب جو بنياد ۽ اُن جي وڌڻ ۽ مضبوط ٿيڻ جو مرڪزي نقطو آهي. ايمان" ۽ طاقت آپي ۾ گهمنڊ ۾ پريل

برابر سمنڊن خدا ساڻن خوش هو ۽ هو پاڻ بہ خدا سان خوش هئا! اُهن، اخلاقيات جي دنيا ۾، هڪ" تہ مذهب پنهنجن معتقدن جي ذهنن ۾ اهڙو هڪ ڏئو واڌو ۽ بي سُرتيو غرور پريو تہ سمنڊن پنهنجو ڪردار ۽ پنهنجا اخلاقي قدر ٻين جي ڪردار ۽ اخلاقي قدرن کان بهرصورت بهتر ۽ اعليٰ هئا ۽ اِنهيءَ ڪري سمنڊن اهو حق بہ هو ۽ فرض بہ هو تہ ٻين جي عقيدن کي بدلائڻ ۽ انهن کي راهہ راست تي آڻڻ جي ڪوشش ڪن، ۽ اُن لاءِ هو هر قسم جي طريقن کي ڪم آڻڻ ۾ حق بجانب هئا: ۽ ٻيو تہ انساني تهذيبن جي اُن اختلاف ۽ ٽڪر ۾، ۽ اُن جي ابري ۾، مؤمنن جي عقيده پرست ۽ خود پسند جنون انساني اخلاقيات کي اهڙو هڪ اجهاگ ۽ پُرفريب روپ ڏيئي ڇڏيو، جهڙو سمنڊ" ڪڏهن اجهاگ هو ۽ جهڙو اڄ بہ هو پُرفريب آهي. اِنهيءَ ڪري اسين پوري اعتماد سان چئي سگهون ٿا تہ ڪوبہ جيڪڏهن چاهي تہ هو سچ پچ هڪ نيڪ ۽ بااخلاق انسان بڻجي (اسان کي دل ۾ اهو شڪ

۽ خودڪفيل هجڻ جي فريب ۾ مبتلا رهن ٿا، ۽ دائميت کي پنهنجو حق سمجهندي، ٿوري کان ٿوري ڪنهن ڦيرگهير يا تبديل لاءِ به تيار نه هوندا آهن، ۽ انهيءَ ڪري خاص طرح عقل جا هو ٻئي دشمن ۽ رقيب هوندا آهن - ڇو ته عقل سدائين ٻنهي جي خودپسنديءَ، خودسريءَ ۽ خود ڪفالت جي خام خياليءَ تي تنقيد ڪرڻ بلڪ آنهن جي مخالفت ڪرڻ ڏانهن مائل رهندو آهي. مذهب ۽ رياست جي شعبن جا ماڻهو انهيءَ ڪري سدائين پنهنجيءَ پنهنجيءَ دنيا کي تبديل کان بچائڻ ۽ جيئن جو تيئن قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهندا آهن، ۽ ماڻهن جي عقل جي استعمال يعني آنهن جي فڪر جي آزاديءَ کي گهٽيندا ۽ روڪيندا رهندا آهن. ايمان، يعني مذهب، پنهنجي مضبوطيءَ لاءِ طاقت يعني رياست جو قبضو يا ڪم از ڪم آن جي سرپرستي چاهيندو آهي، ۽ ساڳيءَ طرح رياست پنهنجي مضبوطيءَ لاءِ مذهب جو قبضو يا ڪم ازڪم آن جي مدد چاهيندي آهي، ۽ ٻئي گڏجي، سنئل" ڪيو، عقل تي متنبه هنيو ۽ زنجير وجهيو ويٺا رهندا آهن. هن سلسلي ۾ بهترين صورتحال ته ظاهر آهي ته هيءَ هئڻ گهرجي ته رياست ۽ مذهب - طاقت ۽ ايمان - ٻئي

آنڊو نه آهي ته نيڪ ۽ بااخلاق انسان بڻجڻ ممڪن به آهي يا نه؛ بلڪ آءٌ سمجهان ٿو ته اسان کي پورو يقين رکڻو آهي ته ائين ممڪن آهي)، ته هن کي سڀ کان پهريائين مقدس ايمان جي منع نامن، گناهن ۽ منافقتن کان پاڻ کي ڇني ڌار ڪرڻو آهي. تحقيق، جيڪڏهن خدا جي تصور يا مفهوم ۾ ڪا سچائي يا ڪا افاديت آهي، ته آها اِها ئي ٿي سگهي ٿي ته آن جي مدد سان اسين پنهنجي من ۾ وڌيڪ ڪشادا، وڌيڪ آزاد ۽ وڌيڪ پيار ڪندڙ انسان بڻجون. جيڪڏهن خدا اسان کي ائين ڪرڻ نٿو ڏئي سگهي، ته پوءِ بهتر آهي ته اسين آن جو نالو وٺڻ ڇڏي ڏيون."
[جيمس بالڊون (هڪ آمريڪي سياهه فام پادري): حوالو انگريزيءَ جي ڪتاب "Freedom Reason or Revolution" تان، ايڊيٽر- گارڊن ٻوڪر، روليج آئنڊ ڪاگن پال لميٽيڊ، لنڊن، ١٩٧٠ع.]

عقل يعني تهذيب جي ضابطي ۽ تاديب هيٺ رهڻ ۽ اُن جي اوسر ۽ واڌاري لاءِ ڪم اچن. پر عملي طور اڪثر ائين ٿيندو آيو آهي ته ڪڏهن رياست مذهب کي هٿيو بڻائيندي آهي ۽ ڪڏهن مذهب" رياست کي ۽ ٻئي سدائين تهذيب تي آڪرا بڻيا ۽ اُن کي اڳتي وڌڻ ۽ اُسرڻ کان روڪيو بيٺا هوندا آهن– انهيءَ لاءِ ته متان آزاد عقل" اُنهن جي تبديل يا ترديد جا ڪي سامان نه تيار ڪري وجهي. پوءِ جڏهن مذهب يا رياست، يعني ايمان" ۽ طاقت، ڪجهه وڏيڪ عرصو عقل (تهذيب) جي سنگ کان محروم رهندا آهن، بلڪ اُن کي پيڙي، نپوڙي، ڪانئر ۽ ڪنگلو ڪري ڇڏيندا آهن، تڏهن اُنهن جي پنهنجي بي روح ۽ بي طاقت وجود جو حال اهو ٿيندو آهي، جيئن ڪي جهونا وڻ اندران سڃا کاڌا پيا هوندا آهن، ۽ رڳو ٿڙ جي ٻاهرين کور جي آڌار تي جيئن جو تيئن بيٺا هوندا آهن، ۽ ٻاهران ڏيکاءَ جا ڪي ساوا پن ۽ سايون ٽاريون به جهليو بيٺا هوندا آهن - بنهه اهڙا ڄڻ ڪي تازا توانا آهن؛ ۽ ائين هو سالن جا سال، بلڪ ڪن حالتن ۾ صدين تائين ڪوڙيءَ پائداريءَ جو ڏيک ڏيندا رهندا آهن - پر بي مقصديا، بي مقصديا، رڳو ريت رسم، ڪريا ڪرم ۽ ادارن جي انتظام جي اڏبر ۾ پورا - سڄي سماج تي ڇتئي، پاڻ تائين پورا، سڄيءَ خلق، سڄيءَ قوم ۽ سڄي اجتماع لاءِ سواءِ خواريءَ ۽ آزار جي ٻيو ڪجهه به نه.

مذهب ۽ رياست جي ائين گڏجڻ سان – پوءِ اُن ۾ فوقيت ڪنهن کي به حاصل هجي – ذهني هوڏ ۽ اقتدار جي آپيشاهي جنم وٺي ٿي. اُن ۾ طاقت سيڙپ جُڙي، حاڪم ۽ 'مُلي' جي صورت ۾ هڪ هنڌ وچي جمع ٿئي ٿي – هن نظريي جي بنياد تي ته سڀ طاقت جو منبع يا سرچشمو اڻ ـ ڏٺو ڪو اصل آهي، جنهن تائين رسائي محدود ۽ مخصوص آهي. اُن صورتحال ۾ سمورا آدرش ۽ آسنگ سڙي سُڪي، نيستا ٿي، ختم ٿي وڃن ٿا – زندگيءَ جي آڃ ۾ پوءِ فقط ٻه ڏسڻ ۾ ايندڙ نقطا وڃي رهي ٿا – هڪڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم ۽ پيو درويش، هڪڙو امير پيو ’فقير‘ جتي ڪٿي آنهن پڻ ’بادشاهن‘ جي لئي هوندي آهي. ذهن ۾ ڪائنات يا فطرت ۽ اُن جي قانونن جي مطالعي جي سڄي سڪ مري وڃي ٿي ۽ سڄو امنگ مانو ٿي وڃي ٿو، ڇو ته ڪائنات جي سمنڊن سڏي، سولي ۽ مستند معنيٰ ”دنيا ۽ آخرت“، ۽ علم جي معنيٰ ”الهامي ڪتاب“، ۽ آدرش جي معنيٰ ”روح ۽ اُن جي نجات“ — بس ڳالهه پوري — مطلب ته پاڻ کان مٿي ۽ پاڻ کان ٻاهر ماڻهو نه چڙهي سگهي ۽ نه نڪري سگهي. مذهب ۽ رياست جي هن ذهني تعطل ۽ آپشاهيءَ ۾ آخرڪار وري به رياست جي آپشاهي وڌي ٿي ۽ مضبوط ٿئي ٿي — يعني طاقت ۽ محض طاقت، ۽ آها پوءِ مذهب کي پنهنجو اوزار ڪري استعمال ڪري ٿي - ڇاهي مذهب پنهنجي برتريءَ جي ڪيتري به هام هڻي ۽ لاف زني ڪندو رهي. نتيجي طور، اهڙي اتحاد ۾ مذهب ۽ رياست ٻئي هڪٻئي جي زوال جا سبب بنجن ٿا ۽ معاشري ۾ پنهنجي منصبي ۽ بنيادي ڪارج پوري ڪرڻ جي به اهليت وڃائي ويهن ٿا — نه رياست ۾ فرد کي جان، مال ۽ عزت جي تحفظ جي ضمانت مهيا رهي ٿي، ۽ نه مذهب ماڻهوءَ لاءِ آڻ-ڏٺي کان اميد ۽ خوف جي ماتر وسيلي يا ڏيڍ جوئي کو ڪم ڏيئي سگهي ٿو.

جڏهن ڪنهن سماج ۾ مذهب ۽ رياست پنهنجي ’بي اثريءَ‘، جمود، تشدد ۽ تنگ نگاهيءَ جي اهڙيءَ حالت تي وڃي رسندا آهن، تڏهن آهو سماج بحران (Crisis) ۾ ونڃي ويندو آهي. ايمان ۽ طاقت جامد آهن ۽ جامد رهڻ گهرن ٿا، پر عقل ۽ امنگ متحرڪ آهن ۽ اڳتي وڌڻ چاهين ٿا. عقل ۽ امنگ جي آڏو ڪي به بند ٻڌي نٿا سگهجن. رڪجي رڪجي، گهٽجي گهٽجي، حساس ذهنن ۾ ڪنهن بهشت جو خواب جلوه‌گر ٿئي ٿو، ۽ عام ماڻهو بيزاريءَ ۽ انتقام جي جوش ۾ اچن ٿا، ۽ پوءِ ڪنهن زوردار ڌماڪي يا ٻاهر جي ٻڙڪي کي روڪڻ ڏاڍو مشڪل ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. انساني فطرت جي نيڪيءَ جو اصول ڪنهن بهشت جو خواب جهٽيندڙ آن جو اهو احساس آهي: آن جي چڱائيءَ جي علامت ڪنهن موجود جهنم جي خلاف آن جو اهو انتقامي جوش آهي. ۽ جوش، صاف ۽ سچو جوش - پراڻي کي ڊاهڻ جو ايترو نه، پر آن کان وڌيڪ نئين کي اڏڻ جو جوش، عظيم نتيجن کي جنم ڏيندو آهي. نئين ۽ اعليٰ حسن جو اهو لطيف ۽ تيز احساس، ۽ آن لاثاني حسن سان وصال جو اهو سچو ۽ خود فروشانه جوش"، قومن، ملڪن ۽ سماجن جي بحراني دورن ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن- ڇو ته بحران، حالتن جي ڪاياپلٽ لاءِ فطرت جا وسيلا هوندا آهن، ۽ بحرانن ۾ ئي قومن جي قسمت جا بنيادي سوال اٿندا آهن ۽ وڏن آنهن جي حل ٿيڻ جي زمين هموار ٿيندي آهي. بحرانن ۾ ڪيترا ئي بيجان ۽ فضول ادارا ختم ٿي وڃن ٿا، جيڪي تاريخ يا روايت سبب سماج جي وجود سان چنبڙيا پيا هوندا آهن، ۽ ٻي ڪنهن طريقي سان هرگز وڃڻ ۽ آن مان هٿ ڪڍڻ جو نالو ئي نه وٺندا آهن. ڪنهن بحراني دور جو ڪو هنگامو يا حادثو حساس ذهن کي نقصان ڪونه ٿو پهچائي سگهي. بلڪ غير سلامتيءَ جي حالت ۾ عظيم روحاني قوتون، جيڪي اڳ سُتل هيون، چرڪ کائي آٿن ٿيون. حساس ذهن جا مالڪ، طاقتور ۽ جاندار مفڪر، شاعر ۽ فنڪار، خطري جي فضا کي سٺو ٿا سمجهن، ڇاڪاڻ ته هو طاقتور ۽ جاندار انسان آهن. وڏن ۽ ڏکدائڪ تجربن ۾ ذهن پختا ٿين ٿا ۽ آنهن کي نئون معيار ملي ٿو. هو ڌرتيءَ تي زندگيءَ بابت وڌيڪ آزاد ۽ ڀروسي جهڙي فيصلي تي پهچن ٿا. برخلاف ان جي، مڪمل سانت واري ماحول ۾ تخليقي ذهن کي ذاتي زندگيءَ جا مفاد ۽ سک ڪوريئڙي جي جار وانگر وڙهي نيستو ڪري ڇڏين ٿا، ۽ آنهن جي عظمت ڪسجي وڃي ٿي. آن صورت ۾ پوءِ محض ٺلهيءَ ۽ بي فيض لياقت وارا ماڻهو وڌي اڳيان اچن ٿا ۽ آنهن لاءِ فن، فڪر ۽ ادب رڳو هڪ تجارت يا سوداگري ٿي پون ٿا- ڇو ته هو هوندا ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاجر ۽ سوداگر آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي ’لياقت‘ مان وڏا ذاتي فائدا وٺن ٿا، ۽ آن لاءِ هنن کي ڪوبه دک يا تڪليف سهڻي ڪانه ٿي پوي - ڇو ته منجهن ڪا به اوچ ڪانڻ واري ذات ڪانه هوندي آهي - درحقيقت آهن ۾ اڪثر ڪا بهان ڪرڻ جهڙي لياقت به ڪانه هوندي آهي. سچيءَ پڇيءَ ڪنهن بحراني صورتحال ۾ اهڙا هلڪا ۽ ننڍا ماڻهو بهرحال ڪک پن ٿي ويندا آهن. بحرانن ۾ يگانا ذات ڏئي ۽ عظيم شخص ئي مثل زندگيءَ ۾ جان وجهندڙ تحريڪن جا مرڪز، محرڪ ۽ واضح نشان يا اظهار ٿي آيرلدا آهن. آنهن جي وجود سان ئي تاريخ جي آنهن دورن کي مان“ ۽ مٿيا ملندي آهي، ۽ آهو ئي مان“ ۽ آها ئي مٿيا پوءِ ماضيءَ جو ڳرو قرض بڻجي آئنده نسلن ڏانهن منتقل ٿئي ٿو- ماضيءَ جو حال جي ڪاتي ۾ ڪ ٿي ڪان باهر ڳرو قرض، جو وڌندو ئي رهندو آهي، ڳهٽ ڪڏهن به نه ٿيندو آهي - هڪ سدا جاري رهندڙ سلسلو، هڪ سدا وهندڙ رستو، جنهن جي يادداشت کي ئي تاريخ ٿو چئجي. آنهيءَ رستي سان ئي انساني ذهن کي پنهنجي اهميت جي شعور جو احساس ٿئي ٿو، آنهيءَ رستي سان ئي انسان پنهنجي عظمت ۽ جوهر واقف ٿئي ٿو- انسان“، تهذيب جي رستي سان وڌندڙ انسان“، سڀني شين جو ازلي مرڪز، دک سهندڙ، اڳتي نگاهه رکندڙ، جاکوڙ ڪندڙ، پورهيو ڪندڙ- اڄ به هُو ائين آهي، ڪالهه به ائين هو، ۽ سدائين هُو ائين ئي رهندو. اِها حقيقت اسان کي هميشه ياد رکڻ گهرجي: بيءَ حالت ۾ اسان کان پنهنجي اعليٰ روحاني ورثي جي اهميت جو پورو قدر ٿي ئي نه سگهندو.

* * *

شاهه، سچل ۽ سامي، عظمت جي صحيح معنيٰ ۾، سنڌي سماج جا عظيم ماڻهو آهن. آهي سنڌي سماج جي هڪ وڏي بحراني دور جي پيداوار آهن. هو ذهني (روحاني) دنيا جا عظيم

تخليق ڪار آهن. هو پنهنجي ذات ۽ ذاتاريءَ ٻنهي ۾ بي مثل ۽ بي بدل آهن. هو سنڌي سماج جي نئين جنم جا نقيب آهن. هو مفڪر به، شاعر به، ۽ فنڪار به هئا. هو ٻين لاءِ جيئندڙ، عام مفاد لاءِ لڙندڙ ۽ سڄي پنهنجي زندگي هڪ ئي مقصد لاءِ پاڻ پچائيندڙ ۽ هڪ ئي آدرش جا فدائي هئا. هنن پنهنجي دورَ ۽ پنهنجي دنيا جي اندرَ جي اصلي ۽ سچي امنگ کي سمجهيو هو، آن ۾ جيڪا نئين معنيٰ تڙپي رهي هئي، ۽ جيڪو نئون ساهه سيڙجي ۽ ساڻجي رهيو هو، آن کي هُنن ڄاتو هو. هنن کي معلوم هو ته سنڌ جي رهندڙ سنڌن سانگين ۽ مارن ڇا چاهيو ٿي ۽ ڇا ڏڪاريو ٿي، ۽ آنهن جي زندگيءَ ۾ ڇا خسيس هو ۽ ڇا بنيادي ۽ اهم هو. هنن پنهنجن ماڻهن کي قوم بنجڻ جو ڏِڳ سيکاريو ۽ رستو ڏيکاريو- آهو رستو، جنهن تي آنهن کي آئيندي لاءِ هميشه هلڻو هو ۽ آن کان سواءِ اڳتي هلڻ جو ٻيو ڪو رخ انهن جي سلامتيءَ لاءِ ممڪن ڪونه هو. هو پاڻ سان ڪو خواب، ڪو آدرشي فڪر، ڪا فطري ڏاهپ کڻي آيا هئا، جيڪا سنڌن ملڪ، قوم ۽ سماج لاءِ ته آب حيات هئي، پر آها سڄي عالم انسانيءَ جي خير ۽ برڪت، سک ۽ عافيت لاءِ هڪ پڌرو ۽ ڪامل نسخو هو. شاعرن ۽ فنڪارن جي هڪڙي پيلاري عادت آهي ته هو آنهن شين کي، جن کي هو ڪن سببن ڪري اهم سمجهندا آهن، دائميت ڏيڻ يا لافاني ڪرڻ گهرندا آهن. عظيم ماڻهن کي پاڻ کان پوءِ جي ايندڙ نسلن جي ڪا خبر ته ڪانه هوندي آهي، پر ڪِين انهن جو خيال به هوندو آهي، ان لاءِ به خاطريءَ سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي. پر هو پنهنجي وقت سان پيٺ هوندا آهن ۽ آن جي اصلي دک کي ڄاڻندا آهن، ۽ آن دک جي بنياد کي ڄاڻندا آهن ۽ اهو پنهنجي اندر جي اٿاهه گهراين ۾ هو محسوس ڪندا آهن، ۽ پوءِ پنهنجي آن عميق ۽ انمول احساس کي هو دائميت ڏيندا آهن ۽ لافاني بنائيندا آهن، ۽ آهو پوءِ سنڌن پنهنجي ملڪ، قوم ۽ سماج لاءِ ۽ آنهن جي وساطت سان سڄيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا لاءِ دائمي دارونءَ جو ڪم ڏيندو آهي. شاهہ، سچل ۽ سامي پنهنجي ملڪ، قوم ۽ سماج لاءِ آهڙا حڪم حاذق ۽ يگانا وبج هئا. هُنن سنڌي سماج جي هيٺائيءَ کي سڃاتو هو، جنهن اَن کي وقت جي بحران سان دوچار ڪيو هو، ۽ هُنن اَن لاءِ نجات جي راهہ تجويز ڪئي هئي. سنڌي سماج کي انهن پنهنجن عظيم بزرگن ۽ سدا حيات سنت رهبرن جي ڏسيل اَن انساني راهہ کي سڃاڻڻو آهي ۽ اَن تي هلڻو آهي: ممڪن آهي، بلڪ خاطريءَ سان اڄ چئي سگهجي ٿو، تہ اَن راهہ تي پوريءَ طرح نہ بيهڻ ۽ ان کي ڇڏي ٻيءَ راهہ لڳڻ سبب ئي سنڌي سماج اڄ ايڏو اوجهڙ ۾ وڃي پيو آهي، ۽ اڄ يا سڀان، ڏورين گهڻين ڏينهن، وري بہ ان کي سڃاڻڻ ۽ اَن جي رخ سان اڳتي وڌڻ سان ئي آهو پاڻ کي سڃاڻي سگهي ٿو، پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي سگهي ٿو، ۽ پاڻ لاءِ ۽ بني نوع انسان لاءِ پنهنجي هئڻ يا نہ هئڻ جي اهميت کي سمجهي سگهي ٿو، ثابت ڪري سگهي ٿو ۽ مڃرائي سگهي ٿو.

شاهہ، سچل ۽ سامي سنڌ جي تاريخ ۾ هڪڙي ئي دور جا، بلڪ ذري گهٽ سهيوڳي شاعر هئا. سچل ۽ سامي تہ ذري گهٽ هم عمر بہ هئا. سچل جو جنم 1729ع ۾ ۽ ساميءَ جو 1730ع ۾ ٿيو. سچل تقريباً هڪ سؤ ورهين جي عمر ماڻي، 1829ع ۾ ۽ ساميءَ هڪ سؤ ويهہ ورهين جي عمر ۾، 1850ع ۾، هيءَ جهان ڇڏيو. درازا ۽ شڪارپور هڪٻئي کان ٻن ڏينهن جي پيادل پنڌ تي مس هئا- سواريءَ جو پنڌ تہ وچ ۾ ڏينهن جي ڇئن پهرن جو مس هو. هڪ سؤ ورهين جي مدت ڪا ٿوري مدت بہ ڪانهي، ۽ هو ننڍيا ماڻهو بہ ڪونہ هئا، جو هڪٻئي جي ڳالهين کان اڻواقف هجن. هو ٻئي تقريباً 22 ورهين جي زنده دل جوانيءَ ۾ هئا، جو شاهہ فوت ٿيو. سچل لاءِ تہ شاهہ سائينءَ پاڻ چيو هو تہ ”اسان جي رڌل ڪُنيءَ جو ڍڪڻ هيءُ لاهيندو“- مطلب تہ هيءُ اسان جي اندر جي ڳالهہ کي وڌيڪ آشڪار ۽ دل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيغام ڪي عام ڪندو. پنهنجي انهيءَ پيغام ۽ انهيءَ ڳالهہ بابت، پنهنجي شعري تخليق ڏانهن اشارو ڪندي، پاڻ چيو اٿن تہ ”جي تون بيت ڀانئيين، سي آيتون آهين،“ ۽ آهي يعني انهن آيتن جو فڪر تو ڪي نيئي پنهنجي پرينءَ (منزل مقصود) تائين پهچائيندو. بلڪل ائين جيئن ايران جي عظيم درويش شاعر روميءَ جي مثنويءَ بابت چيل آهي تہ ”پهلوي زبان ۾ اصل (معنوي) ۽ نج (مولوي = مولا وارو) قرآن هو، جنهن جو مغز هڏن ڪان الڳ ڪري، فارسي ٻولي ڳالهائيندڙ ايراني قوم جي رهبريءَ لاءِ انهيءَ جي آڏو رکيو ويو هو.“ هوڏانهن ساميءَ جو پنهنجي ڪوتا لاءِ چوڻ هو تہ ”ويدن جو ويچار تو ڪي سنڌيءَ ۾ سٽايان“ يعني، هڪ ڀاسي شاهہ ۽ سچل هئا، جن اسلام جي قرآن جو تفسير ۽ تعبير سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي سنڌي سماج (مسلمانن ۽ هندن ٻنهي) کي سيکارڻ ۽ سمجهائڻ ٿي چاهيو؛ ۽ ٻئي ڀاسي سامي هو، جنهن هندو ڌرم جي ويدن جو ارٿ ۽ سمجهاڻي سا ڳئي انهيءَ سنڌي سماج کي، يعني هندن ۽ مسلمانن ٻنهي کي، ڏيڻ گهري ٿي. عربي ۽ سنسڪرت جن ۾ اهي آيل هئا، ٻئي سنڌن مڃيندڙن لاءِ ڌاريون زبانون هيون. انهيءَ ڪان وڌيڪ انهن لاءِ هينئن پنهنجن ايماني صحيفن کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي هيءَ هئي، جو انهن جي نظر ۾ سچو حق انهن جي پنهنجي پنهنجي صحيفي ۾ هو، جن جو هڪ هڪ اکر حق هو ۽ جن جي انهيءَ پنهنجي پنهنجي حق ۾ ڪابہ تبديلي ڪڏهن ڪانہ اچي هئي، بلڪ ان جو رکيو ويچار بہ ممنوع هو؛ سا ڳئي وقت انهن ٽي سنڌن آسماني صحيفن جا ٻيشہ ور ۽ ماهر سمجهائيندڙ (ملا ۽ پنڊت) وٽن موجود هئا، جن انهن جي سمجهاڻي ۽ وضاحت اهڙي ٿي ڏني، جو سمجهائڻ بدران ڳالهہ کي هنن منجهائي ٿي ڇڏيو؛ ۽ پنهنجي پر ۾ قرآن توڙي ويدن وارا پنهنجي پنهنجي سوچ تي ميڙيا، هڪٻئي تي ڪاوڙيا، سنڌي سماج ۾ ٻنهي ۽ سنڌن بدران تفرقي ۽ فساد جا سبب بڻيا پيا ٿي رهيا. انهن مان هڪ ڌر تہ رياست تي قبضو ڄمايو، انهيءَ جي سموريءَ طاقت کي پنهنجو هٿيو

ٻڌايو، چوطرف ذهني گهٽ ۽ ٻوسٽ جي دنيا قائم ڪئي ويئي هئي. شاهه، سچل ۽ ساميءَ سنڌي سماج کي اهڙي تفرقي ۽ فساد ۽ اهڙيءَ روحاني گهٽ کان بچائڻ چاهيو ٿي. پنهنجي دور جي انهيءَ ڳالهه کي هُنن بيحد اهم ٿي سمجهيو. اُن جي جاءِ تي هُنن سنڌي سماج ۾ امن ۽ اتحاد، سهپ ۽ سک، ۽ ضمير جي آزاديءَ جي دنيا آباد ڏسڻ ٿي گهري. نئينءَ دنيا جي اُن حسين خواب جي آجهل احساس ۽ ٻهڙڪ جوش کين سڄي عمر سک سمهڻ نه ڏنو، ۽ هو اُن لاءِ سدائين لڇندا ۽ لوڇيندا رهيا، ۽ ائين هو پنهنجي وقت سان پنهنجي پوري وس آهر پنهنجو بهترين ناتو نڀائي، ۽ انساني تهذيب جو اهو هڪ بهترين اصول اُن کي هڪ ڀيرو ٻيهر ٻڌائي ۽ سمجهائي، نه رڳو سنڌي سماج بلڪ بني نوع انسان جي تاريخ ۾ عظيم ۽ امر انسان بڻجي ويا.

* * *

ماڻهو ڪيئن ۽ ڪڏهن رياست (State) بڻجن ٿا ۽ ڪيئن ۽ ڪڏهن قوم (Nation) بڻجن ٿا - انساني تاريخ جا اهي نهايت بنيادي ۽ گنڀير سوال رهيا آهن. هونئن ته ملڪن، سماجن ۽ قومن جي غلاميءَ جا زمانا مجموعي طور سندن زندگيءَ جا بُحراني دور هوندا آهن، ڇو ته انهن ئي دورن ۾ هُنن جو وجود خطري هيٺ هوندو آهي ۽ هو آزمائش ۾ مبتلا هوندا آهن، پر خاص طرح جڏهن جڏهن اهي پنهنجي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ مصروف هولدا آهن، سندن تاريخ جا بنيادي طور بُحراني دور ۽ اهم ترين دور اهي هوندا آهن. شاهه، سچل ۽ ساميءَ جو دور (تقريباً، 1700-1850ع) سنڌي سماج جي تاريخ جو اهڙو هڪ اهم ترين ۽ بنيادي طور بُحراني دور هو.

نائين صدي عيسويءَ جي اڌ کان وٺي سورهين صديءَ جي شروع تائين، ذري گهٽ ست سؤ ورهيه لاڳيتا، سنڌ جي رياست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي ماڻهن جي قبضي ۾ رهي- پنج سؤ ورهين کان ڪجهه وڌيڪ سومرن جي ۽ ڏري گهٽ 200 ورهيه سمن جي. سنڌ جي تاريخ جو هيءُ دور سنڌي سماج جي بنيادي اوسر جو دور هو. سنڌ جا تقريباً سمورا تاريخي ۽ نيم تاريخي قصا ۽ فخريه ڳالهيون، ڏند ڪٿائون، لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ گيت ۽ لوڪ سورما الهيءَ پنهنجي آزاد رياست جي لاڳيتي ڊگهي عرصي سان تعلق رکن ٿا. سنڌ جي تاريخ جو اهو ئي دور هو، جنهن لاءِ صحيح طور چئي سگهجي ٿو ته اهو سنڌي سماج جي تهذيب جو اڳرو ۽ ترجيحي دور هو: آن سڄي دور ۾ سنڌي سماج جي مذهب ۽ رياست پنهي سنڌي سماج جي تهذيبي اوسر ۽ اڏاوت جو ڪم ڏنو. ملڪي سرحدن جي بچاءَ جا جتن، سماجي خوشحاليءَ جون ڪوششون، سنڌي ڪردار جي ذهني پرورش ۽ اخلاقي تعمير، سنڌي سماج جي تاريخ جي صورت ۽ ساخت، جيڪا هن دور ۾ عمل ۾ آئي، آن جو پهو مثال سنڌ جي تاريخ ۾ ڪونه ٿو ملي. سنڌ جي تاريخ جو هيءُ غير معمولي قومي اهميت جو دور 1520ع ۾ ختم ٿيو. آن جي خاتمي تي سنڌي ماڻهن پنهنجو آٺ-ميو خون وهايو. آن خون ۾ سنڌي سماج جي هر حصي ۽ هر فرقي جو خون شامل هو. عظيم مقصدن لاءِ خود- قربانيءَ جي طويل سلسلي ۾ هن هڪ بنهه انوکيءَ قربانيءَ جي مثال جو اضافو به ڪيو: سنڌن هڪ وطن دوست مذهبي عالم -- سدا حيات، عظيم شهيد، مخدوم بلال -- جنڊرو گهاڻي ۾ پيڙجي وطن تان قربان ٿي ويو. هڪ پيرو اڳي به سنڌ جي تاريخ ۾ آن جي مذهبي مربراهن پنهنجي وطن عزيز لاءِ ائين پنهنجا سر ڏنا هئا: 325 ق.م. جڏهن يونان جو سڪندر اعظم پنهنجي فتحمند لشڪر سان سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿيو، تڏهن ڪيس پڌايو ويو ته آتي ”هڪ اهڙو مخفي اثر موجود هو، جيڪو ڌارين جي مقابلي لاءِ ماڻهن جي ارادي کي مضبوط ڪري سگهيو ٿي“ -- اهو مخفي اثر برهمڻن جو هو، جڪي پڙءِ واقعي سچو وقت پنهنجن ماڻهن کي دشمن جي خلاف وري

گڏ ٿي ۽ وري وري آنـي وڙهڻ لاءِ آڀاريندا رهيا، ۽ آنهن مان گڏ پاڻ به قربان ٿيندا رهيا. ٻه اهڙا واقعا تاريخ ۾ بيان ڪيل آهن: هڪڙو سمبس (سمه؟) قبيلي جي راجڌاني سِنڊيمن (سيوهڻ) شهر جو، جتي فتح ڪان پوءِ، سڀ ڪان اول، سڪندر سيني برهمڻن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ڇو ته "هُن کي معلوم هو ته آنهن ئي ماڻهن کي مقابلي لاءِ اڀاريو هو"؛ ۽ ٻيو ماسيڪانس (ماڇي؟) قبيلي جي شڪست کاڌل ("راءِ") جو، جنهن کي "بادشاهه سندس ئي راجڌانيءَ (الور) جي چوڌڪ تي آتان جي سيني برهمڻن سان گڏ ڦاسيءَ تي چاڙهڻ جو حڪم ڏنو، ڇو ته آنهن ئي هن کي اُئين مقابلي لاءِ آماده ڪيو هو." پر اهڙين بي مثل قربانين جي پيش ڪرڻ کان پوءِ به نه سنڌ جون الڳ الڳ رياستون يونانين کان تڏهن محفوظ رهي سگهيون ۽ نه ٻه هزار سال پوءِ هڪ سمي ڄام جي حڪم هيٺ سنڌ جي مرڪزي رياست ئي ارغونن جي وحشي حملي آورن کان بچي سگهي.

ڪو به سماج، ڪو به ملڪ، ڪا به قوم اُئين ڪنهن ٻاهر کان آيل ڌارينءَ طاقت هٿان هار کائي نٿي سگهي، ۽ هار کائڻ کان پوءِ لاڳيتو گهڻو عرصو مجبور ۽ محڪوم رهي نٿي سگهي، جيستائين جو آن ۾ پنهنجي ڪا اندروني ڪمزوري يا اوڻائي موجود نه آهي؛ ۽ آها ڪمزوري هر حالت ۾ آن جي ڪنهن اندروني نفاق ۽ انتشار جي ڪا صورت يا نتيجو ئي هوندي آهي. رياست، مذهب ۽ تهذيب - سماج جا هي ٽي شعبا - سماج جي سلامتيءَ يعني آن جي اتحاد ۽ مضبوطيءَ جا ضامن هوندا آهن، بلڪ آنهن جو منصبي ڪارج ئي اهو هوندو آهي. رياست آهو پنهنجو ڪارج ملڪ ۽ سماج جي بچاءَ ڪرڻ سان، فردن جي پسند ۽ غرض کي اجتماعي پسند ۽ غرض سان ملائي هڪ ڪرڻ سان، قانون ۽ انصاف جي پوري نفاذ سان، طبقن ۽ گروهن جي ساسلي ۾ پنهنجي غير جانبداريءَ

۽ منجهن مذهب ۽ رواداريءَ جي فضا کي همٿائڻ ۽ قائم رکڻ سان ادا ڪري ٿي. مذهب پنهنجو اهو ڪارج سماج جي فردن، طبقن ۽ گروهن ۾ ويساهي عالم جي يڪرنگيءَ ۽ پوڄاپاٺ ۽ ڪرياڪرمن جي ماڳئين ضبط ۽ مشق وسيلي ادا ڪري ٿو. تهذيب پنهنجو منصبي ڪارج ذهني پورهئي جي تخليقات — يعني فلسفي، شاعريءَ ۽ ٻين فنون لطيف جي ميدانن ۾ پنهنجي ڪاوش وسيلي ۽ جسماني پورهئي جي وسيع پيداواري ۽ تعميري ڪوشش وسيلي ادا ڪري ٿي. پر ڇاڪاڻ ته مخصوص رياستون ۽ مذهب محض ڪن انفرادي (يا گروهي) شخصن جي ڪوشش ۽ ڪن خاص واقعن جي رونما ٿيڻ جو اوچتو نتيجو ٿين ٿا، ۽ ٻيو ته رياست ۽ مذهب پنهنجي زور ۽ ويساهه (طاقت ۽ ايمان، اقتدار ۽ اعتقاد) جي گهمنڊ ۾ عدل ۽ رواداريءَ جي توازن کان اڪثر ٻاهر نڪتل رهندا آهن، انهيءَ ڪري آهي سماج ۾ امن ۽ اتحاد جي وسيلي بنجڻ بدران آن جي تفريق ۽ نفاق جا سبب بنجي پوندا آهن، ۽ خاص طرح جڏهن آهي محض هڪڙي جا پشتيبان يا خادم بنجي عمل پذير ٿيندا آهن، تڏهن ته سندن تشدد ۽ تعصب ڪري سڄو سماج جنسي فساد ۾ وڃي ويندو آهي ۽ پوءِ اهو سماج ڌڻ ۾ ٻاهران ڪهڙو به ڏيکت يا ڏيا وارو هجي پر ٻاهرينءَ ڪنهن دشمن طاقت جي ٿلهيءَ ڦيڻڪ وهنٽو وڃي رهندو آهي. رياستن ۽ مذهبن جي پيٺ ۾ تهذيبون زمانن گذرڻ سان، قومن يا سماجن جي ذهن جي ڪنڌ، پختي ٿيڻ ۽ قدم بقدم ۽ آهستي آهستي رونما ٿيندڙ واڌ ۽ اوسر جي پيداوار ٿين ٿيون: انهيءَ ڪري تهذيب پنهنجي عمل پيرائيءَ ۾ ڪڏهن به پنهنجي سماج ۾ نفاق يا تفرقي جو ڪارڻ بنجي نه سگهندي آهي، بلڪ سدائين آن جي اتحاد ۽ مضبوطيءَ جي پختي ۽ صاف سڌي رستي جو ڪم ڏيندي آهي. انهيءَ ڪري ٿي چئي سگهبو آهي ته رياست ۽ مذهب کان سواءِ به ڪنهن قوم يا سماج جي وجود جو نيٺ به تصور ممڪن آهي، پر تهذيب کان سواءِ اهو ڪنهن به صورت ۾ ممڪن نٿو ٿي سگهي. ڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رياست ۽ ڪو مذهب جڏهن ڪنهن قوم يا سماج جي تهذيب جي بچاءَ ۽ فروغ جي ڪوشش ۾ مصروف هوندا آهن يا ڪم از ڪم ان سان هم آهنگ يا مصلحت ۾ هوندا آهن، تڏهن ۽ فقط تڏهن ئي آهي اُن قوم يا سماج جي قدر ۽ فرمانبرداريءَ جا حقدار ليکبا آهن. ڇو ته فقط اُن ئي صورت ۾ آهي اُن جي وجود جا مددگار، محافظ يا گهٽگهرا بنجي سگهندا آهن. انهيءَ خيال کان ئي هر رياست کي ۽ پڻ هر مذهب کي پنهنجي پنهنجي قومي حيثيت يا پنهنجي پنهنجي خاص سماج جو رنگ اختيار ڪرڻو پوندو آهي. ٻڌمت چين ۾، جپان ۾، برما ۽ ٻين ويجهن مشرقي ملڪن ۾ ان تقريباً هر ملڪ ۾ پنهنجو آتان جو مڪاني (قومي سماجي) رنگ اختيار ڪيو. مسيحيت يونان، روس، ايشيا مائنر ۽ خاص طرح سورهين صديءَ جي 'اصلاحي تحريڪ' کان پوءِ يورپ جي تقريباً هر ملڪ ۾ قومي رنگ اختيار ڪيو. عرب فتح کان ترت ئي پوءِ ايران قبول اسلام ڪري، اُن کي خاص ايراني رنگ ڏيئي، پنهنجو قومي مذهب بنايو، ۽ ائين پنهنجي سياسي ۽ تهذيبي امتياز ۽ خود اختيار کي ٻيهر بحال ڪيو ۽ قائم رکيو. تاريخ عالم ۾ اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن، جڏهن قومن ۽ سماجن کي پنهنجن فاتحن جي مذهب کي مڃڻو ۽ پنهنجو ڪرڻو به پيو آهي ته اُن کي مڪاني حالتن سان هم آهنگ ڪري ۽ پنهنجي تهذيب جو غالب رنگ ڏيئي پوءِ مڃيو ۽ پنهنجو ڪيو آهي. اُن کي بدعت يا الحاد" يا تجديد يا اجتهاد" چوڻ سان ڪو فرق ڪونه ٿو پوي: دراصل بدعت، الحاد، تجديد يا اجتهاد کان ڪو خالص 'قومي' مذهب به بچيل نٿو رهي، ڇو ته ڪا بدعت يا ڪو الحاد وغيره ڪنهن مذهب ۾ ايندو ئي تڏهن آهي، جڏهن آهو پنهنجي تعصب ۽ جمود سبب پنهنجي قوم يا سماج جي آزاد ۽ متحرڪ تهذيب سان همقدم رهي نه سگهندو آهي، بلڪ اُن جي راهه جي اَڏو روڪ بنجي بيهندو آهي. مطلب ته رياست ۽ مذهب کي، رضا سان يا رنج سان، بهرصورت پنهنجي سهوڳي تهذيب جو خادم ۽ طفيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي رهٺو آهي، ۽ اُن صورت ۾ ئي سماج جا آهي ٿي شعبا همآهنگ ٿي سگهندا آهن ۽ اُن جي اتحاد ۽ مضبوطيءَ جي ضمانت بنجي سگهندا آهن.

ٽيويهه سؤ ورهيه اڳي يونانين جي حملي وقت سنڌ جا ماڻهو قوم ته ٺهيا پر اهڙا رياست به بنجي نه سگهيا هئا. هو قبيلائي نفاق ۾ ورتل هئا — اُنهن جا مٿي ذڪر ڪيل ٻه قبيلا (سمبس ۽ ماسيڪانس) ۽ اُن وقت جي تاريخ ۾ آيل ٻيا چار پنج ملڪ قبيلا، سڀ الڳ الڳ ٿي وڙهيا — بلڪ اُن وقت به پاڻ ۾ وڙهندا رهيا — ۽ الڳ الڳ ٿي مئا. سنڌن وطن دوست مذهب“ ۽ ڏار ڏار قبيلائي رياستن“ يونانين جي مقابلي ۾ هنن مان ڪنهن کي ڪم نه آيا. عربن جي حملي وقت سنڌ جي ماڻهن وٽ پنهنجي رياست ته هئي پر جنهن زور تي آها قائم ڪيل ۽ ٻڌل هئي، اُن زور کي آها اها پنهنجو پير“ بنائي نه سگهي هئي، يعني سنڌ جا ماڻهو پاڻ کي اها قوم بنائي نه سگهيا هئا — خاص طرح مذهب جو تفرقو اُنهن جي اندروني زبون حاليءَ جو سبب بنيل هو — ٻڌمت ۽ برهمڻ واد پنهنجون پنهنجون خودپسنديون ۽ پنهنجا پنهنجا تعصب کنيو هڪٻئي ۾ اڪيون وجهيو بيٺا هئا ۽ ننڍين ننڍين نائب راجدانين جا ننڍا ننڍا نائب سردار ڪجهه اعتقادي گهمنڊ ۾ ۽ ڪجهه خوف کان ۽ ڪجهه اقتدار جي ڪشش ۽ سنڌ ۾ پنهنجي پنهنجي مختصر ذاتين جا شڪار ٿي ويا، ۽ سنڌي ماڻهن جي مرڪزي رياست پنهنجن اُنهن مذهبي ۽ سياسي نفاقن ۾ اندرون ٿي اندر کاڌي، ڇوري پٽ ڀڃي ڀيڻي رهي، جنهن کي ٻاهران رڳو هڪڙي ڪنهن ٺيلهي ڏيڻ جي دير هئي. سورهين صديءَ جي شروع ۾، ارغونن جي حملي وقت، سنڌ جو حڪمران شاهي گهراڻو، وري به، اقتدار جي خانه جنگيءَ ۾ رُڌل هو. سنڌي رياست پنهنجي طاقت پنهنجي خلاف صرف ڪري رهي هئي. رياست جو سرراهه، ڄام فيروز — سنڌ جي شاندار بادشاهه ڄام نندي جي پيرسنيءَ جو

نالائق پٽ ـ پنهنجن ۽ پراون ٻنهي جي خوف ۾ گرفتار ۽ پنهنجي پاڻ کان بيزار، پنهنجي وطن ۽ ماڻهن جي گڏيل مفاد کان بي نياز، صرف پنهنجي ذاتي بچاءَ لاءِ هٿ پير هڻندو رهيو، ۽ آن ڏس ۾، ڪڏهن پنهنجن سان ۽ ڪڏهن پراون سان شامل، سندس هر قدم سنڌ جي شڪست ۽ خواريءَ جو سبب بڻيو رهيو. هم مذهبيءَ جي ڇوغي پاتل حمله آور ارغونن جي لشڪر کي هيڪل هيڪل نه هو پاڻ پچي سگهيو، نه سندس بزرگ اتاليق دريا خان ۽ آن جا بهادر پٽ پچي سگهيا ۽ نه سندس تخت تاج جو دعويدار سندس ڀڻات ڄام صلاح الدين پچي سگهيو ۽ نه وري ڪنهن حوصله مند مرڪزي رهبريءَ کان قطعاً محروم سنڌ جا عام ماڻهوئي پنهنجي وطن کي دشمنن کان بچائي سگهيا ـ وطني دفاع جي آن عبرتناڪ جنگ ۾، جڏهن سنڌ جو هر طبقو ۽ هر قبيلو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هڪ هڪ ٽي وڙهندو رهيو، سائن شامل مذهب جو وطن دوست حلقو به ڪين بچائي نه سگهيو. دراصل عين آن آزمائش جي وقت، مذهب"، رياست (حڪومتي اقتدار) والگر ٿي، سنڌ جي ماڻهن جي اتحاد ۽ قوت جو له پر سندن ڪمزوريءَ ۽ نفاق جو سبب بڻجي پيو. قاضي قاضن ۽ سندس سچي مهدوي ٽولي جي مذهبي سربراهن، بکر جي سگورن سيدن ۽ ٻين ڪيترن ئي شيخن مشائخن ۽ پيرن فقيرن پنهنجي وطن ۽ پنهنجي ماڻهن سان غداري ڪري، حمله آور دشمن لاءِ جاسوسي ڪئي ۽ آن جو ساٿ ڏنو. ارغوني لشڪر جو پنهنجو ديني جاسوسن ۽ روحاني شڪاربازن جو هراول طائفو ٽنهن کان الڳ هو*. مطلب ته سورهين صديءَ جو سنڌي سماج به

---

*"…. جيئن 'تاريخ طاهريءَ' وغيره ۾ آيل آهي، مذڪوره سيد [قاضي سيد شڪرالله شيرازي] سنه ۹۰۶ هه ۾ هرات مان قنڌار ۽ آتان **شاهه بيگ جي حڪم سان** سنه ۹۲۷ هه ۾ [آنهيءَ ئي سال، جڏهن شاهه بيگ سنڌ تي حملو ڪيو هو] ٺٽي ۾ آيو، ۽ مرزا شاهه حسن ابن شاهه بيگ جي زماني ۾ [يعني،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجون مضبوط تهذيبي روايتون ۽ پنهنجي پختہ ڪار ۽ محب وطن رياست رکندي ہـہ، فقط پنهنجي اندروني ڪمزوريءَ سبب، جنهن جو بنياد آن جي سياسي ۽ مذهبي خلفشار تي هو، پاڻ کي شڪست ۽ غلاميءَ کان بچائي نہ سگهيو.

ارغونن هٿان سنڌ جي هن فتح کي "خرابيء سنڌ" سڏي، ڏاهوڪن عالمن آن مان ابجد جي حساب سان سنڌ جي بربادي‌ءَ جي تاريخ (927 هہ مطابق 1520ع) ڪڍي هئي. "تاريخ معصوميءَ" موجب، يارهين محرم تي ارغونن جو لشڪر ٺٽي ۾ داخل ٿيو ۽ "مغل ۲۰ تاريخ تائين شهر ۾ لٽ مار ڪندا رهيا ۽ آتان جي ماڻهن کي ذليل ڪندا رهيا ـ جنهن مان آيت سڳوريءَ ـ ان‌الملوڪ اذا دخلا و اقرية افسدوها (بادشاهہ جڏهن ڪنهن شهر ۾ داخل ٿين ٿا، تڏهن آن کي ويران ڪري ڇڏين ٿا)ـ جي وضاحت اکين اڳيان اچي ويئي." جڏهن دشمن جي لشڪر ٺٽيءَ جو شهر فتح ڪيو، تڏهن، ساڳيو تاريخ وارو چوي ٿو تہ "ٽي ڏينهن ٺٽيءَ ۾ رهي ڪري، مغلن اتان جي رهاڪن کي پوريءَ

ٻيئي سال جڏهن شاهہ بيگ جي مرڻ کان پوءِ شاهہ حسن هُن جي جاء والاري] آن نئينءَ فتح ڪيل سرزمين جي منصب قضا تي سرفراز ٿيو. شروع ۾ هن جو اچڻ ٽاجر جي حيثيت سان ٿيو هو.

"... بزرگن کان ٻڌو ويو آهي تہ جتي موصوف اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي، سندس اولاد اڄ تائين آتي ني رهندو ٿو اچي. ڀرپائون آتي [هڪ] انصار جي قبيلي جا ماڻهو آباد هئا. سيد شڪرالله جي اولاد مان سيد محمد محسن بن سيد علي اڪبر بن سيد عبدالواسع کان ٻڌو ويو آهي تہ آن قبيلي جا ڪي ماڻهو [هائي] سنڌ جي ڀرارڙيءَ ۾ [ڪٿي] رهن ٿا، ۽ آنهن مان هڪ وڏيءَ عمر جو شخص جڏهن بہ ٺٽي ۾ ايندو هو تہ [هين محلي ۾] اچي، اسان سان بہ ملاقات ڪندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح برباد ڪيو.“ باغبان (موجوده سيوهڻ - بوبڪ تعلي جي ايراضيءَ) ۾ پهچڻ سان ارغون فوجين ”ماڇي قوم، جنهن اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ کان انڪار ڪيو، اُن جي سڀني ماڻهن کي قتل ڪري ۽ اُنهن جو مال اسباب ۽ ڍور ڍڳا قري، اُنهن جي گهرن ۽ قلعي کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو.“ سنڌ جي بلوچن جي باري ۾، سنڌ جي فاتح، شاهه بيگ ارغون، جنهن لاءِ ”تاريخ معصوميءَ“ جو چوڻ آهي ته ”اڪثر وقت هو عبادت ۽ تقوا ۾ گذاريندو هو، ۽ عالمن ۽ مشائخن جي مجلس ۾ ويهندو هو“، ۽ مرڻ کان پوءِ جنهن جو لاش کڄي، مڪي شريف جي ’جنت المعليٰ‘ ۾ وڃي

”.... قبرن جو چبوترو، جن ۾ [هينئن ساداتن جا] بزرگ آرام پذير آهن، پهريائين آهو اُنهن [يعني، اُن انصار قبيلي وارن] جو هو، جن جون ڪي قبرون اڃا به [اُتي] موجود آهن.

”.... سيد شڪراللّه جي قبر سيد عبداللّه جي درگاهه جي اولهه ۾ اڄ به اهل اللّه جو زيارتگاهه آهي.

”... چون ٿا ته مذڪوره سيد سان ٽي پيا به باڪمال بزرگ ٿي ۾ آيا هئا. اُنهن دوستن ۾ **هڪ قسم جو خاص اتحاد هو.** آهي بزرگ (١) سيد منبم، (٢) سيد ڪمال، ۽ (٣) سيد عبدالله آهن.“ (علي شير قانع: ”تحفة الڪرام“، ١١٨١ هه، ص ص. ٤٨٢ - ٤٨٣ - ٤٨٤).

”.... [سيد ڪمال ... اصلاً حسيني ۽ شيراز جو باشندو هو ۽ مذڪوره سيد شڪرالله جي دوستيءَ ۽ رفاقت ۾ ٺٽي آيو هو... [جنهن جو] هيءُ ڏاڍو گهرو يار هو ۽ اُنهن چئن يارن ۾ شامل هو، جنهن جو ذڪر شڪرالله جي بيان ۾ ٿي چڪو آهي.... وفات کان پوءِ هي پنهنجي رهائشي حويليءَ ۾ دفن ٿيو. ان جي زيارت جي برڪت ملڪن ۾ مشهور ۽ ان جي توسل جون ڪرامتون عوام ۽ خواص جي دلين ۾ مرڪوز آهن.“ (ساڳيو ڪتاب: ص ٤٩٣).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دفن ٿيو هو، تنهن پنهنجي ٽولي جي ماڻهن سان ”صلاح مشورو ڪري، فيصلو ڪيو ته هن قوم جي باهه کي تلوار جي پاڻيءَ سان وسائڻ گهرجي: پوءِ طيءِ هي ٿيو ته هر ڳوٺ ۾ تجربيڪار ماڻهن جي هڪ جماعت ويهاري وڃي، جيڪي ڪجهه مدت آنهن ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ کان پوءِ هڪ مقرر وقت تي هر هنڌ حملو ڪري، آنهن کي ختم ڪري ڇڏين: ائين هر آباديءَ ۾ هڪ جماعت مقرر ڪئي ويئي، جا وقت جي انتظار ۾ رهي، ۽ پوءِ جڏهن مقرر وقت آيو، تڏهن هر جماعت پنهنجون تلوارون بار بار آگهنڊي، آن بدبخت قوم کي ختم ڪري ڇڏيو، ۽ انهيءَ طرح هڪ ئي وقت بلوچن جي 42 آبادين جا ماڻهو قتل ۽ برباد ٿي ويا.“ 1527ع (جنوريءَ) ۾ هڪ سال جي گهيري کان پوءِ ارغون جڏهن ملتان جو قلعو پڃي، اندر شهر ۾ داخل ٿيا، تڏهن ”داخل ٿيڻ سان ئي نهايت بيدرديءَ سان قتل ۽ قرمار شروع ڪري ڏنائون. ستن سالن کان ستر سالن جي عمر جا سڀيئي ماڻهو قيد ڪيا ويا، ۽ ملتانين تي قيامت برپا ٿي ويئي. ڪن ماڻهن وڃي بزرگن جي خانقاهن ۾ پناهه ورتي، پر ڏهه ٻارهن ڏينهن شهر ۾ قرمار ڪرڻ کان پوءِ محب“ ترخان“ فوج وٺي آتي وڃي پهتو ۽

”سيد شاهه مخبم ـ هيءُ غوث الثقلين (پيران پير) مان آهي. هيءُ بزرگوار سيد ڪمال شيرازي ۽ سيد عبدالله حسينيءَ سان گڏجي شاهه بيگ ارغون جي زماني ۾ سيد شڪرالله شيرازيءَ سان گڏ ٺٽي آيو هو، [جنهن سان] هن جي خصوصي صحبت هوندي هئي. پاڙي جي ويجهڙائيءَ جي خيال کان هيءُ آنهيءَ جڳهه ۾، جتي هو اڄ آرام پذير (مدفون) آهي، هڪ مريد جي گهر ۾ اچي رهيو هو ــ هن جون ڪرامتون روشن ۽ هن جي مناقبي جون نشانيون مشهور آهن. هن جي (مقبري) جي زيارت عام خلق لله جي حاجت روائيءَ جي ضامن آهي...“ (ساڳيو ڪتاب: ص ص ٦٠١-٦٠٢).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پناهہ گزين ماڻهن کي قتري ماري، خانقاهن کي باهيون ڏيئي، آتان جا پٽ رت سان ڳاڙها ڪري ڇڏيائين." 1538ع ۾ مرزا شاهہ حسن، همايون جي سڌ تي گجرات ويندي، 'پٽڻ' جي آسپاس منزل ڪئي، ۽ سندس هڪڙي سپهہ سالار سلطان محمود، "احمدآباد تائين وڃي گجراتين جو مال متاع ڦريو، جنهن وسيلي ڪثير سامان، ڪپڙو، نقدي ۽ سون لشڪر کي هٿ لڳو." گجرات کان موٽندي، "شاهہ حسن راڌڻ پور جي رستي سان ايندي، جاڙيجن ۽ سوڍا قبيلن جو قتل عام ڪري، انهن کي خوب لٽيو ماريو ۽ برباد ڪيو." هن مرزا شاهہ حسن لاءِ بہ ساڳئي "تاريخ معصوميءَ" واري جو چوڻ آهي تہ "جيڪي بہ مقدما هن وٽ پيش ٿيندا هئا، انهن لاءِ هو شرع شريف ڏانهن رجوع ٿيندو هو؛ حاداتن، مشائخن ۽ عالمن جو بيحد احترام ڪندو هو"، ۽ هن جو لاش بہ پوءِ مڪي معظم نيو ويو ۽ آتي جنت المعلي جي قبرستان ۾ پيءُ جي پرسان دفنايو ويو!

تاريخ جي هيءَ هڪ عالم آشڪار حقيقت آهي تہ مذهب ڪنهن ملڪ، قوم يا سماج کي ڪنهن ملڪ، سماج يا قوم جي اڳرائيءَ، ڦرمار ۽ غلاميءَ کان بچاءَ جو ڪم ڪونہ

"سيد شاهہ عبدالله حسيني — هيءَ بہ، قطب الاقطاب، غوث الثقلين، حضرت پير دستگير عليہ الرحمہ جي اولاد مان، مذڪوره [چار] يارن يعني سيد منبہ، سيد ڪمال ۽ سيد قاضي شڪرالله مان هڪ مقتدر يار هو. هيءُ بزرگوار شاهہ بيگ ارغون جي زماني ۾ ٺٽي آيو ۽ خفيہ طور پهاڙيءَ جي آن جاءِ تي اچي گوشہ نشين ٿي ويٺو، جتي هن جي مزار واقع آهي.... ڪليءَ جي ٽڪريءَ تي اچڻ وڃڻ وارن کي جيڪو فيض هن بزرگ مان حاصل ٿئي ٿو، قلم ۾ آن جي بيان ڪرڻ جي طاقت ڪانهي." (ساڳيو ڪتاب: ص ص ٦١٤-٦١٥).

ٿو ڏئي، چاهي اگرائي ڪندڙ ۽ ڦرمار ڪندڙ قوم ڪا هم مذهب قوم ڏي ڇو نه هجي. مذهب هڪڙيءَ ڪنهن قوم کي ٻيءَ ڪنهن قوم تي حملي ڪرڻ، اُن کي ڦرڻ لٽڻ ۽ اُن کي غلام بڻائڻ کان روڪ جو ڪم به ڪو نه ٿو ڏئي، چاهي آها ٻي قوم اُن جي هم مذهب قوم ئي ڇو نه هجي*. اگرائي، ڦرمار ۽ آڪرائي- اِهي اجتماعي طاقت، اُن جي انتظام ۽ استعمال جا مسئلا آهن- يعني اِهي رياست جي عمل پيرائيءَ جي دائري ۾ اچن ٿا. خالص مذهبَ (کهڙي به مذهب) جو، يعني (ڪوڙي به ’نظريي‘ ۾)

---

* سنڌ تي مسلمان ارغونن جي ڪاهه وقت ۽ سنڌ ڏينهن لاءِ آنهن هٿان لُٽي جي قتل عام ۽ لُٽجڻ وقت سنڌ ۽ سنڌ جي اُن گاديءَ جي شهر ٺٽي جي اسلامي فضا ڪجهه هن ريت هئي:
”روايت ڪن ٿا ته (سنڌ جو بادشاهه) ڄام نظام الدين علم جو عاشق هو. ننڍپڻ ۾ هُن مدرسن ۽ خانقاهن ۾ تعليم ۽ تربيت ورتي هئي. هـو نهايت حليم، خليق ۽ پسنديده صفتن ۽ حسين عادتن جو مالڪ هو. اُن سان گڏ، هو ڪمال درجي جو زاهد ۽ عابد به هو. هن جي فضيلت ۽ اصل حقيقت اُن کان مٿي آهي جيتري ڪجهه قلمبند ڪري ٿي سگهجي .... هن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ سنت نبويءَ جي پيروي ايتري قدر عام ٿي چڪي هئي، جو اُن جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. مسجدن ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ جو رواج ايترو ته عام هو، جو ڪوبه، ننڍو يا وڏو، اڪيلو وڃي مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ پسند نه ڪندو هو. جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪنهن کان نماز باجماعت کسي ويندي هئي، ته هو نهايت پشيمان ٿيندو هو ۽ ٽن ڏينهن تائين استغفار پڙهندو رهندو هو .... (تاريخ معصومي“ – ص ص ١٠٢-١٠٤)
۽ اُن کان پوءِ جڏهن سنڌ تي مسلمان ارغونن جا حليف، مسلمان مغل حاڪم هئا، ۽ آنهن جي ظلم جي ڪاري رات ڇانيل هئي، تڏهن ٺٽي جي اسلامي فضا جو تاريخ ۾ هين ريت ذڪر آيل آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايمانَ ۽ اعتقاد جو اِن سان ڪو واسطو ڪونهي - بلڪ اڪثر اهڙو ايمانُ ۽ اعتقادُ ڪمزور ۽ امن پسند قوم ۾ جاسوسَ ۽ غدارَ ۽ 'پنجين ڪالم'* جا ماڻهو پيدا ڪري ڏيندو آهي، جن ڪي ساڳئي ايمان ۽ عقيدي واري زورآور ۽ اڳرائي ڪندڙ قوم پنهنجي جنگي فائدي لاءِ ڪم آڻيندي آهي. سنڌ جي تاريخ، محمود غزنويءَ جي منصوري تي حملي ڪرڻ ۽ اُن کي نابود ڪرڻ کان وٺي ۽ خاص طرح ارغونن جي حملي کان وٺي سنه ١٥٣٧ع ۾ مغلن جي دور ختم ٿيڻ تائين، ۽ پوءِ نادر شاهه، احمد شاهه ابداليءَ**، مدد خان ۽ شاهه شجاع جي حملن جي صورت ۾، انهيءَ پنهنجي بنيادي حقيقت جو پڌرو ۽ پختو ثبوت آهي.

لڳ ڀڳ مُني صدي ارغون ۽ سنڌن شريڪ ڪار ترخان قبيلي جا مغل پنهنجي هم مذهب سنڌ کي اُڏين لٽيندا ۽ ڪُچليندا

"... عالم، فاضل، شاعر، ڪاتب، خوشنويس ۽ خدا پرست شخص هن شهر ۾ تمام گهڻا رهن ٿا ... ۽ اُن جا اڪثر ماڻهو ڏاڍا پڪا مسلمان آهن، ۽ روزي ۽ نماز ۽ شرع شريف جي پيرويءَ ۾ بيحد گهڻو سعو ڪن ٿا. ايتري قدر، جو هِتي ڪيترين وڏيون جامع مسجدون آهن، جن ۾ ويهه، ويهه، ٽيهه ٽيهه هزار ماڻهو جمعي جي نماز لاءِ گڏ ٿين ٿا. جامع مسجدن کان سواءِ شهر جي محلن ۾ ڪيترين ئي ننڍيون ننڍيون مسجدون آهن. ۽ آهي سڀ جمعي ڏينهن ايترين پرجي وڃن ٿيون، جو عين نماز مهل جيڪڏهن ڪو نماز لاءِ اچي ٿو ته ڪيترن حملنؔ ۽ ڪوشش کان پوءِ مس هن کي نماز لاءِ ڪا جاءِ ملي سگهي ٿي." ("مظهرشاهجهاني"، ميرڪ يوسف، بتصحيح ۽ حاشيه وغيره، حسام الدين راشدي، ص. ٣٣).

* Fifth Column - ماڻهن جو منظم گروهه، جيڪو ڌارين جي فوج جي فائدي ۾ ملڪ جي اندر ويهي ڪم ڪري ۽ اُن جي سوڀ لاءِ اندرون ئي اندر ميدان تيار ڪري.

** شاهه بيگ ارغون، ٩٢٧ه (١٥٢٠ع) ۾، سنڌ تي حملي ڪرڻ

رهيا - ان وچ ۾ هُنن گويا مان عيسائي پورچوگيزن جو غنيم گهرائي ۽ ٺٽي کي ڦرايو، شهر کي باهه ڏياري ۽ انهن جو قتل عام ڪرايو - تان جو ١٥٩١ع ۾ سنڌ کي سڄيءَ طرح دهليءَ جي مغلن پنهنجي جاگيرشاهيءَ ۾ داخل ڪيو. دهليءَ جا مغل بادشاهه سڀ پاڻ کي "غازي" سڏائيندا هئا، ۽ مئي کان پوءِ "جنت مڪاني"، "عرش آشياني"، "خلد آستاني" وغيره سڏبا هئا - انهن جي ڏينهن ۾ غلام سنڌ جي مسلمان خلق جو ڪهڙو حال هو، اهو به پڙهڻ وٽان آهي. جهانگير پنهنجي "تزڪ" ۾ پنهنجي ٺٽي جي نواب مرزا رستم لاءِ لکيو آهي ته "انهن سان هُن ايذا ظلم ۽ تعديون ڪيون، جو چوطرف دانهن پئجي ويئي - ۽ پيون به ڪيئي خرابيون هُن بابت پڌڻ ۾ آيون." هڪڙي سنڌس مغل نواب قوج عليءَ بابت، جيڪو بکر جي ماتحت هڪ جاگير جو حاڪم هو، "ذخيرة الخوانين" ۾ پڌايل آهي ته "هو ڪتاهه پاڻيءَ جا سڌائين وٽس باهه تي پيا ٽهڪندا هئا، ۽ ڪو به چور يا ساڌ يا

ڪان اڳ، پنهنجي 'چئن يارن جي چونڪڙي' ٺٽي روالي ڪئي هئي، جيڪي تاجرن جي ويس ۾ آئي پهتا هئا، منجهن 'هڪ قسم قسم جو خاص اتحاد' هو، ۽ انهن آخر ۾ پاڻ کي 'غوث الثقلين پيران پير دستگير جو اولاد' سڏائيندي، ظالم ۽ ڦورو ارغوني حڪومت جي ڪڍائڻ ۽ هلائڻ ۾ ارغونن جي مذهبي مدد ۽ ساٿن مال غنيمت ۽ اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيواري ڪئي.

ساڳيءَ طرح، ١٧٣٧ع ۾، سنڌ تي نادرشاهه جي حملي کان فقط ٻه سال اڳ، ان جي سپهه سالار احمد شاهه ابداليءَ جو پير ۽ مرشد، شاهه فقيرالله علوي، پنهنجي ملڪ (روتاس، جلال آباد، افغانستان) مان، مذهبي هراول دستي طور، پنهنجي پوري اناليءَ سان، پهريائين ٺٽي ۽ پوءِ شڪارپور ۾ اچي وارد ٿيو. ٺٽي جي مختصر رهائش ۾ هن 'مخدوم محمد هاشم جي شاگردي' قبولي، ۽ ان کان 'علوم ظاهري ۽ سلوڪ مخفيءَ جي سند' ۽ 'فقر جي نعمتن

ٻيو ڪو ڏوهي ٻيڏوهي هٿ چڙهيس ته اُن جا هٿ پير ٻڌي، اُنهن ڪٺاهن ۾ اڇلرائي ڇڏيندو هو، ۽ اُهي آتي ئي رجهي پاهه ٿي ويندا هئا. تقريباً هڪ هزار کن ماڻهو اُن پَٽ جا هُن اڏين ماريا. ڪميڻپ ۽ بيپرواهيءَ ۾ هن جو ٻيو مثال ڪونه هو.“ شاهجهان جي دور جي نواب احمد بيگ بابت، جنهن جي راڄڌاني سيوهڻ هو، ٻڌايل آهي ته هو ”بيحد سست، نا اهل ۽ نڪمو ماڻهو هو.... هن حڪومت جون واڳون پنهنجي هڪ ظالم ۽ سفاڪ پاءُ مرزا يوسف جي حوالي ڪري ڇڏيون هيون، جو پنهنجي فطرت جي لحاظ کان بيحد پست، ذليل، بي رحم ۽ بيهودو ماڻهو هو.... هو ايترو سفاڪ هو، جو حجاج بن يوسف جهڙو ظالم اظلم به هن جي اڳيان ادنيٰ شاگرد جي حيثيت رکندو هو. هن پنهنجي ظلم ۽ ڪنورتا سان سڄي صوبي کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو هو.... هو هر روز شهر جي بيگناهه ماڻهن کي جهلائي ڌڙا هٽائيندو

سلسلن جي اجازت‘ ورتي. ’١٧٤٧ع ۾ نادرشاهه قتل ٿيو ۽ احمد شاهه ابدالي خراسان ۽ سلطنت نادريءَ جي مشرقي ايراضين جو دعويدار ٿيو.... سنڌ هُن جي هٿان ۽ هُن جي جانشينن جي هٿان جهڪي سختيون سٺيون ۽ پريشانيون ڏٺيون، اُنهن جو داستان خود نادر سفاڪ جي ڦُر لُٽ ۽ تباهه ڪارين جي داستانن کان گهٽ دردناڪ نه هو.‘ پر احمد شاهه ابدالي پوءِ به اُن اهل الله بزرگ، صاحب فقر و سلوڪ، حاجي شاهه فقيرالله علويءَ جو ايڏو ته معتقد خاص ۽ مريد صادق هو، جو هو ’سنڌ جي علائقي ۾ داخل ٿيڻ شرط، جتي پيرن سان لاهي، پيرين اگهاڙو هلندو هو‘! — ڇو ته آهو سندس ’مرشد جو وطن‘ هو! ۽ اُن پنهنجي مرشد سڳوري جي ’پيرن جي پٺي تبرڪ طور پاڻ سان کڻي هلندو هو‘! سنڌ جي تاريخ ۾ مذهب ۽ سياست جي، يعني ايمان ۽ اقتدار جي، استبدادي ۽ استحصالي شراڪت جو اهو ڪو پنهنجي نوع جو واحد يا ڪو پهريون يا ڪو پويون مثال به ڪونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو - ڏ"رن جي لڳندي لڳندي، مظلومن جي ڪل لهي ويندي هئي ۽ اڪثر هو مري ويندا هئا. انهن ۾ نن سؤ بيگناهن جو مرڻ هن لاءِ روزانو معمول هو.... صوبي ۾ جنهن به ماڻهوءَ بابت خبر پوندي هيس ته مالدار ماڻهو آهي، ته ان تي ڪوڙيون تهمتون رکي، پاڻ وٽ گهرائيندو هو ۽ معمولي سوال جواب ڪان پوءِ پهرين ته هن کي خوب ڏ"را هڻائيندو هو. ان ڪان پوءِ هن جو سڄو مال اسباب ضبط ڪري وٺندو هو. هيءُ سندس سلوڪ نه رڳو مردن سان هوندو هو پر مالدار عورتن سان به اها ئي ڪار ڪندو هو .... سڄي علائقي ۾ جنهن وٽ به سٺو ۽ قيمتي اٽ ڏسندو هو، آهو زوريءَ هن ڪان کسي، پنهنجي شترخاني ۾ داخل ڪري ڇڏيندو هو.... رستن جي هر لنگهه ۽ درياءَ جي هر پتڻ تي ماڻهو بيهاري ڇڏيائين، جيڪي هر ايندڙ ويندڙ تي بي سبب ڏنڊ وجهي، ۽ هر قسم جا محصول مڙهي، پيسا پيا ڦريندا هئا - ايتري تائين، جو هتين خالي راهه ويندڙ ڪو ماڻهو به آنهن ڪان ڇٽي نه سگهندو هو.... هڪ ڳوٺ ڪان ٻئي ڳوٺ تائين وڃڻ لاءِ به راهداري وٺڻ ضروري هئي، جنهن لاءِ روپيا ادا ڪرڻا پوندا هئا - رڳو ڪنهن کي پنهنجي ڪنهن مائٽ جي مرڻ جي خبر ڏيڻ لاءِ ٻئي ڳوٺ وڃڻو پوندو هو، ته آهو به سواءِ پيسن ڏيڻ ۽ راهداري وٺڻ جي هڪ قدم به آتان ٻاهر رکي نه سگهندو هو.... درياهَ ۾ خالي ٻيڙين ڪان به محصول ورتو ويندو هو؛ سوداگرن جي ٻيڙين تي هر طرح جون مصيبتون نازل ٿينديون هيون، ڪيترا ڏينهن بي سبب آنهن کي روڪي بيهاريو ويندو هو ته جيئن آنهن جو قيمتي سامان سيوهڻ ۾ ڪوڏين تي نيلام ٿي وڃي ۽ واپاري تنگ ٿي مرزا يوسف کي وڏيون وڏيون رشوتون ۽ ڳرا ڳرا تحفا تحائف ڏيئي جند ڇڏائين .... سڄي ملڪ جي چورن ۽ ڌاڙيلن کي هن پاڻ وٽ پناهه ڏيئي بيهاري ڇڏيو هو ۽ آنهن هٿان هو ملڪ ۾ چوريون ۽ ڦريون ڪرائيندو هو ۽ ڌاڙا هڻائيندو هو.... بنگال مان ناليرا جواري گهرائي، شهر جي چوواٽن تي ٻهاري ڇڏيائين،

جيڪي راهگيرن جا نه رکيو کيسا پيا خالي ڪندا هئا، پر آنهن جي بت جا ڪپڙا به لهرائي ڇڏيندا هئا — چوريءَ ۽ جوا جي آمدني هر روز شام جو 'خزاني' ۾ باقاعدي حساب ڪتاب سان داخل ٿيندي هئي... هڪ ڀيري نئين قلعي ٺهرائڻ جو هن فيصلو ڪيو، ۽ حڪم ڏنائين ته شهر جا سڀ ماڻهو پنهنجي سِر پنهنجن مٿن تي سِرون کڻي، گارو ۽ ڪچ ڪري، قلعي جي ڀتين جي اوساري ڪن — جيڪڏهن ڪي بيمار، معذور يا پوڙها پاڻ سان مزور وٺي ٿي آيا، ته آها ڳالهه به مرزا يوسف کي قبول نه هئي — هر ڪنهن کي، پوءِ هو ڪهڙيءَ به حالت ۾ هو، پنهنجن هٿن سان پاڻ آها بيگر وهٽي هئي... چغلخورن جوهه ڪ وڏو ٽولو هن پاڻ وٽ رکيو هو، جن کي هو 'حقيقت دان' سڏيندو هو، ۽ آهي ملڪ جي گوشي گوشي ۾، خاص هدايتن هيٺ، هر مانيءَ سچيءَ واري ۽ عزت دار ماڻهوءَ کي ذليل ۽ خوار ڪندا ۽ ڪرائيندا رهندا هئا. فصل پچڻ وقت مرزا يوسف جا خاص ماڻهو آن جي ايتري وڏائي چڙهائي داٽي بندي ڪندا هئا، جو هارين کي سچو آن ڏيئي به آن مان خلاصي ڪانه ٿيندي هئي، بقايا لاءِ کين انلو پنهنجو چوپايو مال ڏ ملام ڪرائڻو پوندو هو — جيڪڏهن اهڙا مجبور ۽ مظلوم آبادگار ڳوٺ ڇڏي پاڻ بچائڻ گهرندا هئا، ته هو آنهن جي پٺيان گهوڙا ڊوڙائي، آنهن جو سچو مال اسباب آنهن کان ڦرائي وٺندو هو... مرزا يوسف ملڪ جي چڱن ماڻهن کي هڪٻئي جي خلاف ڀڙڪائيندو هو ۽ پاڻ ۾ ويڙهائيندو هو، ته جيئن هڪ پاسي ملڪ جا بااثر ماڻهو ڪمزور ٿين ۽ ٻئي پاسي ملڪ جي وحدت قائم نه رهي سگهي، تان ته ملڪ تي هو پنهنجي حاڪميت مضبوط رکندو رهي... جيڪڏهن ڪي ماڻهو هِن ظلمن کان تنگ ٿي، ملتان يا دهليءَ ڏانهن فرياد ڪرڻ لاءِ وڃڻ جي ڪندا هئا، ته اوسي پاسي جا نواب ۽ ننڍا ننڍا حاڪم، مثلاً بکر، نصرپور، ٺٽي وغيره جا آنهن کي وات تان جهلي واپس مرزا يوسف ڏانهن ڏياري موڪليندا هئا ته هو آنهن جي خبر وٺي..."

سموهڻ جي علائقي جي هِن ظلمستان جو هيءُ بيان خود آتان جي هڪ سرڪاري واقع نويس، يوسف ميرڪ نالي، مخفي طور قلمبند ڪيو، جنهن ڪي هن پوءِ "مظاهر شاهجهانيءَ" جي نالي سان جون ١٦٣٤ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏيئي، مڪمل ڪيو، جنهن جو قلمي نسخو سندس هٿ اکرن ۾ موجود آهي، ۽ جيڪو ڇپجي پڌرو به ٿي چڪو آهي. سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي آن دک ۽ بيڪسيءَ جي داستان ڪي قلمبند ڪندي ڪندي، يوسف ميرڪ جي دل مان نيٺ هڪ دانهن نڪري ويئي، جا به سندس ڪتاب ۾ درج آهي، ۽ آن ڪي ٿورن لفظن ۾ وطن جي غلاميءَ تي هڪ ازلي تبرا هڪ پياسي، ۽ وطن دوست رياست جي بنيادي سماجي ڪارج جو هڪ سچو ۽ جامع بيان پئي پاسي شمار ڪري سگهجي ٿو - چوي ٿو:

"ڪار ملڪ بجائي رسيد ڪه ملڪ ناپرسان و ملڪ بيدادان و ملڪ بيڪسان شده. چون آدم لاملڪ گردند، هزار گونه فساد در دين و دنيا پيدا ميشود، چرا ڪه مدار عالم وابسته معاش است."

ـــ ملڪ، دين ۽ دنيا، يعني رياست، مذهب ۽ تهذيب ۽ عالم جو يعني سماج جو مدار معاش (= گذران - آن جي وسيلن ۽ پيداوار) تي. يعني جڏهن ماڻهو پنهنجي رياست کان محروم ٿي وڃن ٿا، ۽ آها وڃي اهڙن جي هٿ چڙهي ٿي، جيڪي آنهن ڪي نه پڇن ٿا ۽ نه آنهن جو داد ڪن ٿا، ۽ هو آن ۾ بيڪس بنجي وڃن ٿا، يعني سندن گذر ۽ گذر جا وسيلا کانئن کسجي وڃن ٿا، تڏهن انهن جو نه دين سلامت رهي ٿو نه دنيا ــ آنهن جو مذهب ۽ تهذيب پيئي فساد ۾ وڪوڙجي وڃن ٿا ۽ سندن سماج هڪ سچي پچي ۽ بنيادي نوع جي بحران ۾ ونڃي وڃي ٿو. هو زندگيءَ جي آزمائش ــ پنهنجي وجود جي آزمائش ــ ۾ اچي وڃن ٿا، ۽ هُنَن جي اڳيان سواءِ پنهنجي نجات لاءِ ڪامل جدوجهد ڪرڻ جي ٻيو رستو ڪونه ٿو رهي، تان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هو وري سماجي طور متحد ٿي، تنهن سر مضبوط ٿي، پنهنجي محب وطن قومي رياست قائم ڪري سگهن، ۽ اُن جي پناهه ۾ رهي ڪري، پنهنجي تهذيبي يعني ذهني ۽ معاشي خوشحاليءَ جي ماڻڻ لاءِ ڀرپور تخليقي ۽ پيداواري ڪم جي پوئواري ڪري سگهن.

پنهنجي محب وطن قومي رياست جي پناهه هيٺ خاص طرح، ۽ هونئن به پنهنجي سُنهن عام طرح، ڪو ملڪ، قوم يا سماج تهذيب جي ميدان ۾ رڳو معاشي طور ڪيتري قدر ڪوشش ۾ رڌل رهي ٿو، اُن جا ڪجهه مثال به اسان کي پنهنجي تاريخ ۾ ملن ٿا.

احمد بيگ جي نوابيءَ ۾ سيوهڻ جي باغبان علائقي جي بربادي‌ءَ جو ذڪر ڪندي، "مظهر شاهجهانيءَ" جو مصنف يوسف ميرڪ لکي ٿو ته "سمن جي دور حڪومت ۾ [يعني هڪ سؤ سال اڳ] هيءُ پرڳڻو آباديءَ ۽ خوشحاليءَ ۾ ڪمال درجي تي رسيل هو. مخدوم جعفر بوبڪانيءَ مرزا عيسيٰ ترخان کي ٻڌايو هو ته جڏهن [ڀهرين پيرو] ۹۲۱ هه ذي قعده [۱۵۱۵ع، ڊسمبر] ۾ [ڄام نندي جي زماني ۾] شاهه بيگ ارغون قنڌار مان هن علائقي تي چڙهائي ڪري آيو هو، تڏهن هو هڪ هزار رڳو آٽ، جيڪي رات جو نارن ۽ هُرلن ۾ وهي رهيا هئا، سي زوريءَ آٽان ڪاهي ويو- اِن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هيءُ علائقو ڀين ڳالهين ۾ ڪيترو نه سائو ستابو ۽ آباد هو .... [اُن کان علاوه] سنڌ جي واليءَ، ڄام نندي، جي ڏينهن ۾ ڇاڳلي نالي هندو وزير کي ڄام جي پٽيلي درياءَ خان سان گڏ سيوهڻ موڪليو ويو هو، جنهن هتي اچي بارانيءَ پاڻيءَ تي ساوه واري واهه کي وهايو هو، جنهن جو پاڻي منڇر ۾ اچي گڏ پئي ٿيو- اُنهيءَ ڍنڍ جي آترئين پاسي ڳاهن واري رعيت پوک ڪندي ٿي آئي، ۽ اُن جي ڏاکڻي پاسي بوبڪن جي ماڻهن گچ ۽ مانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪتت“ جي ملاوت سان پڪو بند ٻڌي، ڪاڇي جي زمينن ۾ پاڻي پئي پهچايو، جنهنڪري آتي [ٻه] جام آبادي ٿيندي پئي رهي: آنهيءَ ڪاڇي واريءَ پوک تي ڏهون حصو ڍل وٺل هئي، يعني جنهن مان ٽو حصا رعيت کي ۽ ڏهون حصو سرڪار کي ٿي مليو: تڏهن به جام نندي کي هڪ لک خرار وصول پئي ٿيا.“ آن ساڳئي سيوهڻ صوبي جي نوابي، وچ ۾ ارغونن- ترخانن جي ستر کن سالن ۽ دهليءَ جي مغل تسلط جي ويهارو کن سالن جي عرصي کان پوءِ، ١٦٠٧ع ۾ جهانگير جي تخت نشينيءَ تي خود يوسف ميرڪ جي پيءُ مير قاسم نمڪين کي ملي؛ يوسف ميرڪ جي پيءُ کيس هٿيار بند سوارن جي هڪ مضبوط جماعت سان ڏيئي اوڏانهن روانو ڪيو ۽ پاڻ هڪ ٻن ڏينهن جي مفاصلي تي پٺيان منزلون ڪندو ايندو رهيو. آنهيءَ پنهنجي سيوهڻ صوبي جي پهرئين سفر جي ڳالهه ڪندي، يوسف ميرڪ ٻڌائي ٿو ته ”واٽ تان ايندي، جيڏانهن ٿي مون نگاهه ڪئي تيڏانهن مون کي ويراني ئي ويراني ٿي ڏسڻ ۾ آئي“ – جڻ وچ واري عرصي ۾ آتان ڪو راڪاس گهمي ويو هو. آن کان پوءِ وڌيڪ ويهارو کن سالن جي گذرڻ بعد، ١٦٢٨ع ۾، احمد بيگ جي نوابيءَ ۽ آن جي ظالم پاءُ مرزا يوسف جي ڪارستانين جو ذڪر ڪندي، يوسف ميرڪ لکي ٿو ته ”ملڪ جي بربادي جي حالت آتي وڃي پهتي هئي، جو جڻ پنجن مهينن کان خود سپاهين کي خرچ پکو ڪونه ٿي مليو، جنهنڪري [قرمار لاءِ] ڪيترا ڀيرا آهي پنوهرن تي ڪاهي ويا، پر ڪامياب ٿي نه سگهيا. پوءِ جيڪو فصل قدرتي آفت جو شڪار ٿي چڪو هو، تنهن تي وڃي هنن قبضو ڪيو، ڪين جڻ مفت جي ڪا مڏي هٿ اچي ويئي هئي... هوڏانهن احمد بيگ پاڻ ڪو هٿ پير ٿي هنيو ۽ کيس ڪٿان ڪجهه هٿ ٿي آيو، آهو وٺس پهچي ئي پهچي، تيسين سڀڪجهه لفنگ ماڻهو ڪٺي ٿي ويا... جيڪي ڪجهه وڳوڙين جي ور ٿي چڙهيو، سو آنهن جو ٿيو ٿي ويو...“ ڇهه سال پوءِ ڪتاب جو خاتمو ڪندي، يوسف ميرڪ ٻڌائي ٿو ته ”آنهيءَ احمد بيگ جي ايامڪاريءَ ۾ جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسنديون ويران ٿي ويون، سي اڄ تائين آسري نه سگهيون آهن.“ سمن جي وطن دوست راڄ جي ڏينهن جي ڳالهه ڪندي، يوسف ميرڪ لکي ٿو ته ”جيڪڏهن واقعي رعيت خوشحال ٿي، پوريءَ محنت سان پوکيءَ راهيءَ ۾ لڳي وڃي، مٿس ڪوبه ظالم حاڪم مسلط نه هجي، ته هڪ هڪ ماڻهو، جيڪو زور زبردستيءَ سان، دل من هڻندي، رڳو ڏهه جريب آباد ڪري سگهي ٿو، سو پنجن ستن ڪان هزار جريبن تائين بلڪ ان کان به وڌيڪ آبادي ڪندو ۽ ڍل ڀريندو .... جيڪڏهن رعيتي سکيا ستابا آهن ۽ کين ڀروسو آهي، ته آهي پنهنجي وس آهر درياهه مان واهڙ ڪڍي، انهن کي ڀري ڀري وارن پٽن تائين پهچائي، زمين آباد ڪري ٿا سگهن، جتي ماڻهوءَ، مرونءَ ۽ پکيءَ جو ٻاڇو به ڪڏهن نه پيو هجي .... مون خود پنهنجي اکين سان اهڙو مشاهدو چانڊڪا پرڳڻي ۾ ڪيو هو: مير ابڙي نالي آتان جي هڪ زميندار، ننڍي درياهه جيڏو هڪڙو وڏو واهه دزياهه مان ڪڍائي ڀري ڀري نيئي، سڄا پٽ آباد ڪري ڇڏيا ۽ آتي نوان شهر ٻڌايائين، جتي پکين ۽ حيوانن انسان جي شڪل نه ڏٺي هئي ـ انهن هن 'جوڳي' ۽ 'متتهه' نالي شهر ٻڌايا: ساڳيءَ طرح ننڍي ابڙي 'پوپٽي' نالي، ۽ شاهه عليءَ، جيڪو ابڙن جو پير هو ۽ ٻاڻ کي مهدي چوائيندو هو، 'ڪوتل' نالي شهر ٻڌايا. انهن ابڙن، سانگين ۽ سميجن مان هر ماڻهوءَ، جيڪي هن پرڳڻي جا رهاڪو هئا، ننڍا ننڍا ڪڙيا ڪڍائي، غيرآباد پٽ آباد ڪيا ۽ نوان نوان ڳوٺ اڏيا ـ تان جو بکر 'ملڪ' جي ان علائقي جي جمعبندي هڪدم ١٢ لکن مان وڌي، ٽيهارو چاليهارو لکن 'تنڪن' تائين پهچي ويئي“ ـ ۽ اهو سڀ انهيءَ ڪري ٿيو، جو” ماڻهن کي ڪجهه وقت لاءِ هڪڙي ماڻهپي واري نواب [محمد علي بيگ بندريءَ] جي زير حڪومت رهڻ جو موقعو مليو.“

تقريباً پورا ٻه سؤ سال (١٥٢٠ع-١٧٣٦ع) سنڌ ۽ سنڌ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو اُئين ارغونن - ترخانن ۽ دهليءَ جي مغل حڪومت جي هيٺين ۽ رت - پياڪ تسلط هيٺ پيسبا ۽ پٽبا ٿيندا رهيا؛ سندن تهذيبي زندگيءَ جو ساهه سندن دشمنن جي مٺ ۾ گهٽبو ۽ پوسائبو رهيو، سندن ذهني ۽ جسماني صلاحيتون بند ٿيون ۽ انهن جي هر قومي استعمال ۽ اظهار تي مٿن هٿيايون ۽ بي قياس سنگينون آيمن ٿي ٿي ويون. پر پورن ٻن صدين جو اهو سڄو عرصو، پنهنجي وطن جي نجات ۽ پنهنجي وجود جي بچاءَ لاءِ، هو پوءِ به لڳاتار وڙهندا رهيا. انهن ٻن سؤ سالن جي تاريخ شاهد آهي ته ان عرصي جو ڪو هڪ مهينو، ڪو هڪ هفتو، ڪو هڪ ڏينهن به اهڙو ڪونه گذريو، جڏهن هو پنهنجي ان مقدس فرض کان غافل رهيا. پر ساڳئي وقت سندن افسوسناڪ نياڳ اِهو هو، جو اهو سڄو عرصو هو پنهنجي اندروني قومي ۽ مذهبي نفاق جا پڻ شڪار رهيا، ۽ ان نفاق کي وڌائڻ ۽ ان مان فائدي وٺڻ ۾ سندن دشمنن ڪا ڪثر پوئتي ڪانه ڇڏي. ان لاءِ پهرين ڳالهه، هُنن هيءَ ڪئي، جو سنڌ کي ورهائي ٽڪر ٽڪر ڪيائون، ۽ ان جي متحد قومي رياست کي هڪ ڀيرو وري به واوڪر ڪري ڇڏيائون. ارغونن "ولايت سنڌ" کي ڇهن "سرڪارن" ۾، ۽ مغلن ان کي ڇئن "ملڪن" ۾ ورهايو، ۽ سڄو وقت هيءَ يا هوءَ "سرڪار" هئين يا هُن "ملڪ" يا "سرڪار" سان وڙهندي رهي. ڀيو ته سڀ آهي "سرڪاريون" ۽ "ملڪ" ٻاڻ کي قائم ۽ پنهنجي لُٽ مار کي جاري رکڻ لاءِ، پنهنجي پنهنجي دائري ۾، ماڻهن جي هر قبيلي ۾ اندروني جهيڙن ۽ قبيلن جي هڪٻئي سان ٽڪر ۽ ويڙهه کي سعيو ڪري اڀاريندا ۽ وڌائيندا رهيا. لاکن کي سميجن جي خلاف، سميجن کي سومرن جي خلاف، سومرن کي ماڇين جي خلاف، ماڇين کي مهرن جي خلاف، مهرن کي ڪهيرين جي خلاف، ڪهيرين کي ڪلهوڙن جي خلاف، ڪلهوڙن کي دائودپوٽن جي خلاف، دائودپوٽن کي پنوهرن جي خلاف، ۽ پنوهرن کي هُنن جي خلاف ۽ هُنن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن جي خلاف، بلوچن کي سمائن جي خلاف ۽ سمائن کي بلوچن جي خلاف، سعيو ڪري، ويڙهائيندا، هيٺو ڪندا ۽ خوار خراب ڪندا رهيا. اُن کان سواءِ مذهبي ڪٽرپڻو ۽ فرقيوار انتهائيت، ۽ مذهبن جي وچ ۾ غيربرابري، مسهپ ۽ عداوت هُنن لاءِ پنهنجي حڪومتي ڪاروبار کي هلائڻ ۽ قابض اقتدار کي قائم رکڻ جو هڪ نيون سوچيل ۽ آزمايل طريقيڪار هو، جنهن کي هو محڪوم ۽ ويساهہ ۾ ورتل "رعيت" کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ، مات ڪرائڻ ۽ ڦيرائي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ هر ضرورت جي موقعي تي ڪم آڻيندا رهندا هئا.

* * *

سنڌ ۽ سنڌي سماج جي اُنهن ٻن سالن جي غلاميءَ جا پويان ٤٧ سال حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي اکين پاڻ ٻہ ڏٺا — جيڪو تہ پاڻ ١٦٨٩ع ۾ ڄاوا هئا ۽ ١٨٣٧ع ۾ مغلن جي آخري نواب صادق علي خان، جنهن "ملڪ' ٺٺو دهليءَ جي مغل شهنشاهہ محمد شاهہ رنگيلي کان مقاطعي تي ورتو هو، ۽ پهرئين سال جي مقاطعي جي رقم جهڙين تيئن پوري ڪري ڏني هئائين، ۽ ٻئي سال کيس نقصان پيو هو...."، اُن ملڪ جون واڳون ڪلهوڙن جي سربراهہ ميان نورمحمد جي حوالي ڪيون - "ملڪ" سيوهڻ، "ملڪ" بکر ۽ "ملڪ" سيوي اڳي ئي هُن جي هٿ ۾ اچي چڪا هئا — ۽ "اُن وقت کان هندستاني حاڪمن جي حڪمرانيءَ جو سلسلو ٽٽي مان ڪيچي ويو، ۽ عباسي [ڪلهوڙا] خاندان کي بکر، سيوستان ۽ ٺٽي جي فرمانروائيءَ ۾ سدائينءَ جي سرخروئي حاصل ٿي" — ("تحفة الڪرام"). ۽ ائين "سنڌ جي سمورن جدا جدا ٿي ويل ٽڪرن جي ملي هڪ ٿيڻ وارو مقصد .... تڪميل تي پهتو .... صدين کان پوءِ هيءُ پهريون موقعو آيو هو، جو متحده سنڌ جي انتظام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ضابطي جي مرڪزيت جا مقصد آنهن وطني حاڪمن جي ذريعي پورا ٿيا هئا“ ـ (”تاريخ ڪلهوڙا“، مهر).

ڪلهوڙا سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن جو هڪ مُک قبيلو هئا، جيڪي سنڌ جي ٻين پاڻ جهڙن مُک قبيلن وانگر سدائين سنڌ جي ڌارين حڪمرانن جي خلاف پنهنجي مُنهن وڙهندا رهندا هئا. تاريخ ۾ سنڌن اصل نسل ”سنڌي چنا“ قبيلي منجهان ڏيکاريل آهي، جيتوڻيڪ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ هُنن پنهنجي ذات عرب سان ڳنڍي، پاڻ کي عباسي سڏائڻ شروع ڪيو ـــ ورنه اوستائين (جيئن اڄ به) سنڌ ۾ هنن جون ذاتيون يا پاڙا ڪلهوڙا، دائود پوٽا، عاربائي، هيسبائي، فيروزائي وغيره مشهور هئا. پنهنجي قبيلي جي نالي کي ڇڏي، پاڻ کي عرب سڏائڻ ۽ عباسي چوائڻ، اها ڌارين جي سلسلي ۾ سنڌن احساس ڪمتريءَ کان وڌيڪ آنهن سان ڪاٿهي ـ گس ڪرڻ ۽ خود پنهنجن تي حاڪمانه برتري ڏيکارڻ ۽ رعب ويهارڻ جي سنڌن هڪ ڪوشش هئي. بهرحال، سنڌن ڀيرئين وڏي جام چنوءَ (١٢٢٠ع) جو تاريخ ۾ ذڪر هڪ نهايت معتبر راڄ جي چڱي مڙس جي حيثيت ۾ ڪيو ويو آهي. هُن سيوهڻ کان ڇهه ڪوهه پري جهانگارا ٻاجارا جا شهر ٻڌايا. هو ستن مُک قبيلن ـــ ڪوريجن، سهتن، چنن، سمن، مورن، ٻلالن ۽ ڏهرن ـــ جو پڳدار هو. سنڌ جي تاريخ ۾ هيءَ پهرين خبر ملي ٿي، جڏهن مختلف ۽ هڪ کان وڌيڪ قبيلا گڏجي وسيع قومي اتحاد طرف وک کڻندي ڏسجن ٿا. هو هڪ وڏو ڀاڳيو ۽ سجاڳ زميندار هو، ۽ وڏيءَ ساک وارو سخي، پهلوان مڙس هو. هُن جو دستور هو ته هارين جي کرڻ تي ڪوبه پنهنجو ماڻهو ٻنيءَ لاءِ نه موڪليندو هو ـــ هاري پاڻ زمينداريءَ جو حصو، جيڪو ڪن فصلن ۾ ڏهين ڪوڙي ۽ ڪن ۾ اٺين ڪوڙي هوندو هو، کڻي کيس پهچائي ويندا هئا. ۽ جڏهن ڪو هاري آهو زميندار حصو کڻي وٽس ايندو هو، ته آن کان ٿي سوال پڇيا ويندا هئا: تو تي قرض ته ڪونهي؟ تنهنجي ڪا سامايل

ڏيڻ تي ويٺل ڪانهي (جنهن جي تو ڪي شادي ڪرائڻي هجي)؟ تو وٽ تنهنجي گهر ۾ ڇهن مهينن جو اَن آهي؟ جڏهن جواب ملندو ته قرض اٿم، ساماڻل ڏيڻ ويٺل اٿم يا گهر ۾ ڇهن مهينن جي تٽوڻ ڪانه اٿم، ته هن ڪان ٻڌڻ جو اَن نه نه وٺبو، ۽ ڇڏيس ته ڀرين وڃي پنهنجي پورت ڪر! سنڌ جي هن رڄ چڱي مڙس، ڄام چنوڻ، جو زمانو سنڌ جي وطن دوست سومرا رياست جو دور هو. سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجي وطني رياست جي ڇانوَ هيٺ سنڌي تهذيب جي اَن تعميري اوسر جي دور جا ڀيا اهڙا ڪئي سنڌي سورمن جا داستان ملن ٿا، جن ۾ اُنهن جي پهلوانيءَ، عدل ۽ انصاف، غيرت، نمڪيءَ ۽ سخاوت جا مثال بيان ٿيل آهن. ڄام چنوڻ جي ذهن پيڙهيءَ ۾، جڏهن سنڌ جي تاريخ جي اَن سونهري قومي دور کي ختم ٿئي ٻه هڪ سؤ کن سال ٿي چڪا هئا ۽ اَن وچ ۾ غير وطني، ظالم ۽ ڦورو ارغون ۽ ترخان حاڪم پاڻ ۾ پوين پساهن تي اچي پهتا هئا، ۽ اُنهن جي جاءِ تي دهليءَ جي وڏيڪ ظالم ۽ خون پياڪ مغل تسلط جي صدي شروع ٿيڻ واري هئي، تڏهن ڪلهوڙا قبيلي جو هڪ پيو آهڙو ئي نيڪ نام، بهادر، وطن دوست، راڄن جو اڳواڻ، ميان آدم شاهه ڪلهوڙو، سنڌ جي تاريخ ۾ نمودار ٿيو. ١٥٩١ع ۾، شهنشاهه اڪبر طرفان عبدالرحيم خان خانان سنڌ کي ترخانن کان کسي مغل قبضي ۾ آڻڻ لاءِ مقرر ٿيو. پنهنجي ڪم جي ڪاميابيءَ لاءِ سنڌ ۾ هو جن بزرگن وٽ "مدد ۽ دعا" لاءِ ويو، تن مان ميان آدم شاهه ڪلهوڙو ٻه هڪ هو. ميان آدم شاهه ترخانن ۽ مغلن جي تصادم جو فائدو وٺي، ڌارين فاتحن جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو، ۽، هڪڙي تاريخ نويس جي لفظن ۾، "چاڪاڻ ته هو امن ۾ خلل وجهڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺو هو، انهيءَ ڪري ملتان ۾ شهيد ٿيو." ٻئي هڪ مؤرخ جي لفظن ۾ ميان صاحب جي خلاف "ملتان جي حاڪم جي دل ۾ حسد پيدا ٿي پيو، جنهن هن تي حملو

ڪرايو؛ ميان صاحب جا سانڍي ٽڙي پکڙي ويا ۽ هو پاڻ جهاجي پيو ۽ هن کي موت جي سزا ڏني ويئي.“ سنڌ جي هڪڙي ٻئي مؤرخ واقعي کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي: ”آدم شاهہ جا مريد گهٽا وڌي ويا– ۽ آن سان جا طاقت هن کي حاصل ٿي، تنهن کان ٻاڙي وارن زميندارن ۽ مختلف قبيلن جي سردارن جي دلين ۾ حسد جي باهہ جاڳي پيئي. آخر پوءِ ميان صاحب جي خلاف بکر جي [مغل] ناظم کي خوفناڪ ڳالهيون ٻڌايون. ناظم ميان صاحب کي ملتان موڪلي ڏنو، جتي هُن شهادت جو جام پيتو“ سترهين صديءَ جو هڪڙو فارسي شاعر واقعي کي بيان ڪندي چوي ٿو:

بترسيد والي ز پير و مريد، با يماي حاڪم هلاڪت رسيد–

جنهن ۾ ”والي“ مان سنڌس مراد بکر جو ناظم، جهڙو ”پير“ کان ۽ آن جي مريدن کان ڊڄي ويو،“ ۽ ”حاڪم“ مان ملتان جو حاڪم هو، جنهن ”هُن کي شهيد ڪرائي ڇڏيو.“ ميان صاحب ائين دشمنن سان وڙهندي، وطن تان قربان ٿي ويو.

ميان صاحب شهيد جي اِن قربانيءَ کان تقريباً هڪ سؤ سال پوءِ ١٦٨٩ع ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف جو جنم ٿيو. آن وچ ۾ ميان صاحب شهيد جو پوٽو ميان شاهل محمد مغل حڪمرانن سان وطن خاطر وڙهندي جنگ ۾ مارجي ويو (١٦٥٧ع). کانئس پوءِ سندس پاڻنئي ميان نور محمد (وفات ١٦٩٢ع) کي ماڳيئي وطن دوستيءَ جي ڏوهہ ۾ عمر جا ڪيترا سال لاهور ۽ ملتان ۾ جلاوطنيءَ جا ڪاٽا پيا ۽ گواليار ۽ دهليءَ ۾ اورنگزيب جي قيد ۾ گهارڻا پيا. ميان نصير محمد جي پٽ ميان دين محمد دشمنن خلاف پنهنجي جنگ جاري رکي ۽ اورنگزيب جي پٽ معزالدين ۽ آن جي اوابن ۽ سپهہ سالارن کي ڪيترن ئي هنڌن تي شڪستون ڏنيون. پر نيٺ هو دشمن جي فريب ۾ اچي ويو ۽ قرآن جي ضمانت تي پنهنجن ئي قريبي عزيزن سميت ڳالهين لاءِ معزالدين وٽ ويو، جنهن وعده شڪني ڪري،

ڪيس گرفتار ڪيو، ۽ ملتان نيٺي، ڪيس ۽ سندس پٽ ساٿين کي ڇيڇلائي ڇڇلائي، سنڌ کان سنڌ" الڳ ڪرائي، مارائي ڇڏيو. ميان دين محمد ۽ سندس ساٿين جي شهادت جو هيءُ واقعو ١٧٠٠ع ۾ پيش آيو، جڏهن شاهه لطيف ٻارهن سالن جو هو. ميان دين محمد کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ ميان يار محمد پنهنجي اهل عيال ۽ پنهنجن ماڻهن سميت جابلو علائقن ۾ پناهه ورتي، ۽ اتان مغل شهزادي معزالدين جي فوج سان جنگ جاري رکي، ۽ ان کي شڪست ڏني. ان کان پوءِ هو جبلن تان هيٺ لهي آيو، ۽ نئينگ کان ڏمندي، منڇر ڍنڍ جي ڪناري وارا شهر، سامتاڻي ۽ ڳاهن جي ايراضي، 'فتح پور' (؟)، 'شڪارپور' (خدا آباد)، ڳچيرو، ڪاري، ڪنڊيارو ۽ لاڙڪاڻو آزاد ڪرائي پنهنجي قبضي ۾ آندائين. ترت ئي پوءِ، مغلن پنهنجي اختيار جي سج جو زوال ڏسندي، پهريائين سبي ۽ ڏاڍر جو انتظام 'بطور رشوت جي، ۽ پوءِ، بحالت مجبوري'، سڄي بکر ۽ سڄي سيوهڻ جي علائقن جا اختيار ميان يار محمد جي حوالي ڪيا - ڪيس "خدا يار خان" جي لقب سان گڏ خلعت، سونيءَ جڙت واري ڪلنگي، ترار، گهوڙو ۽ هاٿي به هن جي پذيرائيءَ طور هن کي ڏنا - سر زمين سنڌ جي هڪ حصي (اتر سنڌ) جي اقتدار جي هيءَ منتقلي ١٧٠٨ع کان ١٧١١ع تائين عمل ۾ آئي.

پنهنجي عزيز وطن جي نجات ۽ ناموس جي بحاليءَ جي جدوجهد جا هي ڊرامائي واقعا شاهه عبداللطيف پنهنجي اکين ڏٺا ۽ ڪنين ٻڌا - هو هنن واقعن جي عمل ۾ اچڻ وقت پنهنجي قوهه جوانيءَ ۾ هو، ان وقت هُن جي عمر ١٩ کان ٢٢ سالن جي هئي. ملتان جي مغل حاڪم، اورنگزيب جي پٽ معزالدين، هٿان، ڏوڪي سان جهلجي، سنڌ تان سر ڏين وارن ميان دين محمد ۽ سندس پٽ بهادر ساٿين جي شهادت وقت شاهه ١١ ورهين جو هو. ان کان پوءِ پيا پورا ١١ ورهيه هو سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي نجات ۽ تحفظ جي هن تحريڪ جو مشاهدو - جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عمل جو دائرو اتر سنڌ هو ۽ جنهن جي تحريڪ ۽ توانائيءَ جو مرڪز ۽ روح ڪلهوڙا ٽبيلي جا بزرگ هئا ـ مڌيءَ طرح، ۽ ويجهي ڪان ويجهو ٻيهي، ڪندو رهيو. ايڏي آن اتهاسڪ ۽ جاندار قومي جدوجهد هلندي، سڄيءَ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي وطن دوست بزرگن جي ڪارنامن جا داستان ـ سنڌن ڀهرئين نيڪ مرد چام چنوءَ ڪان وٺي، مظلوم شهيد ميان آدم شاهه، ميان شاهل محمد شهيد، ميان نصير محمد جي طويل قيد و بند، ميان دين محمد ۽ سنڌس ٻن ساٿي شهيدن ۽ ميان يار محمد جي ڪامياب جنگي ڪاروائين تائين ـ زالن، مردن، ٻارن، ٻڍن ۽ جوانن سڀ ڪنهن جي زبان تي عام هوندا. آن سان گڏ پنهنجن قومي راڄ سردارن ۽ حاڪمن سومرن ۽ سمن جي عظيم وطني رياست جي ڏينهن جون ڳالهيون، قصا ۽ داستان ٻه هر ڪنهن جي زبان تي هوندا. وچ ۾ ارغونن ـ ترخانن ۽ دهليءَ جي ڏارين مغل حڪمرانن ۽ آنهن جي وحشي ۽ سفاڪ نوابن جي خونخوار حڪومت جي ٻن سون سالن جي دل ڏاريندڙ ڪارستانين جون ڳالهيون ٻه هر هنڌ عام هونديون. سنڌ جي تاريخ جو هيءُ هڪ ٻحراني دور هو، بلڪ سڄي سنڌ، سڄو سنڌي سماج آن منزل تي پنهنجي آن بحران جي سڀ ڪان وڌيڪ تيز ۽ شديد ڪيفيت سان دوچار هو ـ جڏهن سنڌي سماج جي قسمت جو بنيادي سوال اٿيو هو ۽ آن جي حل ٿڻ جي زمين هموار ٿي رهي هئي، ۽ جنهن ۾ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي هڪ نئين اجتماعي شعور سان واقف ٿي رهيا هئا، ۽ سنڌن ذهن ۾ پنهنجي وجود جو خيال، پنهنجي اهميت جي شعور جو احساس اڀرندو رهيو هو، جيئن سانوڻ ۾ پڙيل ڪڪر اتر کان اوبڙ ڪائي اٿندا آهن ۽ وڌندا وڌندا سڄي وايو منڊل تي ڇانئجي ويندا آهن. شاهه جو شعر اسان وٽ اسان جي آن اڀريل قومي شعور جي احساس جو اظهار ۽ اسان جي سماجي وجود جي اهميت جو ۽ آن جي قسمت جي بنيادي سوال جي حل جو نشان آهي. شاهه جي حساس ذهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۽ سنڌي سماج جي غلاميءَ جي جهنم جي خلاف ڪنهن پُربهار ۽ روح پرور مسرت جي بهشت جو خواب جلوه گر ٿيو هو — سنڌ جي رياست، سنڌ جي مذهبَ ۽ سنڌ جي تهذيب ڪي پنهنجو سڏڻ ۽ انهن ۾ پنهنجائپ جي ڏسڻ جو خواب. شاهه جو سچو شعر ان خواب جو عڪس ۽ بيان آهي — ڇو ته اها ئي ڳالهه، اهو ئي امنگ ۽ اها ئي ان جي معني، شاهه جي دور ۾ سنڌ ۽ سنڌي سماج جي اصلي، سچي ۽ اهم ڳالهه هئي.

۱۷۰۷ع ۾ مغلن جو شهنشاهه اورنگزيب 'عالمگير' فوت ٿيو، ۽ سنڌس موت سان سنڌس 'عالم گيريت' به واءُ ٿي ويئي. ان وقت شاهه عبداللطيف جي عمر ۱۸ سال هئي. مغلن جي "سنڌ ولايت" جا ٽي 'ملڪ' — "ماڻ سيوي"، "ملڪ بکر" ۽ "ملڪ سهوان" — اڳ ئي يا ان ڪان ڪجهه سال پوءِ (۱۷۱۱ع تائين) مغل تسلط کان عملي طور آزاد ٿي چڪا هئا. باقي ان جو فقط "ملڪ ٺٽو" هو، جو اڃا ان اڌ رنگ ۾ ورتل مغل تسلط جي هٿ ۾ رهيل هو. سنڌ جي نجات ۽ بحاليءَ جي تحريڪ جو پهو دائرو ڏکڻ سنڌ (لاڙ) هو، جنهن جو مرڪز ۽ روح بڻوري 'پرڳڻي' جي جهوڪ (نصرپور، موران پور) جي لانگاهه قبيلي جا بزرگ هئا. هن درويش خاندان جي پهرئين بزرگ جو ذڪر، جيڪو ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جو همعصر هو، سنڌ جي تاريخ ۾ مخدوم صدو لانگاهه جي نالي سان ملي ٿو، جنهن لاءِ چيل آهي ته 'ايتري قدر دنيوي پدارٿن جو تارڪ هو، جو رات جو پاڻيءَ جا مٽ به هارائي ڇڏيندو هو، ڇو "نئون ڏينهن نئون رزق"' — هن جي ارادتمندن جي وسيع حلقي ۾ مختلف قبيلن سان گڏ ڏکڻ سنڌ جا متياري سادات به شامل هئا. مخدوم صدو لانگاهه جي پنجين پيڙهيءَ ۾ سنڌ جي شاهه شهيد، شاهه عنايت، بلڪل اهڙين ئي حالتن هيٺ ۽ عين انهيءَ طريقي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لٽي جي مغل نواب هٿان شهادت جو پيالو پيتو، جن حالتن هيٺ ۽ جنهن طريقي سان ڪلهوڙن جو سرفروش بزرگ ميان آدم شاهه ملتان جي مغل نواب هٿان تقريباً هڪ سؤ سال اڳ، شهيد ٿيو هو ـــ هين حالت ۾ فرق رڳو هيءُ هو (۽ ڪيترو نه آهو دکدائڪ ۽ سنڌ لاءِ هاڃيڪار فرق هو!) ته ميان صاحب شهيد جي پنجين پيڙهيءَ جي ميان يار محمد ڪلهوڙو، جنهن ساڳين آنهن مغلن کان سيوهڻ، بکر ۽ سيوي آزاد ڪرايا ـــ آهو ٿي ميان يار محمد پنهنجي اُن مظلوم شهيد ڏاڏي جي عظيم شهادت ڪي وساري ۽ خود پنهنجي مقصد عظيم يعني سنڌ جي قومي اتحاد ۽ قومي رياست جي شهادت ڪي وساري، پاڻ سنڌ جي معصوم شهيد شاهه عنايت جي قيام ۾ آنهن ساڳين سنڌ جي خون پياڪ مغل دشمنن جو حامي ٿي بيٺو! ائين ڇو ٿيو؟ جواب هي آهي ته قومي اتحاد جي اصولن جي ناڪاميءَ ڪري. قومي اتحاد جا اصول ڇا آهن، ۽ آنهن جي ناڪامي ڇا آهي، اِن جو ذڪر اڳتي ڪنداسين. پر سنڌ جي تاريخ جي اُن اهم بحراني دور ۾، جڏهن سنڌي قوم جي قسمت جو بنيادي سوال اٿيو هو ۽ اُن جي حل ٿيڻ جي زمين هموار ٿي رهي هئي، اُن جي نجات ۽ بحاليءَ لاءِ وڙهندڙ ٻن ڌرين (جن مان هڪ ڌر اڳي ئي پنهنجي دائري ۾ ڪامياب به ٿي چڪي هئي) جي هِن نفاق جي نتيجي ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جا ستّو ۽ سنڌن تاريخ ڪٿي پهچي ڪهڙيءَ تاريڪيءَ ۾ بطال ۽ هيڪر ڪهڙي دردانگيز اوڙاهه ۾ مبتلا ٿي ويئي، اُن جو صحيح اندازو ڪرڻ محال آهي.

اورنگزيب جي مرڻ (۱۷۰۷ع) کان پوءِ سنڌس پٽن ۽ پوٽن جي پاڻ ۾ ويڙهه (ڇهن سالن ۾ چار شهزادا تخت تي ويٺا ۽ لٿا)، مغل اقتدار جو زوال (جنهن لاءِ پهاڪو مشهور ٿيو ته ”شاهه عالم از دلي تا پالم“، يعني 'شاهه عالم ـــ ۱۷۱۲ع ـــ جو حڪم فقط دهليءَ کان پالم تائين')، مغل نظام جي پستي (جنهن جو بيان مشهور مزاحي شاعر جعفر زٽليءَ هيئن ڪيو ته ”سڪه

زد بر گندم و موٺ و مٽر، بادشاهه پشہ ڪُش فرخ سيئر ـــ يعني (فرخ سير ـــ ١٧١٣ کان ١٧١٩ع ـــ سچ پ، ماريندڙ بادشاهه، ڪنڪ تي، موڻن ۽ مٽرن تي محصول پيو مڙهي)؛ خود ٿٽي ۾ مغل نوابن جي هڪٻئي پٺيان مقرري ۽ معزولي (١٧٠٧ع کان ١٧١٧ع تائين اٺ نواب آيا ۽ ويا). انهن جون محلاتي سازشون ۽ خانہ جنگيون، سڄي ملڪ ۾ ڏڪار ۽ بدامني* ۽ ان سان

* سال ١٦٠٥ع ۾ هڪ يورپي مسافر، سيابيشڪ، اتفاق سان سنڌ جي روهڙي شهر ۾ وڃي نڪتو، ۽ آتي جون ڏکي حالتون ڏسي، دانهن نڪري ويس، ۽ چيائين تہ "هي شهر ڪيڏو نہ ڏکويل ماڻهن سان ڀريل آهي!"

چاليهہ سال پوءِ، ١٦٤٥ع ۾، ٻئي هڪ يورپي مسافر، اسپلتر، آتر سنڌ جو سير ڪندي، آتان جي آبادگارن ۽ هارين جي حالت ڏسي، لکيو تہ آهي "بيحد مجبور ۽ مظلوم" هئا.

٢٥ جنوري ١٦٥٩ع تي هڪ انگريز واپاريءَ پنهنجن انگلنڊ جي سيٺين ڏانهن هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هن کين ٻڌايو تہ "هيتي سنڌ ۾ ڏڪار ۽ پليگ جي بيماري ايتري تہ گهڻي پيل آهي، جو انهن ۾ ماڻهن جو گهڻو حصو ختم ٿي ويو آهي ۽ باقي ڪي ٿورا وڃي بچيا آهن."

١٦٩٩ع ۾ (جڏهن شاهہ عبداللطيف ڏهن سالن جو هو)، هڪ انگريز سياح، اليگزينڊر هئملٽن، جڏهن ٺٽي ۾ پهتو، تڏهن ڏنائين تہ آتي هن جي پهچڻ کان اڳ "اسي هزار ڪوري پليگ وگهي مري چڪا هئا." سنڌ جي حالتن جو ذڪر ڪندي، وڌيڪ هو ٻڌائي ٿو تہ آتي "عام رستي جي مسافري بنهہ خطري واري" هئي، ۽ ان جو عام طريقو هيءُ هو تہ "انن جا قافلا هلندا هئا، ۽ انهن سان هڪ سؤ کان ٻہ سؤ کن گهوڙي سوار حفاظت لاءِ ساڻ هوندا هئا." هن اهڙي هڪڙي قافلي جو ذڪر ٻہ ڪيو آهي، جنهن تي رستي ۾ چئن کان پنجن هزارن ڦورن

ڳالهہ سچيءَ سنڌ (سيوي، ڀکر ۽ سيوهڻ جي علائقن) جـو مغل قبضي ۾ اچي ٿي نڪري وڃڻ — اهڙين حالتن ۾ باقي سنڌ کي مغلن جي چنبي مان ڇڏائڻ ڪيڏو نہ آسان معاملو ٿي سگهيو ٿي. پر ائين نہ ٿيو. سنڌ ۾ مغل تسلط جي ڪرنڊڙ عمارت، ڪرندي ڪرندي بہ، سنڌ جي ڀن آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ مرڪزن کي پاڻ ۾ نڪرائي، پنهنجو پاڻ بچائي ويئي ۽ سچا سارا ويهہ سال اُن کان پوءِ آها جيئن جو تيئن سنڌ جي ماڻهن جـي ساهہ تي چڙهي بيٺي رهي.

جهوڪ جي قومي سانحي وقت (١٧١٨ع ۾) شاهہ جـي عمر ٢٨ ورهيہ هئي. جڏهن ويهہ ورهيہ پوءِ، ١٧٣٧ع ۾ مغلن

حملو ڪري، اُن جا ٢٥٠ گهوڙي سوار محافظ ۽ ٥٠٠ ڪن سوداگر ۽ ٻيا ماڻهو ماري ڇڏيا هئا.

مغلن جي پوئين دور جي هڪڙي ٿلهي جي نواب، ”نواب اعظم خان جو انڪل چئن سالن (١٧١٥ع - ١٧١٨ع) جو عرصو اهل سنڌ وارن لاءِ نحوست جو زمانو هو. هڪ تہ ملڪ ۾ سخت ڏڪار پيو، ۽ ٻيو تہ اُن ۾ حضرت حق شناس شاهہ عنايت الله جي شهادت جو واقعو پيش آيو.“ (ڊاڪٽر دائود پوٽو: ”شاهہ شهيد“، رسالو ”نئين زندگي“، مئي، ١٩٧٠ع).

برخلاف هن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ عام بک، ڏک ۽ بدامنيءَ جي، اُنهن کان اڳ سنڌ جي آزاد ۽ خودمختيار قومي رياست جي ڏينهن ۾ حالتون ڪيئن هيون؟ ”.... ۽ (روايت ڪن ٿا تہ) هن (ڄام نظام الدين) سنڌ جو اندروني ۽ اُن جـي سرحدن جو اهڙيءَ طرح انتظام رکيو، جو ماڻهو ڏاڍي اطمينان سان رستن جو سفر ڪندا هئا.... هن جي دور حڪومت ۾ عالمن، صالحن ۽ درويشن ڏاڍي آرام سان وقت گذاريو، ۽ رعيت ۽ سپاهہ بہ آسودا ۽ خوشحال رهيا....“ (تاريخ معصومي“، ص. ١٠٣).

"ولايت سنڌ جو "ملڪ لٽو" ۽ ڪلهوڙن جي ميان نور محمد جي حوالي ڪري، سنڌ مان پنهنجا ٽپڙ ٻڌا، تڏهن هو پنهنجي زوال جي اهڙيءَ ڪُڏ ۾ ڪِري چڪا هئا، جو "شامت اعمال ما صورت نادر گرفت" وارو ساهہ قبض ڪندڙ عذاب سندن مٿي تي چڙهي اچي بيٺو هو. رڳو ڪلهوڙا جيڪڏهن ويهہ سال اڳ آهــا سياسي غلطي نہ ڪن ها، ۽ ٺٽي جي 'نوابيءَ' لاءِ مغلن تي نہ پر اتر سنڌ وانگر "ملڪ ٺٽي" (ڏکڻ سنڌ) جي نجات لاءِ پاڻ جهڙي درويش مجاهد، صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ هُن جي 'فقيرن' تي ڀروسو رکن ها، تہ سنڌ جي اتحاد ۽ آزاديءَ جو سندن خواب ويهہ سال اڳ عمل ۾ اچي ها، ۽ آنهن ويهن سالن جي عرصي ۾ ڪين پنهنجي وطن کي خوشحال ۽ مضبوط ڪرڻ جو سونهري موقعو بہ ملي وڃي ها — نہ شڪست کاڌل محمد شاهہ رنگيلي کي سنڌ نادر شاهہ جي حوالي ڪرڻ جو سبب رهي ها ۽ نہ خود نادر شاهہ کي ئي موت کائي، سنڌ تي حملي ڪرڻ جو ايترو سولو مينهن ۽ ايتري جهٽ پٽ ڪا همت ٿئي ها. ڪلهوڙن جي آن سياسي غلطيءَ ڪري، جنهن سان هڪ طرف سنڌ جي ماڻهن ۾ تفرقو قائم رهيو ۽ ٻئي طرف کين پنهنجي متحد قومي رياست کي مضبوط ڪرڻ جي ڪا فرصت ملي ڪا نہ سگهي، جڏهن ٻہ سال پوءِ، ١٧٤٠ع ۾، نادر شاهہ دهليءَ جي آسان سوڀ جي گهمنڊ ۾ آتان جي بي انداز مال غنيمت سان گڏ سنڌ کي بہ آن جو حصو سمجهي سنڌ تي ڪاهي آيو، تڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت سنڌ جو بچاءُ نہ ڪري سگهي ۽ سنڌ هيڪر وري بہ پاڳا پاڳا ٿي ويئي. ورنہ تاريخ شاهد آهي تہ آهو ساڳيو نادر هو ۽ آها ساڳي سندس فوج هئي، جو هڪ سال اڳ، ١٧٣٩ع ۾، هو "قنڌار جي فتح کان پوءِ بولان دري جي رستي هندستان تي حملي ڪرڻ جو سوچي رهيو هو، پر آن رستي سان سيوي ۽ گنجابي جي حاڪم ميان نور محمد کي مقابلي لاءِ تيار بيٺل ڏسي، هُن بولان دري جو رستو ڇڏي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزنيءَ، ڪابل ۽ خيبر دري جو رستو اختيار ڪيو.“ حقيقت ۾ سنڌ تي نادرجي اَن تباهه ڪن حملي ۽ اَن ۾ هن جي ڪاميابيءَ لاءِ پڻ سنڌي سماج جو پنهنجو اندروني نفاق جوابدار هو. ١٧٣٩ع جي آخر ۾، سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ جڏهن نادر پنهنجي فوج مان ديري اسماعيل خان وٽ پهتو، تڏهن دائود پوٽن (ڪلهوڙا خاندان جي ئي هڪ ٽِڪ) مان رئيس“ امير صادق محمد خان وڏي وِٽ آتي ويو، ۽ مياں نور محمد خان جي خلاف ڪَس هر قسم جي مدد ڪرڻ جي پيشڪش ڪيائين، ۽ سچي وات ساٿس گڏ رهيو. ”تاريخ سنڌ ـ ڪلهوڙا دور“ جو مصنف مولانا ”مهر“، ١٧٣٧ع ۾ مغلن جي هٿان ”ملڪ لُٽو“ ميان نور محمد جي حوالي ٿيڻ، ۽ انهن ھُن جي ماتحت سنڌ جي متحد ٿيڻ ۽ اَن جي هڪ مرڪزي قومي رياست جي قائم ٿيڻ جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو ته ”صدين کان پوءِ هي موقعو آيو هو، جو متحده سنڌ جي جوڙجڪ ۽ انتظام جون ذميداريون اَن جي وطني حاڪمن جي هٿان پوريون ٿي رهيون هيون*. اهي سنڌ جي ماڻهن جي

* ”ڪلهوڙا حڪمرانن زرعي ڪم ۾ جيڪا گهري دلچسپي ۽ اورچائي ڏيکاري، اَن جي بنياد تي هو سنڌ ۾ سڀني کان وڏ واهه کوٽائيندڙ شمار ڏين ٿا. خاص طرح، ميان نور محمد، اتر سنڌ ۾، جتي پهرين هن جي حڪومت قائم ٿي، واهن رستي پوک جو نمونو شروع ڪيو.

”هن سنڌ ۾ گهاڙ واهن جو سرشتو قائم ڪيو، جنهن ۾ نور واهه (ڏهه ميل)، شاهجي ڪڙ (ويهه ميل) ۽ ڏاتمجي ڪڙ (ويهه ميل) شامل هئا، جن مان اڳتي هلي، پهريون واهه بتريج واهن جي جديد سرشتي ۾ وارهه جي شاخ طور استعمال ٿيو ۽ ٻيا واهه اَن سرشتي ۾ ٻين شاخن طور ڪم آيا. (ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾) ڏاتمجي ڪڙ تي لاڙڪاڻي کان شهدادڪوٽ تائين مسافريءَ ۽ باربرداريءَ لاءِ ٻيڙيون پڻ هلنديون هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرورتن کان پوري طرح واقف هئا ۽ دلي چاهه سان آنهن کي پورو ڪرڻ هنن پنهنجو پهريون فرض سمجهيو ٿي. هيءُ موقعو هو، جو سنڌ جا ماڻهو پنهنجن وطني حڪمرانن جي خدمتن کان پوريءَ طر مالا مال ٿين ها، ۽ صدين کان هو جن مصيبتن جي ڦِڪر ۾ ورتل هئا، آنهن جي تباهه ڪندڙ اثرن کان نجات حاصل ڪن ها ... پر اوچتو هڪ نئين وحشتناڪ آفت سنڌ جي اڳ

"سنڌونديءَ جي ڪاهي ڪپ سان پڻ ڪلهوڙن نوان واهه کوٽايا - مثلاً (نوشهري ڊويزن ۾) نصرت واهه، مراد واهه، باغ واهه ۽ فيروز واهه، جيڪي سپ نو لکي واهن جي سرشتي جو حصو هئا: اهي سپ واهه پوءِ اچوڪي روهڙي ڪئنال سان ڳنڍيا ويا.

"انهن ڪلهوڙن جيتوڻيڪ وسيع غيرآباد زمين کي آباد ڪيو، پر هو آبپاشيءَ جي جديد علم جي معيار تي وڏا انجنيئر ڪونه هئا - انهيءَ ڪري هنن جي واهن ۾ ايتري سوڌائي ۽ ترتيب ڪانه هئي: هنن پنهنجن واهن جا پيٽ فقط درياءَ جي ڇڏيل پيٽن يعني آن جي ڍورن ۽ مٽي پاڻيءَ جي موجود ڍاڍين جي رخ تي رکيا ٿي، جنهن ڪري سندن واهن جي مجموعي ڊيگهه هزارن ميلن تائين وڌيل هوندي هئي. پر چاڪاڻ ته هو پورا بااختيار ۽ مڪاني حڪمران هئا، انهيءَ ڪري هو پنهنجي آبپاشيءَ جي سرشتن جو انتظام خبرداريءَ ۽ پوريءَ ڪاميابيءَ سان هلائي سگهيا. سندن جانشين ٽالپر، جيڪي شڪار جا وڏيڪ شوقين هئا، سي هيءُ سچو عاليشان آبپاشيءَ جو سرشتو ايتريءَ ڪاميابيءَ سان قائم رکي نه سگهيا ...."

هيءُ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي دور جو سنڌ جي تهذيب جي ميدان ۾ محب وطن قومي رياست جي پناهه هيٺ، بلڪ آن جي ذريعي، اجتماعي معاشي بهبود لاءِ ورتل هڪ عظيم ڪوشش جو مثال آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي نمودار ٿي، جنهن هين معصوم سر زمين جي نئين جياپي جون سڀ اميدون هڪ ڀيرو وري به خاڪ ۾ ملائي ڇڏيون – آما اروڙي آفت آن تي نادر شاهه ايرانيءَ جي صورت ۾ نازل ٿي هئي ... ميان يار محمد ۽ ميان نور محمد لڳ ڀڳ چاليهن ورهين جي جانفشانين سان سنڌ جي سيني ڀاڱن کي ملائي هڪ ڪري عوام جي فلاحي حڪومت جو انتظام ڪيو هو، پر نادر جي حملي آنهن چاليهن ورهين جي سڄيءَ تڪاليف ۽ تعميري محنت جي مٿان هڪدم پاڻي ڦيري ڇڏيو. پنهي ميان صاحبن آهستي آهستي هين سر زمين جي وسيلن کي سڌاريو ۽ بهتر بڻايو هو: هنن جو اصل مقصد خزانو گڏ ڪرڻ نه هو، پر هيءُ هو ته عوام لاءِ امن ۽ خوشحاليءَ جا گهڻي ۾ گهڻا وسيلا پيدا ڪيا وڃن. پر چاليهن سالن ۾ جيڪي ڪجهه ڪٺو ٿيو هو، نادر ٻهارو ڏيئي سڀ ميڙي چولهي ڪٽي ويو .... پر سنڌ لاءِ آن کان وڌيڪ هاڃيڪار ڳالهه هيءَ هئي، جو ملڪ جي وحدت ٻيهر ڀاڱا ڀاڱا ٿي وئي" هڪڙو آن جو ڀاڱو (ڪڇي، ڏاڍر ۽ ڪراچي) قلات سان ويو، شڪارپور ۽ آن جي آسپاس جا علائقا دائود پوٽن کنيا، ۽ ملڪ جو رهيل حصو (ٺٽي جو علائقو وغيره) ميان نور محمد وٽ رهيا. ميان صاحب جو وڏو پٽ محمد مراد ياب پنج هزار سوارن سان، ۽ ساڻس گڏ سندس ٻه ڀائر غلام شاهه ۽ عطر خان نادر وٽ، ١٧٤٧ع ۾ سندس قتل ٿيڻ تائين، يرغمال طور ايران ۾ رهيا. آن کان علاوه "ملڪ سنڌ جو ڪتبخانو ۽ رسالا به آهو سفاڪ ناپاڪ پاڻ سان کڻي ويو." مطلب ته سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي تاريخ جي عين آن منزل تي جڏهن سندن اڳيان سندن قومي يڪوجوديءَ جو سوال ٿي واحد اهميت جو سوال هو، اقتدار جي سلسلي ۾ هڪٻئي جي شڪ جو شڪار ٿي ويا، ۽ اندروني نفاق ۽ ڏڦيڙ ۾ ونجي، هڪٻئي لاءِ طاقت بدران ڪمزوريءَ جا سبب بڻيا ۽ "صدين کان پوءِ قومي اتحاد ۽ بحاليءَ جي مليل موقعي" کي هٿان وڃائي ڇڏيائون، ۽ ايتري جدوجهد ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايترين قربانين کان پوءِ آزاديءَ جي ڪئين بازي هڪ ڀيرو ٻيهر هارائي ويهي رهيا.

نادر جي حملي وقت شاهه جي عمر ۵۰ ورهيه هئي، ۽ سچل ۱۱ ورهين جو ۽ سامي ڏهن ورهين جو هو. نادر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي ٽن 'قومي' شهزادن مان غلام شاهه ۽ عطر خان ايران مان 'آزاد' ٿي، ۱۷۴۹ع ۾ جڏهن پنهنجي وطن موٽيا، تڏهن سچل ۽ سامي ويهن ۽ اوڻيهن ورهين جي قومي بلوغت کي رسيل هئا. ٻن سالن کان پوءِ سنڌ جو وليعهد شهزادو محمد مراد ياب به واپس پنهنجي وطن پهتو. حضرت شاهه عبداللطيف کي آن کان پوءِ هن خاڪي جسم ۾ فقط هڪ سال باقي رهڻو هو. هُن جي عمر جا ۶۳ سال ٿي سنڌ جي اتحاد ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جا سال هئا. ٻارهن ورهين جي صغير عمر ۾ هن آنهن ساٿين شهزادن جي پڙ ڏاڏي ميان دين محمد ۽ آن جي ٻن ساٿين کي وطن جي آزاديءَ لاءِ وڙهڻ جي ڏوهه ۾ سنڌ کان ٻاهر ملتان ۾ ڦاٿا ڦاٿا ٿي ڪسجندي ڏٺو؛ ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ هُن ساڳئي ميان دين محمد شهيد جي پٽ ميان يار محمد جي ڪمان هيٺ اتر سنڌ (سيوهڻ ۽ بکر) کي ڌارين جي قبضي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندي ڏٺو؛ ۲۸ ورهين جي عمر ۾ هُن آزاديءَ جي مجاهد صوفي شاهه عنايت ۽ سندس فقيرن کي ڏکڻ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ پتنگن وانگر وڙهندي ۽ قربان ٿيندو ڏٺو؛ ۴۸ سالن جي عمر ۾ هن متحد سنڌ جي آزاد وطني رياست جو ٻن صدين جو پراڻو خواب عمل ۾ ايندي ڏٺو جڏهن مڇي سنڌ پنهنجي لاڙ ۽ سري سميت ميان يار محمد ڪلهوڙي جي حڪمرانيءَ هيٺ آئي ۽ تاريخ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر آن جي هڪ متحد ۽ آزاد رياست وجود ۾ آئي؛ ۽ ٻه سال پوءِ آن خواب کي هن وري ٽٽندي به ڏٺو- "جڏهن نادر شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ نوشهري کان ٿيندو، شهدادپور وٽ پهتو، تڏهن سانس ڪي اهڙا ماڻهو

اچي ماڻا، جيڪي ميان صاحب جا مخالف هئا. آنهن ڪيس عمر ڪوٽ جي رستي جو ڏس ڏنو [جتي ميان نور محمد، فوجي حڪمت عمليءَ ڪان ڪم وٺندي، محفوظ ٿي وڃي ويٺو هو]... ايتري ۾ ماڇي قبيلي جي فوج جو هڪ دستو نادري لشڪر جي سامهون رستو روڪي بيهي رهيو، ۽ وڏيءَ بهادريءَ سان وڙهيو. آها جنگ اڃا جاري هئي ته رڻ پٽ جي پاسي کان ٻي هڪ فوج نمودار ٿي. آها ڏهري قبيلي وارن جي فوج هئي، جنهن ۾ فقط ۹۰۰ سوار هئا. آنهن اهڙيءَ ته تيزيءَ سان حملو ڪيو، جو ايرانين جا ذري گهٽ پير اکڙي ويا .... [سنڌ جي لشڪر جا] هي ننڍا جانباز دستا نادري سيلاب کي بهرحال روڪي نه سگهيا ...."

شاهہ پنهنجيءَ پٽ جي آستاني تي شهدادپور کان فقط ڇوڏهن ميل پري ويٺي، قومي عظمت ۽ قومي ذلت جا اهي سڀ رنگ ڏٺا ۽ اهي سڀ ڳالهيون ٻڌيون. جڏهن ٿي نادري غنيم پٺ ڏني، تڏهن سنڌ جي واليءَ ميان نور محمد پنهنجي طاقت وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ شروع ڪئي. آن لاءِ هن [۱۷۴۸ع] ۾ بمبئيءَ مان انگريزن کان ۲۹ توبون ۽ ٻئي سال ڏهه وڏيون توبون ٻيا خريد ڪيون. پر سنڌ جو اتحاد ۽ آزادي ميان نور محمد ۽ شاهہ صاحب سڳورو پيهر پنهنجي اکئين ڏسي نه سگهيا. شاهہ صاحب ۱۷۵۲ع ۾ سنڌ کي دعائون ڏيندي، ۽ کانئس ٿي سال پوءِ ميان نور محمد پنهنجن "نور چشمن" ۽ "اميدن جي مرڪزن" لاءِ عمل ۽ اخلاق جو وصيت نامو * پويان ڇڏي، هن دنيا مان

---

* "ترڪ سياست ضعف رياست .... و رياست با سياست واجبي ... و در مقدمہ عدالت خود را و غير را بيڪ نظر بايد ديد ... در خير فڪر شر و در شر فڪر خير ... نفع شمايان سراسر در اخلاص و محبت است ... اول حق غربا و مساڪين و يتيمان و مظلوبان عائد بگردن ميشود و روز و شب فڪر ملڪداري ... و هر آفريده را بهتر بدانيد، و هر مرد را مرد بدانيد ..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفر جو ڪوچ ڪري ويا. سنڌ جي هنن ٻن اعليٰ هستين جي وفات کان پوءِ ۱۷۶۰ع ۾، ٻنهي جي دعائن ۽ اميدن جي مرڪز * ميان غلام شاهه جي هٿان سنڌ جي اتحاد ۽ آزاديءَ ۽ سنڌ جي وطني رياست جي قيام جو مقصد هڪ ڀيرو وري به پورو ٿي سگهيو – جيتوڻيڪ اُن جي استحڪام ۽ مضبوطيءَ جي هن کي فرصت ڪانه ملي سگهي. اُن کان پوءِ سنڌ جي ڪلهوڙا رياست وري به جانشينيءَ جي تفرقي ۾ اهڙي غلطان ٿي ويئي، جو ۱۸۰۳ع تائين ڪلهوڙا حڪمران هڪٻئي جي رت سان پنهنجا هٿ رڱيندا، هڪڙن جي پويان ٻيا ايندا ۽ ويندا رهيا، تان جو ٽالپرن سندن جاءِ ورتي، ۽ اهي به سنڌي رياست کي فقط چاليهه سال قائم رکي سگهيا، ۽ ساڳئي قسم جي پنهنجن ئي اندروني نفاقن ۽ اقتدار جي ڪشمڪش جي تباهڪارين جا شڪار

["سنڌي ترجمو: سياست کي ڇڏڻ معنيٰ رياست جي ڪمزوري .... ڇو ته رياست (جي ڪاميابيءَ) لاءِ سياست ضروري آهي ... عدل ۽ انصاف جي هر ڳالهه ۾ پاڻ کي ۽ ٻئي کي هڪ نظر سان ڏسڻ کپي ... خير وقت شر جو اونو ۽ بديءَ وقت خير جي اونو رکجي .... اوهان جي ڀلائي، سچ جي سچائي، اخلاص ۽ محبت ۾ آهي .... پهريائين اوهان جي گردن تي غريبن، مسڪينن، يتيمن ۽ گهرج رکندڙ ماڻهن جي حق جو بار آهي، ۽ اوهان کي ڏينهن رات ملڪ جي انتظام ۽ بهبود جو خيال رکڻ کپي .... ۽ اوهان کي گهرجي ته هر خلقيل شيءِ کي مفيد ۽ بهتر ڄاڻو ۽ هر انسان کي انسان ڪري سمجهو ..."]

* مشهور روايت آهي ته شاهه اُن دور جي بي مثل ڳائڻيءَ، مائي گلان، کي دعا ڪئي هئي ته "گلان مان گل ٿيندو" – اُن کان پوءِ اُن مائيءَ جو ميان نورمحمد سان نڪاح ٿيو، جنهن مان ڪيس غلام شاهه ڄائو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويا ۽ سنڌ ۽ سنڌي سماج ”وري به ست سمنڊ پار کان آيل هڪ ڌارينءَ قوم جا غلام ٿي ويا. شاهه جو روحاني وارث، سچل سرمست، ان تاريخ کان رڳو ڪي ١٤ سال اڳ فوت ٿيو، ۽ ساميءَ ته ان کان به پوءِ ١٨٥٠ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيو.

* * *

شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي دور جا سال (١٦٨٩ع – ١٨٥٠ع) سنڌ ۽ سنڌي سماج جي تاريخ جا انتهائي اهم ۽ بنيادي طور بحراني سال هئا. انهيءَ دور ۾ سنڌي سماج پنهنجي اجتماعي وجود جي بحاليءَ ۽ بقا جي جدوجهد ۾ مصروف هو. پر افسوس، ان جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو لازمي شرط، يعني قومي اتحاد، سنڌي سماج کي نصيب ٿي نه سگهيو. ان جو وڏو سبب سنڌي سماج ۾ اقتدار لاءِ اندروني ڪشمڪش ۽ گروهي تصادم ته هو ئي، پر ان جو اوترو ئي وڏو ڪارڻ مذهب پڻ هو. سنڌي سماج جي هيٺين پن اندروني آزارن ان ڪي، جيئن اڳي تيئن ان دور ۾ به، نه رياست بنجڻ ڏنو ۽ نه قوم.

اڪثريت جي مذهب جي ڪٽر تعبيرن نه رڳو ان اڪثريت جي اعتقادي يڪسوئيءَ کي تباهه ڪيو، پر انهن ۾ وطن دشمنيءَ ۽ قومي غداريءَ جي حد تائين به فرقا پيدا ڪيا. اقليت سان مذهبي رويي جو حال هيءُ هو، جو ”لا اڪراه في الدين“ ۽ ”لڪم دينڪم والي‌دين“ جهڙن عظيم مصالحتي اصولن جي سامهون هوندي به رڳو ”رسو“ چوڻ وارن کي به ’رسيءَ ۾ ٻڌي ڇڏڻ‘ لاءِ خلق تيار ٿيو ويٺي هئي. حڪمران اڪثريتي مذهب وارن وٽ لفظ ”واڻيو“ ڌڪن به حقارت ۽ خواريءَ طور ’هندوءَ‘ لاءِ ڪم ايندو هو. شاهه جي زندگيءَ واري دور جو هيءُ واقعو (”بياض هاشميءَ“ ۾ ذڪر) آهي ته ١١٥٧ هه (مطابق ١٧٤٤ع) ۾ هڪ هندو پالچند نالي مسلمانن سان ڳالهائيندي،

جواب ۾ چيئي ويئو ته ”آءٌ واڻيو نه آهيان“. بس پوءِ ته هُن لاءِ نسوري قيامت قائم ٿي ويئي – چي، ’اِن طرح هُن هندو هجڻ کان انڪار ڪيو آهي، ۽ ان ڪري مسلمان ٿي پيو.‘ هُن ويچاري گھڻئون دانهون ڪوڪون ڪيون، پر سڀ بيسود. مٿس شاهد تيار ٿي ويا، ۽ مسئلي جو فيصلو قاضين ۽ مفتين اڳيان پيش ٿيو. ٺٽي جي مخدوم ضياءالدين، مخدوم حاجي محمد هاشم، شيخ عطاءُالله مفتي، شيخ عنايت الله مفتي ۽ شيخ محمد عارف مفتي، نصرپور جي شيخ عزت الله مفتي ۽ مخدوم عبدالخالق، نوشهري جي مخدوم ابوالمعالي، کهاري جي مخدوم عبدالرحيم، ڪونڙيءَ جي مخدوم محمد عاقل، ۽ ڪاهي راهوءَ جي مولوي محمد ڪامل يڪراءِ فتوا ڏني ته ”بالچند ڀيي يا نه ڀيي، پر هو اُنهن اکرن چوڻ ڪري مسلمان ٿي پيو ۽ هن تي اسلام جا احڪام جاري ڪيا ويندا – انڪار جي صورت ۾ هن کي مرتد شمار ڪيو ويندو، جنهن جي سزا قتل آهي.“ ٻيو هڪڙو اهڙوئي واقعو شاهه جي زندگيءَ واري دور جو ئي (ساڳيئي اُنهيءَ بياض ۾ آيل) آهي ته ۱۱۵۹ هه (مطابق ۱۷۴۶ع) ۾ ٻن ماڻهن ٺٽي جي عالمن ۽ قاضين اڳيان هڪ هندو عورت بابت اِها شاهدي ڏني ته اُن احمد نالي هڪ مسلمان سان تڪو ڳالهائيندي، هن کي بي ايمان سڏيو، جنهن تي احمد کانئس پڇيو ته ’ڇا، تون ايمان رکين ٿي؟‘ جواب ۾ مائيءَ سنڌيءَ ۾ چيو ته ’ها، اسين ايمان ٿا رکون.‘ هاڻي سوال اِهو اُٿيو ته ’آيا هندو مائي اُن جملي چوڻ ڪري مسلمان ٿي ويئي يا نه؟‘ عالمن جواب ڏنو ته ’اِها هندوائي (ذميه) اُن جملي چوڻ سان مسلمان ٿي پيئي – حاڪمن تي لازم آهي ته هِنن شاهدن جي شاهديءَ تي اُن عورت مٿان اسلام جا احڪام جاري ڪيا وڃن.‘ مذهبي ڦيٽاڙي ۽ ڏڪار جا هي ٻه ڪي خاص مثال نه آهن. ”بياض هاشمي“ ۾ ٻيا اهڙا اُن دور جي فتوائن جا بياض اهڙن ڪيترن ئي مثالن سان ڀريل آهن. ۽ اِها صورتحال رڳو سنڌ جي يا رڳو اُن دور جي به نه هئي. اُن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان ٻہ اڍائي سؤ سال کن اڳ، سنڌ جي سمي حاڪم ڄام نظامالدين عرف ڄام نندي (دو حڪومت: ١٤٦٠ع-١٥٠٧ع) جي همعصر شمالي هندستان جي حاڪم سڪندر لوڌيءَ جي دور متعلق "طبقات اڪبريءَ" ۾ آيل آهي تہ "ڪڙو برهمڻ ٻوڌن نالي ڪانير شهر ۾ رهندو هو. هڪ ڏينهن ڪن مسلمانن جي اڳيان اقرار ڪيائين تہ 'اسلام سچو آهي ۽ منهنجو ڌرم ٻڻ صحيح آهي' ('اسلام حق است و دين من نيز درست است'). هن جو اهو گفتو ڪنهن طرح عالمن جي ڪنن تائين پهتو، جن مان لکنوتيءَ جي رهندڙ ٻن مولوين قاضي پياري ۽ شيخ ٻڍي وڏي ڪٿي ڳالهہ ڪئي ڪنهن، ۽ هو سڌو آنان جي نواب اعظم همايون وٽ ويا، جنهن آن 'جٿئي پائيندڙ' (ٻوڌن) کي سائن گڏي، سلطان (سڪندر لوڌيءَ) ڏانهن (سندس گاديءَ جي شهر) سنڀل ڏانهن روانو ڪيو. ڇاڪاڻ تہ سلطان مذڪور کي عملي مذاڪرن سان ڏاڍي رغبت هوندي هئي، انهيءَ ڪري، هن نامارن علمائن کي هر طرف کان گهرائي ورتو، جن ۾ ميان قادن بن شيخ خوجو، ميان عبدالله بن الله داد تلنبي، سيد محمد سعيد خان دهليءَ وارو ۽ سيد ميران بن سيد احسن قنوج وارو مکيہ هئا. ۽ ٻيا جملي علما جيڪي سدائين سلطان سان گڏ هوندا هئا، مثلاً سيد صدرالدين قنوجي، ميان عبدالرحمان سيڪريءَ وارو ۽ سنڀل جو ميان عزيزالله ــ اهي سڀ ٻڻ آن معرڪي ۾ شامل ٿيا. گهڻيءَ تحقيق کان پوءِ علمائن جو اتفاق اِن تي ٿيو تہ 'هن (ٻوڌن) کي ٻڌي (حبس ڪرده) اسلام جي آڇ ڪئي وڃي' ۽ جيڪڏهن (قبولڻ کان) انڪار ڪري تہ هن کي قتل ڪيو وڃي.' قصو ڪوتاهہ، ٻوڌن اسلام قبولڻ کان انڪار ڪيو ۽ قتل ٿي ويو. سلطان پوءِ مذڪوره علمائن کي انعام اڪرام ڏيئي، پنهنجي پنهنجي شهر ڏانهن وڃڻ جي موڪل ڏني ...."

سنڌ ۾ ڪلهوڙن کان پوءِ ميرن جي دور حڪومت بابت، سچل ۽ ساميءَ جي وقت جي انگريز مصنف ڊاڪٽر جيمس برنس جا

تاثرات پڻ اهڙيءَ ساڳيءَ صورتحال جي نشاندهي ڪن ٿا. ميرن جو ذڪر ڪندي، آهو انگريز ڊاڪٽر لکي ٿو ته "هو فطرتاً نيڪ، با مروت ۽ خوش خلق هئا، پر مشرڪن جي باري ۾ سختيءَ کان ڪم وٺندا هئا. لاڙ ۾ جيڪڏهن ڪنهن بدنصيب هندوءَ کان ڪا معمولي 'خطا' ٿيندي هئي، ته آن کي جهلي، ڪلمو پڙهائي، طهرائي ڇڏيندا هئا .... ميرن جو ذاڻ سڀ کان وڌيڪ سندن تبليغي سرگرمين مان ظاهر ٿئي ٿو. عقل ان ڳالهه کي سمجهڻ کان قاصر آهي ته هندو هِن ملڪ ۾ ڇو رهيا پيا آهن؟ ان لاءِ فقط هڪ سبب ٿي سگهي ٿو — جنم ڀوميءَ لاءِ سندن محبت .... ڪٿي به پرسوس جيڪڏهن شاهدي ڏين ته هڪ هندوءَ قرآن جون ڪي آيتون يا ڪلمو پڙهيو آهي، ته آها شاهدي هن کي هڪدم سنت تي ويهارڻ لاءِ ڪافي آهي...."
سنڌ جي تاريخ جي اها هڪ ثابت ٿيل حقيقت آهي ته اهڙيءَ ئي هڪ مذهبي ڪدورت واريءَ روش سنڌ کي سيٺ نائون مل جهڙو هڪ 'غدار' پيدا ڪري ڏنو. آن سيٺ نائون مل کان ئي صديون اڳ سنڌ جي آزاد قومي رياست خلاف، عقائدي اختلاف جي نتيجي ۾ ئي، سنڌ کي قاضي به نصيب ٿيو، جيڪو هڪ ڌارئين حملہ آور، سنڌ جي قاتل دشمن شاهه بيگ ارغون سفاڪ سان همنوائي ۽ سهڪار ڪرڻ تي آماده ٿيو. آهو ئي مذهب جو عقائدي اختلاف هو، جنهن تي ڀروسو رکندي، اڪبر جي خونخوار سپهہ سالار عبدالرحيم کي سنڌ جي ڪن سجادن ۽ خانقاه نشينن کان سنڌ کي غلام در غلام رکڻ ۽ سنڌ جي عام مخلوق کي قَرڻ لُٽڻ، ۽ ڪهڻ ۽ ڪچلڻ لاءِ دعائن گهرڻ جي ضرورت محسوس ٿي، ۽ هُن کي آنهن ڪن لاءِ آهي دعائون ۽ دعائن سان گڏ مددون به مليون!

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه، سچل ۽ سامي پنهنجي سماج جا حساس ۽ سچا شاعر هئا. هنن کي اُن جي دک ۽ اُن جي اُمنگ جي خبر هئي. هنن اُن جي اُمنگ جي ترجماني ڪئي ۽ اُن جي دک جو علاج تجويز ڪيو. سنڌي سماج کي هڪ آزاد ۽ باعزت سماج ٿي رهڻو هو. اُن مان نفاق ۽ بيگانيءَ کي ختم ٿيڻو هو. اُن کي دوئيءَ جي بدران وحدت جي ضرورت هئي. اُن ۾ پنهنجي اجتماعي وجود جو شعور پيدا ٿيڻو هو. اُن ۾، فرد ۽ گروهه جي مفاد کي جماعت جي مفاد تي قربان ٿيڻ سگهڻو هو، يعني اُن جي سيني انفرادي غرضن کي گهُٽجي هڪ گڏيل ۽ جامع غرض جي صورت وٺڻي هئي ــــ تہ جيئن گهٽي ۾ گهٽا مفاد ۽ گهٽي ۾ گهٽيون خود پسنديون اُن ۾ سمائجي وڃن ۽ راضي ٿين، ۽ نيٺ پنهنجو وجود اُن ۾ گم ڪري ڇڏين. اُن جي بهتر شهرين ۾ فرض جو احساس جاڳڻو هو، جنهن کي وطن-دوستي يا قوم لاءِ قربانيءَ جو جذبو چئبو آهي، ۽ جيڪو هر باشعور قوم ۾ هڪ نسلي خوبيءَ طور موجود هوندو آهي. اهو رواجي طرح تہ پڻ سيني ڪان علحدگيءَ جو جذبو هوندو آهي جيڪي پنهنجا نہ هوندا آهن، پر تربيت پاتل ذهنن ۾ اهو ڪنهن جامع مقصد سان وفاداريءَ يا وابستگيءَ جي صورت ۾ نمودار ٿيندو آهي. سنڌي سماج کي تاريخ ۾ پنهنجي لاءِ اعليٰ مقصد جي حاصلات جو فرض قبولڻو هو ــــ انساني تهذيب جي هڪ خاص نموني طور، پنهنجي مخصوص تهذيب جي حفاظت ۽ ترقيءَ جو مقصد، جيڪا اُن جي پرعزم دفاع ۽ اجتماعي حمايت ڪان سواءِ ڌهي سگهي ٿي ۽ ڳري ڳري خسيس درجي کي پهچي سگهي ٿي. اُن کي پنهنجي بقا جي حق ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي سگهہ ۽ صلاحيت قائم رکڻي هئي ــــ ڇاڪاڻ تہ ٿلهيءَ صلح-جوئيءَ سان قومون ڪنهن بہ مقصد ڏانهن وڌي نہ ٿي سگهيون، بلڪ اڪثر رڳو ڏاڍن ۽ بدمعاشن جو لقمو ٿي سگهيون ٿيون ۽ ٿيون ٿيون. اُن کي اندروني امن ۽ اتحاد لاءِ قانون ۽ انصاف جي بالادستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم رکنڌي هئي ۽ مختلف نظرين ۽ خيالن کي تصادم ۾ اچڻ کان روڪڻ لاءِ سهپ ۽ رواداريءَ جي فضا اپارڻي ۽ سدا موجود رکڻي هئي. سنڌي سماج ۾ نئين انسان جي تعمير ٿيڻي هئي — اوچي پد واري انسان جي، جنهن جا آدرش اوچا هجن، ويچار اوچا هجن ۽ عمل به اهڙا اوچا هجن؛ جيڪو محبت، مروت، رواداريءَ، صبر، حوصلي، همت، ايثار ۽ اورچائيءَ جو مالڪ هجي؛ جيڪو پرامن، امن پسند، خير ڪندڙ ۽ خير گھرندڙ هجي؛ جيڪو محب وطن هجي، فرض شناس هجي ۽ پنهنجي آزاد، ڪشاده دل ۽ باعزت سماج ۾ آزاد، پرخلوص ۽ باعزت زندگي گذارڻ جو لائق هجي. شاھہ، سچل ۽ ساميءَ پنهنجي وطن عزيز ۾ اهڙو هڪ سماج ٺاهڻ گھريو ٿي ۽ اُن ۾ اهڙي هڪ اعليٰ انسان جي تربيت ڪرڻ گھري ٿي.

*   *   *

سنڌ جا ھي عظيم شاعر مذهبي ماڻهو هئا — خاص طرح انهيءَ معنيٰ ۾ ته هُنن پنهنجي پيغام لاءِ مذهبي اصطلاح کي پڻ ڪم ۾ آندو آهي، پر هُنن آهو پيغام سنڌي ٻوليءَ ۾ ۽ سنڌ جي ماڻهن کي ڏنو آهي، جن کي اُن جي ضرورت هئي. شاھہ ۽ سچل کي ڪافي ڪجھہ اسلام سمجھائڻو هو ۽ ساميءَ کي ڪافي ڪجھہ هندو ڌرم، ۽ ٽنهي کي خالص مذهب جي (اُن ڏني ۾) ايمان واري اصل الاصول کي به سمجھڻو ۽ سمجھائڻو هو. مقصد سنڌن آنهيءَ خاص ڪم ۽ ڪاوش جو هيءُ هو ته سنڌ جا ماڻهو محسوس ڪن ته پيٺي مذهب هرو ڀرو منجهن ڪو ويڇو وجهي نٿي سگھيا — خاص طرح تڏهن جڏهن آنهن کي عقل جي اک سان ڏنو ٿي ويو — يعني تهذيب سان جيتري قدر آنهن جو واسطو يا اشتراڪ هو اوتري قدر هو ڪين پاڻ ۾ ڳنڍيي به سگھيا ٿي ۽ ڳنڍيو به ويٺا هئا، ۽ آهو آنهن جو ڳانڍاپو سنڌن

سماج لاءِ وري نعمت هو بلڪ آهو آن جي وجود جي بقا جي هڪ ضمانت ٿي سگهيو ٿي. پر رياست يعني سرڪاري اقتدار جي معاملي ۾، يعني آن جي شراڪت سان آنهن مان هڪڙي جي فوقيت ۽ ڏاڍائي سنڌون نفاق جو سبب بنجي رهي هئي، جنهن نفاق مان ڪين يعني سندن سماجي وجود کي ڪڏهن بہ ڪو فائدو رستو ڪونہ هو، بلڪ آن جي نتيجي ۾ آخرڪار آهو ڏهي، واوڪر ٿي، اڃي پٽ پوڻو هو ۽ آن صورت ۾ باقي سندن وجود انساني دنيا ۾ بيڪار، بي معنيٰ ۽ بي وقار ٿي وڃڻو هو. تاريخ سنڌي ماڻهن کي شاهہ جي زندگيءَ ۾ ئي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ڪيئن جهوڪ جي صوفي مجاهدن ۽ حڪمران ڪلهوڙا فقيرن جي مذهبي نفاق سنڌ جي آزاديءَ ۽ قومي بحاليءَ کي ويهہ سال ٻوٽي هٿائي ڇڏيو، ۽ آن ويهن سالن جي محروميءَ سندن سڄي قسمت کي اهڙي ڏوجهري ۾ وجهي ڇڏيو، جنهن جو ڪو اندازو ئي نہ ٿي سگهي. سچل ۽ ساميءَ جي ئي زندگيءَ ۾ سنڌ جي ماڻهن ڏٺو تہ ڪيئن مذهبي ڪٽرپڻي منجهن 'ناسُور مِل' پيدا ڪيو، ۽ سندن سؤ سالن جي غلاميءَ لاءِ سرزمين هموار ڪري، جنهن جي ابتدا ساميءَ تہ پنهنجي اکئين بہ ڏٺي. پنهنجي جديد تاريخ ۾ سنڌ جي ماڻهن هي بہ ڏٺو تہ ڪيئن مذهبي دوئيءَ جي تفرقي ۽ نفرت کين ٻچي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو ۽ پنهي 'ڌرين' کي موت ۾ سواءِ هولناڪ خوف ۽ بيوسيءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ نصيب ڪونہ ٿيو. سنڌ جي ماڻهن اڳيان سندن گڏيل ڀلائيءَ جي اِها راهہ، جيڪا سندن عظيم هادي شاعرن کين ڏيکاري، ۽ جيڪا سندن رواداريءَ، محبت ۽ اتحاد جي راهہ آهي، سا اڄ بہ سندن اڳيان موجود آهي، ۽ هو اڄ بہ آن تي هلي، پنهنجو هڪ سگهارو، خود دار ۽ باعزت سماج قائم ڪري سگهن ٿا ۽ وسيع انساني برادريءَ ۾ پنهنجي مخصوص تهذيب جي حفاظت ۽ بهتريءَ جي اعليٰ فرض جي ٻوٺواري بہ ڪري سگهن ٿا.

فن ۽ شعر جي مطالعي ۾ عام طرح، ۽ خاص اسان وٽ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي مطالعي ۾، انهن جي فن ۽ شعر تي مذهب جو اثر گهٽ گهڻو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي. مذهب جو فن ۽ شعر تي اثر، اها ڳالهه ته برابر، پر فن ۽ شعر جو مذهب تي اثر به گهڻو ۽ گهٽ نه آهي، بلڪ سچيءَ تهذيب، يعني ڪنهن خاص سماج جي مادي ۽ ذهني (روحاني) اپت يا تخليق جو اثر مذهب، ۽ پڻ رياست، ٻنهي تي لازمي طرح پوي ٿو ـــ ۽ انهن تي، ڪن حالتن ۾ ٿوري يا گهڻي قدر ۽ ڪن حالتن ۾ ته پوريءَ طرح، ٻنهنجي قومي تهذيب جو رنگ غالب هوندو آهي. قومي تهذيب ۽ قومي رياست وانگر مذهب به قومي ٿين ٿا، توڙي جو آهي ڪنهن 'عالمي مذهب' جا ملحدانا، يا 'بدعتي' تفسير يا تعبير ئي ڇو نه هجن. اهو ئي سبب آهي، جو راسخ (جامد، بيٺل) عقيدي وارن، مذهب جي تهذيبي، يعني 'افادهءِ عام' واري (متحرڪ، ذي روح) هر تفسير کي ڪفر ۽ الحاد سڏيو آهي، ۽ اهڙي هر تفسير ڪندڙ شاعر، مفڪر يا سماج سڌارڪ کي ڪافر ۽ ملحد چيو آهي. سنڌ دشمن شاهه بيگ ارغون، سنڌ جي فدائيءَ، شهيد اعظم، مخدوم بلال کي ڪافر چوارائي، گهاڻي ۾ پيڙايو. شاهه عنايت شهيد تي اگهاڙيءَ ترار سان جلاد کي ٻيهاري، نواب اعظم خان پڇيو ته "اولوالامر' جي حڪم کان تو ڇو منهن موڙ ڪئي؟" ته شاهه شهيد جواب ۾ چيو ته "اسين مريد ڪڏهن ڪنهن ذاتي نه ٿا منهن ڪري سگهون، جڏهن اسان جي هاديءَ جو منهن ميخاني ذاتي هجي!" سنڌ جي هن امر شهيد جو سر تن کان جدا ڪرائڻ بعد، نواب اعظم خان شهر ۾ پڙهو گهمارايو ته ڪو به ماڻهو "يا الله!" جو نعرو نه هڻي ـــ جيڪو حڪم عدولي ڪندو، ان جو سر ترار سان قلم ڪيو ويندو ـــ چاڪاڻ ته "يا الله!" شاهه شهيد ۽ سندس وطن دوست مجاهدن جو نعرو هو. شاهه شهيد جي شهادت وقت، عمر جي ڦوهه جوانيءَ ۾ بيٺل شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دل مان جيڪا آهه نڪتي هئي، اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي معلوم آهي: ”جهڄان پسيو جهوڪ، آيل سنگهارن جڙي!“
شاهہ سائينءَ جو ٻيو همعصر محب وطن درويش حضرت خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو هو، جنهن جي ملاقات جي ياد جو سنڌ ۾ بيت مشهور آهي:

مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرينءَ کي
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.-

حضرت خواجہ صاحب جن جي ڳالهہ آهي تہ ”هڪ ڀيري هڪ هندو وٽن لنگهي آيو ۽ وينتي ڪيائين تہ ’قبلا، هن ٻندي کي اسم اعظم جي هدايت ڪريو!‘ حضرت جن هُن کي هدايت ڪئي. جڏهن هو موڪلائڻ لڳو، تڏهن فرمايائونس تہ ’ظاهر ظهور تون بيشڪ هندو ڌرم جي ڪريا ڪرم تي قائم رهندو اچ پر باطن ۾ اسان جهڪا توکي امانت عطا ڪئي آهي، سا حفاظت سان سانڍيندو اچ!‘ هي حرف ٻڌي، حافظ پنوهر نالي هڪڙي همنشين اعتراض وٺي عرض ڪيو تہ ’قبلا، هيءَ وري ڪهڙي قسم جي مسلماني آهي؟‘ حضرت جن ٻاجهہ ڀريون اکيون مٿي کڻي فرمايو تہ ’ميان، مسلمانيءَ جي توکي ڪهڙي خبر؟‘“
حضرت خواجہ جن ذاتهن هيءُ بہ قول منسوب آهي تہ ”دين قائم آهي حق جي ماڻهن سان ۽ نہ لٺ ۽ لڙائيءَ سان.“ ظاهر آهي تہ سنڌ جي محب وطن سمي سلطان ڄام نظام الدين ۽ سنڌ جي دشمن شقي القلب ۽ سنڌي ماڻهن جي قاتل سفاڪ شاهہ بيگ ارغون جو مذهب ساڳيو نٿو ٿي سگهي، نہ ئي مخدوم بلال ۽ قاضي قاضن جو، يا نواب اعظم خان ۽ شاهہ شهيد صوفيءَ جو مذهب ساڳيو ٿي سگهي ٿو. جن ملن ۽ مفتين ’ايمان واريءَ هندو مائيءَ ۽ ’وائي‘ ٻالچند کي زوريءَ ’مسلمان‘ ڪري ڇڏيو، تن جو ۽ سلطان اولاليا خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري جو مذهب بہ ساڳيو نٿو ٿي سگهي، جنهن پنهنجي هندو معتقد کي، اسم اعظم جي امانت ڏيئي، چيو تہ ’ڀلي هندو ڌرم جي ڪريا ڪرم تي قائم رهندو اچ.‘ ”تحفة الڪرام“ ۾ ٺٽي جي هڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اهل حال" بزرگ شاهه اسماعيل صوفيءَ جو ذڪر آيل آهي ته آهو شاهه شهيد صوفيءَ جي مخلصن مان هو، ۽ شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي ساڻس دوستي هئي : هو "مثنويءَ جو درس ڏاڍيءَ محويت سان ڏيندو هو .... هڪ ڏينهن درس ڏيندي، اوچتو سندس طبعيت پريشان ٿي ويئي، ۽ سڄي بدن تي ڏَنا ٿي پيس، جن ڪي لڪائڻ لاءِ رلهي ڪهرائي، ڏکي ويهي رهيو. نيٺ معلوم ٿيو ته آن وقت شهر جو قاضي ٺٽي جي ڪونواريءَ ۾ چبوتري تي هڪ ماڻهوءَ کي سرڪاري ملازمن هٿان سواءِ ڏوهه جي رڳو سياسي ضد سبب ڪوڙا هڻائي رهيو هو، ۽ آهي ڪوڙا آن بزرگ جي بت تي ظاهر ٿي رهيا هئا." سچ پچ به ته آن "اهل حال" بزرگ، شاهه اسماعيل صوفيءَ، جو مذهب ٻيو هو ۽ آن شهر جي قاضيءَ جو مذهب ٻيو هو، جنهن سان سرڪاري ملازم صلاحي ۽ سهمت هئا يا هو انهن سان سهمت ۽ صلاحي هو، ۽ جيڪو ٻوڙي هڪڙي بيگناهه کي ڪوڙا هڻائي رهيو هو. شاهه بيگ ارغونَ، قاضي قاضنَ، نواب اعظم خانَ، ٺٽي جي قاضيءَ ۽ ٻين فتوابازملن ۽ مولين جو مذهب آهو ئي هو، جيڪو غاصب، ڪانو ۽ قابض گروهي مفاد ۽ آن جي رياستي اقتدار کي هٿيار طور ڪم ٿي آيو: ۽ ڄام نظام الدين، مخدوم بلال، شاهه شهيد، خواجه محمد زمان، شاهه اسماعيل صوفيءَ ۽ ٻين "اهل حال" بزرگن جو مذهب آهو هو، جيڪو "افادهء عام" جي رنگ ۾ رڱيل هو، جنهن ۾ وقت جي حالتن جو اثر ڏسجي رهيو هو، جيڪو سنڌي ماڻهن جي تهذيب سان هم آهنگ ٿي رهيو هو، جيڪو آنهن جي قومي مذهب جو روپ وٺي رهيو هو. شاهه شهيد صوفي جنهن لاءِ چيو ويو آهي ته پاڻ به وڏو شاعر هو ۽ راڳ جو متوالو هو، شاهه اسماعيل صوفي جيڪو مثنوي ڏاڍيءَ محويت سان پڙهيندو هو، خواجه محمد زمان جيڪو پاڻ به شاعر هو، ۽ آن سونهاري مت جا ٻيا بزرگ، جهڙوڪ ٺٽي جو مخدوم محمد معين، سيوهڻ جو مخدوم ميان دين محمد، اگهم ڪوٽ جو مخدوم ميان پير

محمد، ڪونڙي ڪبير جو مخدوم ميان محمد، روهڙيءَ جو مير جان الله شاهہ رضوي، گهوٽڪيءَ جو ميان موسيٰ شاهہ جيلاني ۽ پيا اهڙا ڪيئي اهل دل ۽ اهل حال بزرگ، صوفي باصفا ۽ عالم باعمل سڄيءَ سنڌ ۾ شاهہ سائينءَ جا نہ رڳو سانڍياري پر دوست ۽ ساٿي هئا، جن سڀني سنڌ ۽ سنڌ سماج جي قومي بحاليءَ ۽ قومي بقا لاءِ سنڌي ماڻهن جو قومي اتحاد قائم ڪرڻ گهربو ٿي. اهو اتحاد هُنن سنڌي ماڻهن جي قومي تهذيب جي بنياد تي قائم ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ دعوا ۽ دستور واري مذهب جي ڪابہ ڳالهہ جيڪا سندن نظر ۾ اُن اتحاد جي راهہ ۾ رڪاوٽ بنجي ٿي بيٺي، اُن کي هنن رد ڪرڻ ٿي گهريو ـ بلڪ رياست ۽ مذهب ٻنهي کي هنن چاهيو ٿي تہ اُهي تهذيب جي ضابطي ۽ تاديب هيٺ رهن ۽ اُن جي اوسر ۽ واڌاري لاءِ ڪم اچن. هُنن سنڌي ماڻهن جي اجتماعي قوت کي قومي رياست جو ۽ سندن ڪثيرالاعتقاديءَ کي قومي مذهب جو روپ ڏيڻ ٿي چاهيو، تہ جيئن سندن قومي اتحاد آڏو ڪو خطرو باقي نہ رهي ۽ هو پنهنجي مادي ۽ روحاني فلاح ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ پوري پروسي ۽ بيخوفيءَ سان اڳتي وڌن ۽ بني نوع انسان جي آفاقي مسرت ۽ ڪمال ۾ پنهنجي وس آهر پنهنجي حصي جو فرض ادا ڪري سگهن. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي دور جي سنڌ ۽ سنڌي سماج جي اُنهيءَ سڄي امنگ جو عظيم ترجمان يعني اُن جو عظيم شاعر، عظيم فنڪار ۽ عظيم مفڪر هو، سچل ۽ سامي بہ سنڌ ۽ سنڌي سماج جي اُنهيءَ اجتماعي امنگ جا عظيم ترجمان ۽ شاعر هئا.

* * *

سنڌ جي محب، ايڇ. ٽي. سورلي، پنهنجي عاليشان ڪتاب Shah Abdul Latif of Bhit جي تاريخ واري ڀاڱي جي مهڙ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزيءَ جا ٻه ننڍا شعر ڏنا آهن -
هڪڙو 'آئزڪ واٽس' (Issak Watts) جو :

"وقت" ، هڪ سدا وهندڙ درياءَ وانگر،
پنهنجي سڀني وياءَ ڪيل پاڻ سان لوڙهيندو نيندو ٿو وڃي -
هڪ خواب وانگر آهي آڏامندا ۽ وسرندا وڃن ٿا،
جيڪو صبح ٿيڻ سان گم ٿي ويندو"

۽ ٻيو ٽينيسن (Tennyson) جو :

"ڏينهن پنهنجي سڀني رنگ نرنگ سان اڏامندا، گم ٿيندا ٿا وڃن،
پر، شايد، اهڙي ڪا 'پاڇي وجهندڙ سُرت' ,آهي،
سا ڪڏهن ڪڏهن آئي ڏئي ٿي (ڪيس ٻه خور نه آهي ته ڪٿان!)
هڪڙوڪر ننڍڙو مٿ پريل پيالوءِ ڪڙي ڪا پُرڪيف غيبي سُرڪ."

وقت" برابر ويندو رهي ٿو ۽ ڏينهن برابر گذرندا ويندا ٿا رهن، پر ماضيءَ جي اڇلايل پاسيرن ڏيرن ۾ ٻه ڳولڻ سان اهڙا ڪي هيرا ڪڏهن ڪڏهن ملي وڃن ٿا ، جن جي روشنيءَ جا شعاع ، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي، اسان جي آئيندي جي قدمن جا رهبر ثابت ٿي سگهن ٿا. ڪيهن گمنام ڪان گمنام ماڻهوءَ جو هڪ ٻول، ڪنهن معموليءَ کان معمولي مصنف جي ڪا هڪ سٽ ٻه اسان لاءِ اهڙي شعاع وارو ڪو انمول هيرو ثابت ٿي سگهي ٿي. عظيم ماڻهن جي هٿن جو ته جو ڪجهه اسان جي ورثي ۾ ڇڏيل آهي، آن جي افاديت ڪٿڻ جي ئي ڪانهي - تورڙي جو سوين هزارين ڀيرا آن جو مطالعو ڪيو ويو هجي. ڪهڙي خبر ته آن ۾ اهڙي ڪا اهم ڳالهه هجي، جيڪا سؤ سال پوءِ ڪنهن کي آن ۾ نظر ايندي. اعليٰ تخليق جو انهيءَ ڪري وري وري مطالعو ڪرڻو پوي ٿو. آهي نه رڳو هر ماڻهوءَ کي يا هر دور کي ڪا نئين روشني، ڪا نئين ڳالهه ڏين ٿيون، پر هر ماڻهوءَ کي هر وقت آنهن سان ڪجهه نه ڪجهه نئون سبق ، ڪو نه

کو نئون ڏَس ملي ٿو. شاھ جي شعر، ۽ سچل ۽ ساميءَ جي شعر، جيڪو اثر سندن پنهنجن ڏينهن جي ماڻهن تي ڪيو هوندو، عين ممڪن آهي تہ اُن ڪان عاجدي قسم جو اثــر اسان جي دلين تي اُن جو ٿيندو هجي. اڄ ڪان هڪ صدي پوءِ بہ جيڪي اسان جا نسل موجود هوندا، اُنهن تي اُن ڪان ئي ڪو نئون ۽ علحدو اثر ٿي سگهي ٿو. اِهو ئي انساني ذهن جو دائمي ۽ آڏوت ۽ لاڳيتو ڳانڍاپو آهي ـــ اِها ئي انساني زندگيءَ جي ازلي ۽ ابدي روحاني ڏي وٺ آهي.

سنڌي سماج جي اِها ازلي ۽ ابدي روحاني ڏي وٺ تمام گهڻي قدر ۽ پوريءَ عملي صورت ۾ اُن جي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ وسيلي ٿيندي آئي آهي ـــ ۽ عين ممڪن بہ اِئين ئي آهي، ۽ اِها ڳالهہ رهڻي بہ وقت جي اڪٿ سفر ۾ اِئين ئي آهي. ٻاڪ ماڻهن جي هر تهذيب جي ابتدا بہ ذهن جي اِنهيءَ ئي معجزي سان ٿئي ٿي، جنهن ڪي ٻولي ٿو چئجي. ٻوليون ئي قومن جي روح جا ـــ اُنهن جي آدرشي عڪس جا، اُنهن جي ’هٺ جي احساس‘ جا ـــ سڀ ڪان سڏا ۽ چٽا اظهار آهن. ٻولي ئي سڀ ڪان وڌيڪ بقادار مواد آهي، جنهن ۾ ڪنهن قوم جي ”پاڇي وجهندڙ ڪا سُرت“ پنهنجي روحاني زندگيءَ جي موڙي محفوظ ڪري ٿي ـــ خاص طرح پنهنجن عظيم شاعرن، فنڪارن ۽ مفڪرن جي قولن، گفتن، ۽ ادبي ۽ فني شهڪارن جي صورت ۾. ڪڏهن اِئين بہ ٿيندو آهي ـــ بلڪ اڪثر اِئين ٿيندو آهي ـــ تہ خسيس، واهيات ۽ سستي قسم جي شاعري (يا ڪنهن ٻئي فن جي ڪوڙي پيداوار) جيڪا هلڪن ۽ گدلن جذبن ڪي اڀاريندي ۽ ذهن ڪي ڪيرائيندي ۽ گندو بڻائيندي آهي، سا بہ پيش ٿيندي رهندي آهي، پر قوم جي ”پاڇي وجهندڙ سُرت“ اهڙي ڪنهن ڪوڙي سڪي ڪي اُن جي ٻوليءَ جي محفوظ گهر ۾ دائميت واري جاءِ ڪانہ ڏيندي آهي. ڪنهن دور ۾ ڪنهن قوم ڪهڙو شعر پيدا ڪيو، پڙهيو، ياد ڪيو ۽ ڳايو، اُن جي اخلاق ۽ ڪردار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڪان وڌيڪ اهم شاهدي اها آهي. اهڙيءَ طرح شاعري جيڪا ڪنهن قوم جي روحاني حافظي (اُن جي ٻولي جنهن جو ڏڻ آهي) ۾ موجود آهي، آها اُن جي تهذيبي ارتقا جو ڪتاب آهي، اُن جي اصلي تاريخ آهي، جنهن جو اُن قوم جي ٻنجڻ ۾ ڪاميابيءَ سان زنده رهڻ ۽ اڳتي وڌڻ ۾ اوچي ٿڻ ۾ وڏو هٿ رهي ٿو. شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي اعليٰ شاعري پنهنجي سچ، نيڪيءَ ۽ ڪمال حسن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ محفوظ آهي، ۽ سنڌي ٻولي سندن انهيءَ فڪر ۽ فن جي قوت سان اڄ سنڌي ماڻهن جي اجتماعي وجود ۽ اُن جي اتحاد ۽ بقا جو نشان ۽ اُن جي پيڙهہ ۽ ضمانت آهي. سندن اِهو احسان، جو هنن سنڌ ۽ سنڌي سماج جي اُنهيءَ پنهنجي ٻوليءَ کي پنهنجي روح جي آزاد امنگ جي اظهار جو وسيلو بڻايو، ۽ ائين اُن کي ايتري توانائي، ڪشش ۽ وسعت ڏني، جو آها سنڌي ماڻهن جي قوم ٻنجڻ ۾ پنهنجو تهذيبي ڪردار ادا ڪري سگهي.

* * *

شاهہ، سچل ۽ سامي سنڌي قوم جا استاد، هادي ۽ رهبر آهن. خاص طرح شاهہ سائينءَ سنڌي قوم کي پنهنجو رسالو عطا ڪري، اُن کي 'اهل ڪتاب' هجڻ جو شرف بخشيو آهي. هيءَ پنهنجيءَ ڪنهن شيءِ کي عظمت يا تقدس ڏيڻ جي ڳالهہ ڪانهي، پر هيءَ هڪ حقيقت آهي. شاهہ جو رسالو دنيا جي جملي مذهبي تعلوم جو نچوڙ ۽ سنگم ۽ سنڌي تهذيب جي سموريءَ حاصلات جو روح آهي. اُن ۾ زند اوستا، گيتا، ٻڌ ڌرم، جين مت، مسيحيت ۽ اسلامي تعلوم جا اهم ۽ اعليٰ اصول ۽ قدر سڀ موجود آهن، جيڪي هوندي بہ بنيادي طور سڀ ساڳيا آهن. اُن جا ڪيترا ئي سُر، الڳ الڳ ۽ سڄي جا سڄا يا ڀاڱن ۾، آنون 'مذهبن' جي پنهنجي پنهنجي تربيتي ماحول ۽ تعليمي اصطلاح تي مبني

ڏسجن ٿا. اُن ۾ سنڌي تهذيب جي هزارن سالن جي روحاني تجربي ۽ روايت جي نبار جاڻ ۽ ساڃاهه موجود آهي. سنڌي تهذيب پنهنجي جڳن جي سفر جي ياد کي اسلهه ملڪيت طور پاڻ وٽ پنهنجي لوڪ ڪوتا، لوڪ ڪٿا ۽ لوڪ چوڻين جي صورت ۾ محفوظ رکيو آهي. انهن ئي مثالن، ڳالهين ۽ واقعن جي مطالعي مان اخذ ڪيل عام نتيجا ۽ عام اصول شاهه سائينءَ پنهنجي رسالي ۾ سنڌي لوڪن کي سيکاريا آهن. عام سکيا جي عمل جو اهو ئي ڏاهپ ڀريو ۽ دلپذير طريقو آهي. ڪامل سکيا يا آخري ۽ مطلق علم ته ڪڏهن ممڪن ڪونهي — انهيءَ ڪري علم جي حاصلات جو تهذيبي يعني تجرباتي ۽ آزمائشي طريقو مذهبي طريقي يعني اعتقادي يا ايماني طريقي کان وڌيڪ اعتبار جوڳو ۽ وڌيڪ ڦلدائڪ سمجهيو ويو آهي ۽ ثابت ٿيل آهي. تعليم ۽ تربيت جي تهذيبي طريقي ۾ شڪ ۽ تنقيد علم جي حاصلات لاءِ پهريان قدم شمار ٿين ٿا. شڪ يا تنقيد مان سچ، نيڪيءَ ۽ سونهن کي ڪو نقصان ڪونه ٿو رسي، ڇو ته سچ ۽ نيڪيءَ جو هوڻ هر وقت تي ئي مدار ٿئي ٿو — خود ضمير يا وويڪ تي هر وقت جو اثر ٿئي ٿو. پر جا ڳالهه تهذيبي ارتقا لاءِ ضروري آهي ۽ هر طرح عظيم آهي، اها آهي سچ، نيڪيءَ ۽ سونهن سان محبت جو جذبو. خاص طرح تڏهن جڏهن اُن لاءِ خطري کي منهن ڏيڻو پوي. شاهه سائينءَ پنهنجي رسالي ۾ سنڌي ماڻهن کي سنڌن اصطلاح ۾، سنڌن ئي پنهنجن مثالن، ڳالهين ۽ واقعن جي وسيلي اِها ئي سچ، نيڪيءَ ۽ سونهن سان محبت جي جذبي جي سکيا ڏني آهي.

نڪو سنڌو سور جو نڪو سنڌو سِڪ،
عدد ناهه عشقَ پڄاڻي پاڻ لهي. شاهه

سچ، نيڪي ۽ سونهن، حق، خير ۽ حسن — انساني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح، جا هي ئي امنگ يا لاڙا بنيادي آهن ۽ آنهن جو بنياد اصل ۾ انسان جي پنهنجي ذاتي مفاد تي رکيل آهي. جو ڪجهه منهنجي پنهنجي فائدي لاءِ آهي، آهو مون لاءِ حق به آهي، خير به آهي، ۽ آن ۾ مون کي حسن به نظر اچي ٿو چو ته آهو مون کي وڻي ٿو! پر انسان يعني فرد دنيا ۾ اڪيلو نه آهي، ۽ هڪڙو ذاتي مفاد ٻين ذاتي مفادن جي تعلق ۽ نسبت سان عملي صورت وٺي ٿو - انهيءَ ڪري جهڳڙهن محض زورَ (انفرادي يا گروهيءَ) تي فيصلو ڇڏڻو نه آهي، ته پوءِ گهٽ (انفرادي ۽ گروهي) مفادن جي "گڏجي گذاري" لاءِ ڏي وٺ ۽ ڇڏڇوٽ جي طريقي سان "جيئو ۽ جيئڻ ڏيو" جي اصول تي عمل لازمي ٿيندي پوي ٿو. ساڳيءَ طرح منهنجي، تنهنجي ۽ هن جي (انفرادي يا گروهي نوع جي) گهٽ 'سچن' جي وچ ۾ به باهمي سهپ ۽ رواداريءَ جي اصول کان سواءِ ٻي ڪا واهه ڪانهي، ۽ آنهن جي پنهنجي پنهنجي بقا ۽ اروغ لاءِ به اهو ئي واحد معقول ۽ مفيد رستو ٿي سگهي ٿو. 'سهپ' ۽ 'جيئو جيئڻ ڏيو' جي اصولن تي عمل ڪرڻ سان باهمي محبت ۽ باهمي تعاون وڌي ٿو ۽ انسانن ۾ هر سطح جي گروهي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي راهه کهڙجي ٿي، ۽ ڪين نفاق، جنگ ۽ بربادي جي هولناڪ عقوبتن کان تحفظ ۽ پناهه ملي ٿي، ۽ اهڙيءَ طرح تهذيب جي مذهب ۽ رياست تي فوقيت جي صورت قائم ٿئي ٿي، سماج" ڪنهن غالب مذهب جي تعصب ۽ هٺ ڌرميءَ کان هڪ طرف ۽ ڪنهن غالب رياست جي ظلم ۽ تشدد کان ٻئي طرف ۽ ٻنهي جي گڏيل موت جهڙي عذاب کان (پوريءَ طرح نه، ته به) گهٽي قدر نجات حاصل ڪري ٿو، ۽ انئين هيئتي هين ڌرتيءَ تي هو ڪامل انساني مسرت ۽ ڀلائيءَ جي جنت جي تعمير ۾ پنهنجي حصي جو فرض ادا ڪري سگهندو - ۽ اهو ئي هر انساني سماج جي هر فرد جو هن ڌرتيءَ تي اعلي کان اعلي مقصد ٿي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي سماج کي، شاهه، سچل ۽ ساميءَ، هڪ ذرتيءَ جي انهيءَ اعليٰ مقصد سان روشناس ۽ آن لاءِ تيار ڪرڻ تي گهريو. هو سنڌ جا عظيم استاد، هادي ۽ رهبر هئا. هو تمام وڏا انسان ۽ تمام وڏا شاعر هئا. هُنن سنڌي سماج جي آڏو نئين انسان جو تصور پيش ڪيو. هُنن اسان کي جيڪا تعليم ڏني آهي، سا ڪا معمولي تعليم ڪانهي. هُنن سنڌي سماج کي نئين اجتماعي وحدت جي شعور کان واقف ڪيو ۽ آن لاءِ ڪُمن عملي راهه ڏيکاري — قومي تهذيب، قومي مذهب ۽ قومي سياست جي راهه، مشترڪ مفاد ۽ باهمي تعاون جي راهه، محبت، رواداريءَ ۽ اتحاد جي راهه، عمل ۽ قربانيءَ جي راهه. هُنن جي سامهون سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آزاد، باوقار، بامقصد ۽ خوشحال وجود جو خواب هو، ۽ هُنن وٽ آن خواب جي تڪميل جو رستو به هو — پيائيءَ ۽ ويڇي کي هٽائڻ جو، پنهنجن کي پنهنجو ڪرڻ جو، ڀڏيءَ ۽ ايڪتا جو، سچ، نيڪيءَ ۽ سونهن کي پاڻ آرپڻ ۽ آنهن تان پاڻ نڇاور ڪرڻ جو، سچي ماڻهپي جو، ماڻهوءَ جي مريادا ۽ مانَ ۽ ماڻهوءَ جي شيوا ۽ پيار جو، انساني تهذيب جي عروج ۾ پنهنجي حصي جي فرض ادا ڪرڻ جو، عالمي امن، اتحاد ۽ ترقيءَ جي جدوجهد ۾ پاڪي پائيوار ٿيڻ جو. هاڻي، اِهو اسان تي ڇڏيل آهي ته ڪيتري قدر اسين پنهنجي فرض کي سڃاڻون ٿا ۽ آن تي عمل پيرا ٿا ٿيون، ۽ ڪيتري قدر پاڻ کي پنهنجن عظيم استادن ۽ رهبرن جي لائق ثابت ڪري ٿا سگهون.

سچيءَ ڳالهه جو دارومدار هن تي آهي ته اسان جو پاڻ تي ڪيترو فخر آهي، اسان جو پاڻ ۾ ڪيترو اعتماد آهي، اسين هڪٻئي سان ڪيترا سچا آهيون، ۽ پنهنجي روح کي زنده رکڻ لاءِ ڪيترو ڪجهه سهڻ ۽ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. شال اسان جي جيئڻ جو منطق اسان کان وسري نه وڃي — ۽ پنهنجي مٽيا ۽ مانَ سان جيئڻ جو امنگ اسان جي ساهه ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا موجود رهي !

ٻَڌِي جهاجهہَ جمالَ جي، جيئن هيٺي ھِڪَ،
اُپر آڳاڻجهو ٿيو، سُورَ اٺهِين ڪَـــي سِڪَ،
هَنڌ نـہ ڏِٺَو هِڪَ، سدا سائـــرَ سيرَ ۾ ـــ شاهہ

حيدرآباد سنڌ

۱۴ - ۱۲ - ۱۹۷۷ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مددي ڪتاب

۱. ”تاريخ معصومي“ (سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد)، سنڌي ادبي بورڊ.
۲. ”تحفةالڪرام“ (سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد)، سنڌي ادبي بورڊ.
۳. ”مظهر شاهجهاني“، ميرڪ يوسف، بتصحيح و مقدمه و حواشي پير حسامالدين شاهه راشدي، سنڌي ادبي بورڊ.
۴. ”منشورالوصيت و دستورالحڪومت“، ميان نور محمد ڪلهوڙو، بتحقيق پير حسامالدين شاهه راشدي، سنڌي ادبي بورڊ.
۵. ”تاريخ سنڌ، عهد ڪلهوڙا“، (۲ جلد)، غلام رسول ”مهر“.
۶. ”شاهه عنايت شهيد جي سوانح جا ماخذ“ پير حسامالدين شاهه راشدي، ”نئين زندگي“ ماهنامو، شاهه شهيد نمبر — ۱۹۷۰ع.
۷. ”شاهه عنايت الله شهيد ۽ سندن سهيوڳي ۽ همعصر“، مولانا غلام مصطفي قاسمي، ايضاً.
۸. ”شاهه شهيد عنايت الله صوفي“، ڊاڪٽر دائود پوٽو، ايضاً.
۹. ”شاهه شهيد صوفي“، محبوب علي چنو، ايضاً.
۱۰. ”بياض هاشمي“ (قلمي)، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي.
۱۱. ”پيغام لطيف“، جي. ايم. سيد.
۱۲. (۱) ”شاهه“، (۲) ”سچل“، (۳) ”سامي“، ڪلياڻ آڏواڻي.
۱۳. ”ساميءَ جا سلوڪ“ (ٽن جلدن ۾)، بي. ايڇ. ناگراڻي.
۱۴. ”شاهه جو رسالو“، ڪلياڻ آڏواڻي.
۱۵. ”رسالو سچل سرمست“، عثمان علي انصاري.
۱۶. ”رود ڪوثر“ (اردو)، محمد اڪرام.

17. "Shah Abdul Latif of Bhit", H. T, Sorley.
18. "Sind and its Sufis", J. P, Gulraj,

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

19. "Sind Before the Muslim Conquest",
H. T. Lambrick.
20. "Reflections on History", Jacob Burckhardt.
21. "Poetics and Rhetoric", Aristotle.
22. "To the Nations", Paul Richard.
23. "Partriotism in Literature", John Drinkwater.
24. "Crops in Sindh", A, W, Khoso.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڳاپيل ڪي مضمون ـ مصنف جا لکيل

(١) "اسين ۽ شاهه" (١٩٧٧ع)
(٢) "نئون نياپو" (١٩٨٢ع)
(٣) "سنڌ ۽ سنڌيت" (١٩٨٥ع)
(٤) "سنڌ منهنجي خوابن جي" (١٩٨٧ع)
(5) Sind And the Message of Shah (1984)

ڪتاب بابت

تاج جوئيي جو تبصرو (سنڌي ادبي سنگت، مکرنڊ، ١٩٨١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسين ۽ شاهه“

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جـو متبرڪ ۽ دانا جـو عظيم انسان هـو. سنڌ لاءِ شاهه جو پيغام اتحاد ۽ عمل جـو پيغام آهي. ماڻهن جي اتحاد ۽ عمل سان ماڻهن جون قسمتون ٺهن ٿيون. اتحاد هـر حالت ۾ ڪنهن مقصد لاءِ ٿيندو آهـي. ماڻهن، سماجن ۽ قومن جي اتحاد جو مقصد اجتماعي مفاد هوندو آهي. اجتماعي مفاد لاءِ انفرادي ۽ گـروهي مفاد قربان ڪرڻا پوندا آهن. اڄ جي وسيع آبادين واريءَ ۽ علم ۽ هنر سان ڀريل دنيا ۾ سماج يا قوم جو اجتماعي مفاد معنيٰ ان جي اڪثريت جو مفاد. جهڙن دنيا جي ٻين هنڌن تي تيئن اسان وٽ سنڌ ۾ به اڪثريت پورهيت ماڻهن جي آهي — هارين، مزورن ۽ ڪمين ۽ ڪاسبين ۽ ٻين انيڪ پورهيتن جي. ڪمائيندڙ ۽ اُپائيندڙ آهي آهن، ۽ ميڙيندڙ ۽ کائيندڙ ٻيا آهن، جيڪي تمام ٿورا آهن. شاهه سائينءَ پنهنجي رسالي ۾ گهڻي ۾ گهڻو ذڪر به انهيءَ اڪثر عوام جو ڪيو آهي، يعني هارين ۽ هٿ پورهيتن جو — ڪاتارن، ڪوريئڙن، لوهارن، واڍين، ڪنڀرن، مهاڻـن ۽ ڀرڙيائتن، اوڏن، اوٺين ۽ ڍور ڌڻين جو، پنهنجن عام ماروئڙن، سالـڪين ۽ سنگهارن جو. تنهنڪري، شاهه سائينءَ جو پيغام اسان لاءِ اڄ به اهو ئي آهي ته اسين پنهنجي گڏيل ۽ وڏي مفاد لاءِ، يعني سنڌي سماج جي اڪثريتي مفاد لاءِ، پنهنجا الـگ الـگ، ننڍا ۽ محدود مفاد وساري، پاڻ ۾ متحد ٿيون — گهڻن جـي مفاد لاءِ گهڻن جي ڀلائي، اڪثريت جي مفاد لاءِ اڪثريت جـو اتحاد قائم ڪريون. ڇو ته ڏُتڙيل ۽ محروم، ڏاڍ جا شڪار ۽ ڏکويل آهي آهن، ۽ پنهنجي ڏکي حالت کي بدلائڻ لاءِ آهي ئي پاڻ ۾ گڏبا، ۽ متحد ٿيندا، ۽ عمل لاءِ اٿندا ۽ جدوجهد ڪندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکيون جان نہ ميڙن، تان تان پنڌ نہ ٿئي،
پٽڻ واريون پڌريون، ڳاڙهــا ڳل سندن،
ڀون هنئن ٿي هٿ هڻن، روئنديون روئڻ واريون.
”بندر جـان پٽيي، تہ سڪائنا مَ سُمَهو،
ڪپڙ تو ڪنُ ڪري، جنن ماٺي منجهہ لٿهي،
ايڏو سور سٺهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا.

”هٿڻ هڪلڻ، ساٿي سارڻ مانجهان ايءُ مترڪ،
وجهن ڪونہ فرق، رک وهنديءَ راند ۾.“

[لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي ”ڀٽائي مخزن ۽ لطيف سوکڙي-
١٩٧٧ع؛ ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي“ ينگ لياري ويلفيئر سينٽر،
ڪراچي، ١٩٩٠ع]

نئون نياپو

[شاهه جي رسالي جي انتخاب –
”ٻارن جو شاهه“ (١٩٨٢ع) – لاءِ لکيل مهاڳ]

سنڌ جو شاهه، سنڌ جي سڀني ماڻهن جو شاهه آهي – زالن جو ۽ مردن جو، پڙهيلن جو ۽ اڻپڙهيلن جو، شهرين جو توڙي ٻهراڙيءَ وارن جو، وڏن جو توڙي ننڍين جو. سنڌ جا اڪثر مسلمان شاهه جي ”رسالي“ کي قرآن ۽ اڪثر هندو ”گيتا“ سمان سمجهن ٿا. شاهه جو رسالو هو جڏهن پڙهن ٿا يا ٻڌن ٿا، تڏهن آهو کين ڏاڍو وڻي ٿو ۽ آن مان کين بيحد فائدو ٿئي ٿو. سنڌ جي ماڻهن کي شاهه پنهنجو ”رسالو“ ڏنو ئي الهيءَ لاءِ آهي ته آهو سنڌن روح جي راحت بڻجي، ۽ کين فائدو رسائي. آهو سنڌس ”پيغام“ يا ”نياپو“ آهي، جو پاڻ سنڌ جي سڀني ماڻهن کي ڏنو اٿن – ”رسالو“ لفظ جي معنيٰ ئي اِها آهي. پاڻ ئي پنهنجي ”رسالي“ جي اِها معنيٰ ڪئي اٿن، بلڪ آن کي سڏيو ئي ”نئون نياپو“ اٿن –

”نئون نياپو آئيو، راڙي مُلا رات،
”اِڙيسون لطيف چئي، ڪنان ڏاتر ڏات،
”ڪهڙي پڇان ذات، جي آيا سي اگهيا.“

(شاهه)

”جي آيا، سي اگهيا“ – ذات جي، دعوائن جي، ڏلهن نعرن ۽ ڏلهون ڳالهين جي ڪا قيمت، ڪا پڇ يا ڪو نتيجو ڪونهي: ”ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي؛ جن لوچيو تن لڌو؛ جي پڇن سي پائين؛ جي هليا سي رسيا؛ جهڙو عمل تهڙو ڦل – ليس ل الانسان الي ما سعيٰ – No Pain, no gain – ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري“ – ڪم، ڪم، ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— جاکوڙ ۽ جدو جهد، لاڳيتي، اڪٽ ۽ منهائتيي (مقصد ڏانهن نيندڙ، صالح) جدوجهد:

”تتي ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ـوهڻ جي،
”متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهن پرينءَ جو.“

[پرينءَ جو پير = مقصد جو پتو يا سڃاڻپ.]

اهو آهي شاهہ جو رسالو، اهو آهي شاهہ جو لاهوتي نئون نياپو — سنڌ جي سڀني ماڻهن لاءِ، زالن، مردن، پوڙهن، اڻ پڙهيلن، شهرين، ڳوٺائن، اڀن، ٻارن، سڀني لاءِ — سوچ ۽ لوچ جو پيغام عمل جو پيغام:

والعصر ان الانسان لفي خسر، ال الذين آمنو
وعمل الصالحات وتواصو باالحق وتواصو باالصبر (قرآن)

(يعني، سچ پچ تہ انسان پنهنجي دؤر، پنهنجي سماج، ۾ ڏکي آهن: انهن جو هڪڙو ئي فرض آهي تہ پنهنجي اُن سماج جي بهتر ۽ سٺئي آئيندي تي ايمان رکن ۽ اُن لاءِ جوڳو عمل ڪن، ۽ اُن رستي تي سچائيءَ ۽ صبر سان گڏجي اڳتي وڌندا رهن) —

”پر ۾ پڇيائون، عشق جي اسباب کي،
”دارون هن درد جو ڏاڍو ڏسيائون،
”آخر“ والعصر“ جو اينهين آتائون،
”نهان پوء آئون، سڪان ٿي سلام کي.“
(شاهہ)

[عشق جو اسباب = جيئڻ جو راز. ڏاڍو دارون = سخت ڪوشش عمل. العصر = هلندڙ دؤر يا سماج. آخر = اُن جو آيندو. سلام لاءِ سڪڻ = ٺلهي سڌ ڪرڻ، دعوا ڪرڻ، عمل نہ ڪرڻ.]

”سڪين ڪيهہ سلام کي، ڪرين ڪيهہ نہ سلام؟
”پيا در تن حرام، ايءَ در جنين ڏيکيو.“ (شاهہ)

[سلام ڪرڻ = عمل ڪرڻ، جاکوڙ ڪرڻ. ايءَ در = عمل جو در، جدوجهد ۽ جاکوڙ جو رستو.]

وقت گذرڻ ۽ حالتن بدلجڻ سان ’لفظ‘ پراڻا ٿي وڃن ٿا، اُنهن تي دز چڙهي وڃي ٿي، ۽ اُهي پنهنجي معنيٰ ۽ اثر وڃائي ٿا ويهن - انهيءَ ڪري، اصل ڳالهه ڪي، اصل نيابي ڪي، نون نون لفظن ۽ اڻين نئين ڍنگ ۾ پيان ڪرڻ ۽ پڌائڻ ضروري ٿئي ٿو: هر دور جي حالتن ۽ تقاضائن مطابق اُن دور جي ٻولي ۽ اصطلاح پنهنجا ٿين ٿا — تنهن ڪان سواءِ هر قوم ۽ ملڪ جي خود ٻولي به پنهنجي ٿئي ٿي، جنهن ۾ هو پنهنجي ماحول ڪي سمجهن ٿا ۽ سمجهائين ٿا ۽ اُن جي ڀلي ۽ بُري بابت سوچن ويچارين ٿا — ”هنديان را اصطلاح هند مدح، سنديان را اصطلاح سند مدح!“

انهيءَ خيال کان شاهه جو ”نئون نمايو“ سنڌ جي ماڻهن لاءِ، سنڌ جي سڀني ماڻهن لاءِ، تمام وڏو، بنهه بيمثل ۽ املهه تحفو آهي، ۽ اُن کي سنڌي ٻوليءَ جي ’ڪلاسڪ، (Classic) چئجي ٿو — جنهن جي معنيٰ آهي ’فرسٽ ڪلاس‘ (First Cllass) يا اول درجي جي اعليٰ چيز. هڪڙي انگريزي ٻوليءَ جي شاعر ادب ۾ ”ڪلاسِڪ“ جي وصف هيئن ڪئي آهي:

In whom is plainest tauhgt and easiest learnt,
What makes a nation happy and keeps it so.

(يعني، ’ڪلاسِڪ‘ اُها تصنيف يا اُهو ڪتاب آهي، جيڪو صاف سِڌو سيکاري ٿو ۽ جنهن مان سولو سِڌو سکجي ٿو — اُهو ڪجهه، جنهن مان قوم خوشي حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ خوشي ماڻي سگهي ٿي.)

”شاهه جو رسالو“ سنڌ جي سڀني ماڻهن لاءِ بلڪل اهڙي هڪ اعليٰ درجي جي ڪلاسِڪ آهي، جنهن مان اسين، سڌيءَ طرح ۽ پوريءَ آسانيءَ سان، پنهنجي وجود جي بقا ۽ اُن جي

خوشحاليءَ، آبرو منديءَ ۽ بهتر مستقبل جي تعمير جا سبق سکي سگهون ٿا.

شاهه جي رسالي جي هيءَ به هڪ تعريف ۽ اسان مان آن جي سڳنڌ جي اها به هڪ نشاني آهي ته آهو اسين ڳائي سگهون ٿا، ۽ عام جام ڳايون به ٿا. علامه آءِ. آءِ. قاضي مرحوم جي چوڻ موجب، شاهه جي رسالي جي اها هڪڙي اعليٰ خوبي آهي ته آن جو هر بيت، هر وائي ۽ وائيءَ جي هر سٽ ڳائي سگهجي ٿي. انهن اسان وٽ شاهه جو رسالو جهر جهنگ ۾ ڳائجندو رهي ٿو. سنڌ جي سڀني ماڻهن، زالن توڙي مردن، ٻلين توڙي ٻارن، سڀني لاءِ اهو ڄڻ هڪ ڏورو گيت آهي، جو سدائين سنڌن کن ٻڌڻ لاءِ ۽ سنڌن دليون پڙهڻ لاءِ تيار هونديون آهن. انگريزي شاعر، بيري ڪارن ويل (Barry Cornwell)، گيت (Song) جي وصف ڪندي، چوي ٿو:

'گيت آهي، جنهن مان عطر جي ۽ گلن جي خوشبو اچي،
'گيت آهي، جو درياءَ جيان وهندو هلي،
'گيت آهي، جو نرمل نظارا ۽ گهڙيون ياد ڏياري —
'جن ۾ دل ڪڏهن نه ڏيئي، پرچي، آٿلي پئي هئي،

'گيت آهي، جو نيچ خيالن کان ڇڏائي،
'گيت آهي، جو ڏک اسان جو گهٽائي،
'گيت آهي، جو دل اسان جي کي ڏوڙي ۽ چاڙهي —
'جيئن ڪو محب وطن پيار مان ڪنهن کي ڏک هٽي جا ڳائي.

'گيت آهي، جو فرض ياد ڏياري،
'نربل کي بلوان ڪري ۽ بلوان کي سورهيو بڻائي،
'۽ هر سچ ۽ سونهن جي عمل تي —
'چمڪندڙ ستارن جو تاج ٻڌجي ٻڌي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه جو رسالو سنڌ جي ماڻهن لاءِ سدائين انهيءَ اعليٰ قسم جي اول درجي جو هڪ **اعليٰ گيت** رهيو آهي.

پر افسوس، جو پنهنجي هن اعليٰ پيغام کي، پنهنجي هن جيءَ جيار قومي گيت کي اسان وڏن پاڻ به پنهنجي هٿن جي ڪنن سان ٻڌڻ ڇڏي ڏنو آهي، ۽ آن کي پنهنجن قومي وارثن يعني پنهنجن ننڍن تائين پهچائڻ ۽ آنهن کي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ ۾ به وڏي ڪوتاهي ٿي ڪئي آهي. هڪ ته اسان جو تعليمي سرشتو اهڙو ناقص سرشتو آهي، ۽ اسان جي قومي وس کان ايترو ٻاهر به آهي، جو اسين پنهنجي اولاد کي آن سرشتي ۾ رکي پنهنجي ٻوليءَ جي پوري ڄاڻ ۽ پنهنجي تهذيبي ورثي جي رکي ڪا هلڪي سڃاڻپ به ڏياري يا ڪرائي ڪا سگهون. ۽ ٻيو ته اسان جي محب وطن اديبن ۽ عالمن جو به انهيءَ ضرورت ڏانهن خير ڪو ڌيان رهيو آهي ته جتي اسين پنهنجي ادب ۽ تهذيب جي جياپي ۽ واڌاري لاءِ خانگي ڪوششون ڪندا ٿا رهون آتي پنهنجن پيڙهائتن اعليٰ شاعرن جي پيغام ۽ آنهن کان عطا ٿيل قومي گيتن کي پنهنجي نئين نسل تائين پهچائڻ ۽ آنهن جي دلين ۾ ويهارڻ جي به اسان کي ڪي ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ ڪرڻ کپي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان، محترم انور هالائي صاحب جو هي ترتيب ڏنل "ٻارن جو شاهه"، جيڪو بين الاقوامي ٻارن جي سال (١٩٧٩ع) جي سلسلي ۾ ٻارن جي هڪ سنڌي ڪتاب طور شايع ٿي رهيو آهي، پنهنجي نوع جي پهرين ڪوشش سان هڪ ڪوشش شمار ڪري سگهجي ٿي — جنهن لاءِ سنڌ جي محب وطن پڙهيل شهرين جي هيءَ جماعت ۽ آن جي لائق اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان گڏ محترم "انور" هالائي صاحب جا به اسان کي دلي ٿورا مڃڻ گهرجن. هيءَ تصنيف "ٻارن جو شاهه" — آن جي چونڊ، ترتيب ۽ پيشڪش — ڪيتري قدر اسان جي ٻارن کي اسان جي اعليٰ قومي شاعر جي اعليٰ پيغام ۽ اعليٰ گيت سان سڃاڻپ ۽ پنهنجائپ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي، آن بابت راءِ خود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن جي پڙهندڙن، وڏن توڙي ننڍن، تي ڇڏي، آءٌ هن ڪتاب سان واسطي رکندڙ پنهنجن سڀني عزيز سائين کي مبارڪ ڏيو پوش ڪريان، جو آنهن رڳو اُن پنهنجي بنيادي قومي ضرورت ڏانهن ڏيان نہ ڏنو— نہ اسان کي پنهنجو تهذيبي روح ۽ اُن جي سڳنڌ اُئين پنهنجن قومي وارثن، آئيندي جي مائرن پيئرن، يعني پنهنجي اولاد، جي روح ۽ سندن روح جي سڳنڌ سان ملائي اُن جو حصو بنائڻو آهي ۽ اُئين اُن جو آنهن کي وارث ۽ محافظ بنائڻو آهي—

”ڪرهــو ڪيسر آءُ، پسو واڳ ولاڙيــو،
”پــيــٽو پــاپ ملاءُ، ذرو ضايــع نہ ڪري.

”پــيــٽو پاپان ورِتــرو، ڪرهو ڪسير پتس“،
”آپ ڇپائي پترُ ماري، ذات سيڻهان جي جتس“،
جت وڃي دمامن دس“، متــي آرڻ آســري“. (شاهہ)

شال اُئين تي سکهي ... شال اسين اُئين ڪري سگهون....

حيدرآباد سنڌ.

٣١-٨-١٩٧٩ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سنڌ ۽ سنڌيت“

[شعري مجموعي ”اباڻي آکير“
لاءِ لکيل مهاڳ (١٩٨٥ع)]

اسان سنڌين جي گهرن ۾ ۽ اوطاقن ۾ ۽ اسان جي هردي جي تارُن ۾، مارئيءَ جو قصو، مارئيءَ جو سرود، تمام گهڻو ٻُڌو، ڳائجي ٿو، ۽ پڙچارجي ٿو. ڀاءُ نرنجن دودائيءَ جا ٿورا مان کهڙن لفظن سان مڃان، جو ڏيساور تان پاڻ پنهنجي ڪرتا ”اباڻي آکير“ جي نالي واري، مون ڏانهن موڪليائون — پڙهڻ لاءِ، ۽ مون ۾ ان بابت ڪجهه چوڻ لاءِ.

پهريون ڪم، جو مون ڪيو، سو هيءُ ته ڀاءُ نرنجن جي ڪرتا پاڻ پڙهيم، ۽ پوءِ ان جو هڪڙو نقل محترم دوست ڊاڪٽر الهداد ”عاصم“ کي پڙهڻ لاءِ ڏنم، جن کي آءٌ سنڌي ادب جو هڪ سچاڻ پارکو سمجهان ٿو، ۽ ٻيو محترم دوست عبدالقيوم ”صائب“ کي ڏسڻ لاءِ ڏنم، جن کي آءٌ سنڌي شعر جي علم عروض جي ڄاڻن مان مڃان ٿو. ٻنهي مهربانن جا تاثرَ، جيڪي منهنجي ويچار ۾ وڏيءَ ڳالهه وارا آهن، لائق پڙهندڙَ هن منهنجيءَ گذارش کان پوءِ پاڻ پڙهندا، ۽ ڀاءُ نرنجن جي رچنا بابت پنهنجي راءِ قائم ڪندا، — وڌيڪ ان لاءِ ڪجهه چئي، آءٌ رڳو پڙهندڙن کي ڪجهه گهڙيون هن سندس درديلي آواز کي پڙهڻ، ۽ ڪتنين ٻڌڻ، کان پري ئي رکي سگهندس ٿي، جا مناسب ڳالهه نه هئي: پر عزيز دوست الهداد پنهنجي تبصري جي آخر ۾، پنهنجي هڪ دلبند ادا سان ’پيار ۾ شرڪت‘ لاءِ چئي، مون لاءِ پوئتي رهڻ جي ڳالهه به ڪانه ڇڏي آهي. پڙهندڙن کي، بهرحال، هن جاءِ تي، آءٌ اها ئي منت ڪندس ته وڌيڪ هن گذارش کي پڙهڻ هتي بند ڪري، پهرين ڊاڪٽر الهداد جو تبصرو ۽ جناب ’صائب‘ جو مطالعو پڙهن، ۽ پوءِ ڀاءُ نرنجن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪورتا مڇي پڙهي وڃن، ۽ اُن جو 'سوز ۽ سُرور' محسوس ڪن، جا ٿي اُن جي وڏي وٿ آهي — ۽ اُن ڪان پوءِ جي دل ۾ اچن، ته رهيل منهنجي عرض گذارش به پڙهڻ جي تڪليف وٺن.

(٢)

آءٌ "آباڻي آڪير" جي ورجيس کي انگريزيءَ جي لفظ Patriotism سان تعبير ڪريان ٿو، جنهن جو مُول انڊو-يورپي ٻولين جي Pater (پدر Father، پتا، پيءُ وغيره سان) آهي، جنهن مان Patrios ('اباڻو') ۽ Patriot ('جيڪو پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ کي بچائي ٿو يا اُن جي حقن جو ۽ آزاديءَ جو پُرجوش محافظ آهي')، ۽ ٻيا ڪيئي اِن سلسلي جا لفظ جُڙيا آهن.

دادا ڄيٺمل پرسرام ڪان برطانوي سامراج کان آزاديءَ جي جدوجهد دوران اڪثر اُنهن چوندي مون ٻڌو هو ته 'ماتر-ڀوميءَ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ اسان جو سنڌي هاري ڪيئن ڪو جوش ڏيکاري ٿو سگهي، جڏهن ماڻهن جي پنهنجي ٿي گهر ۾ نظربنديءَ آهي ۽ ڀُوسي (زمين) هن جي زميندار جي قبضي ۾ يا شاهوڪار وٽ گروي آهي!' اهڙيءَ ئي ساڳيءَ طرح، اُنهن ئي ڏينهن ۾، لوڪمانيه تلڪ، جيڪو وطن جي عام ماڻهن لاءِ آزاديءَ جو گهوريو هو، جڏهن اصلاح پسند يا سڌارڪ اڳواڻن ڪان هيءُ نعرو ٻڌو ته 'سماجي سڌارا پهرين، سوراج (آزادي) پوءِ!' — تڏهن چيو هئائين ته عام طور سماجي سڌارا معنيٰ گهرو سڌارا: 'اوهين پلي، جيئن اوهين چئو ٿا، گهرو سڌارن جا دهل وڄايو، پر اُنهن کي اوهين ڇا ڏيندا جيڪي بي گهر آهن! پهرين ماڻهن کي گهر ڏيو، پوءِ اُنهن کي گهر جي سڌاري لاءِ چئو!'

نڍي هوندي جي هڪڙي ڳالهه مون کي سڄي عمر هُرندي رهي آهي، پنهنجي غريب امڙ ڦُدان جي: سدائين هوءَ جڏهن سوئي جي ٽُنبي پاسي ۾ رکي، سُئي ڌاڳو هٿ ۾ کڻي، ڪپڙو جوتن ۾ جهلي، سِبڻ ويهندي هئي ته جهيل سان ۽ ڌاڍي مٺي، شفاف آواز سان جهونگاريندي هئي — 'مُٺن مارن کي ڏٺي ڏينهن ٿيا، سڪين سالڪين کي ڏٺي ڏينهن ٿيا ... گذري ورهيه ويا ... —' ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئي وجهندي هئي؛ ۽ مان مٽس پڙ ڏيئي آلين اکين سان، ور ور، ڏاڍهنس ويٺو ڏسندو هوس. اڄ منهنجي، مان پنهنجي ننڍو هوس — پر ايڏن سالن جو ٿي — تہ منهنجي پيءُ جي اوچتي فوت ٿي وڃڻ کان پوءِ، عدت جي پوري ٿيندي ئي، زوريءَ نڪاحجي، اسان جي ئي ويڙهي ۾، هڪڙي ٻئي گهر آماڻي ويئي هئي: * هُن آتي وڃڻ نٿي گهريو؛ ۽ جو دم جيئري هئي، واجهائيندي رهي، واجهائيندي رهي — پنهنجي، اسان جي گهر لاءِ، جتي آءٌ ڄائو هوس، ۽ پنهنجي ”ابائي“ گهر لاءِ جتي سندس بيواهي پوڙهي ماءُ، منهنجي پوڙهيت ناني سعيدان، هيڪاي ۽ بيحد سقيم حالت ۾ رهندي هئي.

ابتدائي انساني سماج جي ماتائي (Matri-archal) دؤر جا ’گهر لاءِ ’جنم لاءِ‘، ’وطن‘ لاءِ يادگار لفظ اسان وٽ ’ڌرتي ماتا‘، ’ماتر ڀومي‘ (Mother Lanb) آهن، ۽ پوءِ جڏهن سماج پتائي (Patri- archal) دؤر ۾ داخل ٿيا، تڏهن ٻولين ۾ ’آبائي ملڪ‘ ’ابائي ڏيهہ‘ ڏاڏائو‘ وغيره جا اصطلاح رائج ٿيا. ماتائي سماج ۾ مرد“ ٻہ غلام ڪونہ هو، چوتہ ماءُ جو فطري منصب ئي پيار ۽ پنهنجائپ هو، پر پتائي سماج ۾ پيءُ، Patri-arch مان وڌي، ’گهر‘ جو، ’ڌرتيءَ‘ جو، Mon-arch (Monos = اڪيلو + Arkho = حاڪم) ٿي ويو، ۽، آن آپشاهيءَ ۾، عورت (ماءُ) جي حيثيت مرد جي اڌو محض هڪ غلام، هئي، ۽ بي‌زبان جيو جي رهجي ويئي. ۽ ان طرح سماج جي هر گهر ۾، ’ماءُ‘ هڪ قاتل ۽ ڪنهن پڳل ڪُونج وانگر پنهنجي ابائن لاءِ، اباڻي ’گهر‘ لاءِ، اباڻي ’وطن‘ لاءِ، سدا لڇندي، ڪُوڪندي ۽ ڪُرلائيندي ٿي رهي — جيئن اڄ بہ آن جي

---

* اسلامي شريعت جي هڪ شرط مطابق، مڙس جي فوت ٿيڻ کان پوءِ زال چئن مهينن جي گذرڻ تي، نڪاحجي سگهي ٿي؛ ۽ ٻيو تہ ڏنارڪن زراعتي سماجن ۾ عورتون اڪثر زوريءَ وهانجي وڃن ٿيون.

حيثيت اسان وٽ آهيا آهي : ياءُ نرنجن پنهنجي نظم ”الائي ڇو!“ ۾ به ائين چوي ٿو :

”اباڻن مان لاڏڻ جي پٽ ڪنئي اتهاس مان ور ور،
ڇڪي سڪ دادلي در جي، اباڻن ڪان الائي ڇو!“ *

۽ ائين ”اباڻي آڪير“ جي ورجهس اسان کي آن پنهنجي نظر- بنديائي ’ماءُ‘ جي ڏنل آهي، ۽ اسان وٽ ماڻي مارئي آن اباڻي آڪير، ساڻيهه جي سڪ، وطن جي حُب، جي علامت آهي، ۽ اسان جي ادب ۾ ’سيتا‘ ۾ پنهنجي ستيا ۽ سول سان ’عمر جي قيد مان نجات جي جدوجهد جو مثالي ڪردار پڻ جي پيش ٿيل آهي.

(٣)

ياءُ نرنجن جي ڪوتا ”اباڻي آڪير“، ان حوالي سان، دنيا جي سڀني باشعور ٻولين جي Patriotic روايت پٽاندر، اسان جي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي نبار وطني حُب جي ڪوتا آهي.

اسان جو هيءُ نرنجن، لاڙڪاڻي —”شهر شهاڻي، معشوقاڻي، ماوڪ مڪاڻي، ساهه سيباڻي، ورثي اباڻي“— جي طيب ٻوٽ جو ڄاول ١٩٢٦ع جو، ايڪيهن سالن جي جوانيءَ مستانيءَ ۾ وطن کان وڇڙيو ۽ وڃي بمبئيءَ پهتو، ١٩٧٢ع ۾ ڪٽنب سميت انگلنڊ ويو، ۽ ٻئي سال آمريڪا جي ماسيشوسيٽس رياست ۾ حالي وڃي ٺانڪو ٿيو، ۽ آتان ويهي، شاهه سائينءَ جي مارئيءَ جيئن— ’ڪيئن مهاڙ ملير ڏي، ٻوڙها ڪم ٻوڙي!‘ — ست سمنڊ پار پنهنجي ’اباڻي‘ پار ڏانهن منهن ڪري، آن سان پنهنجي دل جو اننگ هيئن ٿو اوري :

”پنهنجي قرب جي ڪٿڻ مان قدر ڪمان !
”پنهنجي پريت جي کهڙي ٻاڻ ٻٽيان !
”تنهنجي دل جڙن مرادون ثابت ٿين،

---

* نشانيءَ وارا سڀ شعر ۽ شعري اصطلاح اڳتي هن سڄي مضمون ۾ آئندي، ڪوي نرنجن جي ”اباڻي آڪير“ مان کنيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سڀ سهڻا سپنا ساڀيا ٿين؛
"هر جنم جنم جو قرارُ ڏيان،
"توکي دل گهريو دلدار چوان..."*

۽ ڪڏهن پنهنجي نازڪ دل تي ڪَنُ رکي دانهين ٿو—
"آئُن ٿيون اندر ۾ الاهي آڪرون،
"ذميا نوڻ ڇاڪڙن آلائي آلاني!..."*

۽ پنهنجي ويڳاڻپ کي هيئن چئي پڙڏائي ٿو—
"سونهاري سا سوني ڌرتي، ساري سال سڄا،
"سارُ سنڌوءَ جو، سُرُ واهن جو، مٺڙي ساه ڌڄا؛
"ڳايان نغمو نورَ وطن جو، توڙي سينو ڪٽو!
"روءُ نه دلبر دل منهنجي، اڄ ڳايون راڳ مٺو!"*

نرنجن جو آوچل مٿان وڇوڙي جي اُن لُڙڪ تي اڃا حيرت ۾ آهي ته هو ۽ هن جو ايڏو سارو ولرُ اُن ڄڀيءَ جا شڪار ٿيا ئي ڪيئن!— ڇو ته

"مليا جي فرض سي اڪثر آدم ڀوت سان نڀاياسي؛
"مگر ڇا ٿيو ڇا پاتوسي ڇا سوچيوسي، ٿيا ڇا سي،
"اسان کي دورَ جهوت جو، ماٺو انجام ڇو اهڙو؟
"ڪيان آن جو بيان ڪهڙو!
"رهڻ خاموش پاتوسي، ڪڇڻ مان ڪين پاتوسي؛
"ڇڏي تو درد پيو ڪهڙو؟
"ڪيان آن جو بيان ڪهڙو..."*

۽ هُن جي دل آيا ڳيءَ ڪي نيٺ—
"جڏهن ايڏي اڪيلائي نهوڙي ٿي،
"نهوڙي ٿي، نهوڙي ٿي، نپوڙي ٿي... :
"مون کي منهنجي اڪيلائي نهوڙي ٿي—
"ڏهن دل انقلابي ٿي ولوڙي ٿي..."*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُٺين تعصب جي جهنمي هوا سائي ستابي وڻ مان هڪڙو نرنجن نه، پر لکين نرنجن چِني، الڳ ڪري ڇڏيا. "ملڪ ڪنڌيائون، دل چيرِيائون، ڪير ڪتان جو ويو ڪاڙي!"— ۽ هرڪو انهن مان جتي به آهي اُتي اڄ اُٺن ٿي پيو ٿو ڪُرلائي—
"دعا پنهنجي، زمين پنهنجي، الاهي آرزو آهي—
"جي يارو موڪلايوسي، بدن مان پاڻ" ٿي ڏاهيان!"*

مون پنهنجي ڪتاب، "شاهه—سچل—سامي" (١٩٧٨ع)، جي پهرين جملن ۾ چيو هو ته "سنڌي سماج رڳو اُنهن حدن تائين محدود نه آهي، جهڙي جاگرافيائي يا سياسي طور اڄ سنڌ جون آهن — سنڌي سماج سنڌ کان ٻاهر به موجود آهي. جتي جتي ڪو سنڌي ڪٽنب آباد آهي، اُتي سنڌي سماج موجود آهي، ۽ اُتي اُنهن جي سڃاڻپ سنڌي ٻولي ۽ سنڌن پنهنجن سڳورن سنت شاعرن— شاهه، سچل ۽ سامي ءَ— سان پريت ۽ سِڪ سان پڙهي سگهجي ٿي:"
ڀاءُ نرنجن ڏيساور مان به اهڙي آواز ٿو آلاپي—

"شاهه، سچل [ساميءَ] لئه چڪيا شاعر سودائي،
"حق جي سڏ تي ڪُڏند ايندا ماڻهو مولائي؛
"ڳايون مٺڙو راڳ وطن جو سُرَ سان سيگهه سنئو....
"آهي الاهي آڪير اباڻي، پرچي هرڪو رُنو—
"روءَ نه دلبر دل منهنجي، اڄ ڳايون راڳ مٺو...."*

....

"ماروئڙن جو ملڪ مٺڙو، گهرُ گروءَ جو در،
"سنڌوءَ جي آسپاس گهيٽيري، جهولڻ جهولڻ پر،
"سنڌي سدائين سنڌي سڏبا جاتي هوندا،
"پنهنجي اباڻي آڊ چڪيندا،
"نياز ڪري ٿا گڏجون سڀ سان،
"پنهنجا نيڪ به ته پنهنجا ڏيندا...."*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

....

”سڪ ڀري جا صحبت پاتي، تعصب کي ڏيون ڪوڙ ٽڪاءُ،
”سهمالن جي حجت اسان تي، پيڙ نه پانهون پاءُ!
”صلح شانتي مرڪ اسان جو، قربانيءَ ۾ راحت،
”ٻنيءَ کي پرڻام اسان جو، لازم ٿي جي شهادت!
”نماز پڙهون يا پوڄيون پاٺ، باسون جيڪا باس
”سنڌ سڳوري، تنهنجي ڪاتر، آپ ڪان وڌ ٿئون آس!“*

(٤)

اُهين ٿيو پانهنجي تهه تاريخ جو هيءُ دؤر، جو اسان مان هيترو ڪجهه ڪري گذريو آهي، نظرين جو دؤر هو ۽ آهي. ڪئپيٽلزم ۽ سوشلزم دنيا ۾ اڳي ئي موجود هئا، جيڪي ٻئي سيڪيولرسٽ (Secuiarist) يعني 'دنيائي'، 'ارضياتي'، 'لوڪائتا' نظريا ٿا سڏجن. هاڻي وري اڳوڻا سيڪرلسٽ (Sacralist) يعني 'افلاڪي'، 'آسماني' 'پر-لوڪائتا نظريا، جيڪي اڳتي وڌي آيل انساني سماج جي صنعتي دؤر ۾ سڌي خارج بڻجي، استعماليءَ مان نڪري ويا هئا، ڪافي ڪجهه اوور-هالنگ (Over-hauling) ۽ چنڊ ڦوڪ ڪان پوءِ، نوان بڻجي، ٻيهر اچي نئينءَ دنيا جي آڏو بيٺا آهن، پر 'ڌرتي' ۽ ڌرتيءَ جي ٻولين (۽ ڌرتيءَ جي 'ماڻهن') کي آهي وري به چڙي ٿا سگهن. سنڌن پاهرين دعوا برابر 'نظرياتي' وحدت آهي، جنهن ۾ هو ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ جي 'لايلٽيز' (Loyalties) کان پاڻ کي بالاتر سمجهن ٿا، پر ٻولين ۽ ڌرتيءَ جي مفادن ۽ پابندين کان هو هرگز آجا نه آهن. ۽ اها منافقت ۽ ٻه-چِتائي آنهن کي پنهنجي ڏاڍ ۽ ظلم جي مفادن جي حاصلات ۽ بچاءَ لاءِ ئي اختيار ڪرڻي پوي ٿي، ۽ انهيءَ منافقت ۽ دولاب ڪري ئي آهي اڄ پاڻ به سڄيءَ دنيا ۾ ايڏي وڏي آزار ۽ مونجهاري ۾ ورتل آهن-

چيو ته

'خودي' ۽ 'خدا' ڪين مائيندا من ۾،
ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾. (شاهه)

نظرين جي خيال کان اهڙن جيڪي پاڻ کي سنڌي سڏيون ٿا، سي به هڪ نظريو رکون ٿا، جنهن کي اسين 'سنڌيت' ٿا سڏيون— ۽ اهو هڪ صاف سڌو سيڪيولرسٽ نظريو آهي، ۽ اُن ۾ اسين ڪابه لِڪ يا منافقت ڪانه ٿا ڪريون، ۽ پڌري پٽ چئون ٿا ته اُن جي پاڙ ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ ۾ کُتل آهي. اسان جي هيءَ 'سنڌيت' اسان کي سڄي عالم ۾ گهڻي هڪُ ڪري بيهاري ٿي، ۽ اُن سان اسين پاڻ کي سڄي ٽي سگهون ٿا، ۽ اُن سڄاڻپ جي سهاري، جي چاهيون ته پاڻ کي سوڀاوان بڻائي سگهون ٿا ۽ سدا پاڻ کي سڦل ۽ سرخرو رکي سگهون ٿا.

اسان وٽ اسان جي هن پنهنجي سنڌيت جي بنياد جا صديون پراڻا سوان سڌا ۽ آزمايل اصول موجود آهن، جيڪي انسانيت جا اصول آهن، ماڻهپي جا اصول آهن— محبت، فضيلت ۽ خدمت جا پريم، مريادا ۽ شهواداريءَ جا اصول— جن کي اسين هڪ ئي لفظ ۾ 'سنڌوءَ جي ساڃهه' به چئون ٿا. هيءَ انسانيت، هيءُ ماڻهپو، هيءَ ساڃاهه، جتي به انسان ۽ انسان ۾ ٻيائي يا دوئي نه هوندي آتي ۽ فقط آتي موجود هجي سگهي ٿي. اسان جي ٻ زرگن ۽ رهبرن، اسان جي سڀورن سنت شاعرن— شاهه، سچل، ساميءَ ۽ ٻين— اسان کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ اها دوئيءَ دور ڪرڻ جي ڳالهه وري وري ۽ پوريءَ چٽائيءَ سان ٻئي ٻڌائي آهي ۽ سيکاري آهي—

ٻيائيءَ کي ٻتڪ، جن وڌو سي ورسياه.

شاهه سائينءَ ته اسان کي انسانيت جي هيڪڙائيءَ جو، اُن جي ايڪي جو، هيءُ سبق انيڪ نمونن ۾ ڏاڍي پياري انداز سان ڏنو آهي—

'سون'، 'تون'، 'آءٌ'، 'اسين' چارئي چيتان لاهه،
سندي 'دوزخ' باهه، ته اِتو اوڏيائي نه اچي.

اسان سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ٻنهي پالڪن، هندن ۽

مسلمانن، مان هر هڪ کي سنڌي ۽ وري سنڌي، چيو اٿن—

ان پر نہ ايمان، جنہن ڪلمي کيو ڪوڙائيين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذرُ آهيين.

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوڙاءِ،
هندو هڏ نہ آهيين، جنيو تو مَ جڳاءِ،
تلڪ تنهن کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

سِرُ نايو سجدا ڪرين، تَنَ تواضع تو نہ،
هُو جو مَٽڪو مَنَ جو، سهجان سارين سو نہ،
ڪُوڙا ٽيندھ ڪونہ، ڏوٿين ڦوڪني ڦاٿڏو.

ڏٺ ڏسين جي، تہ همہ کي حق چئين،
شارڪَ شڪَ مَ ني، اوڳا انهيءَ ڳالهہ ۾.

ٻيو تہ—

اوڏو جو 'اثبات، کي سو شرڪ لاهي شڪ'
هئي جنهن ۾ 'حق'، تنهن 'نفيءَ' جهڙو ناهہ ڪي.

(۵)

اسين جيڪي پاڻ کي پنهنجن شاعرن ۽ بزرگ رهبرن جي ان اعليٰ سکيا جو پوئلڳ سمجهون ٿا، سنڌي آهيون، ۽ سنڌيت جا دعويدار آهيون- جيتوڻيڪ اڄ اسين ظالم دنيا جي مفادپرستن جا ڌڪيل ۽ آزاريل آهيون ۽ هڪ ٻئي کان وڇڙيل ۽ واوڪر ٿيل آهيون، پر جيسين اسين پنهنجي فڪر ۽ عمل ۾ انسانيت جي انهيءَ حق ۽ اثبات جي اوڻ رکون ٿا ۽ ان جي ٿي شناس ۽ ڳولا اسان جو مقصد آهي، تيسين ڀڪ آهي تہ اسان جي تقدير جي ٻيڙي ٻڏي ٻڏي، وري بہ تار تري، اوس پار پهچي ويندي .... تيسين اسان کي سوکم سجاڳ ۽ سُر تائنو سو رهڻو پوندو—

ملاحظو مهراڻ جو مُورُ مَ لاهہ مناءِ،
سامونڊي سنيال، ڪي سمهہ آيئہ ساعَ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳي جڙ مٿاڇ، تاري وانءُ تراز ڪي! (شاهه)

۽ اهائي وڏي ڳالهه، اهوئي اسلهه ڇتاڇ، اهائي جيءَ جيارَ خوش خبر، پنهنجي هن اندر جي ڳري آواز، پنهنجي هن سُکَ- درسي ڪرتا، دوست الهداد جي لفظن ۾ ‘سور ۽ سرور ڳاڏڙ’ ”اباڻي آکير“ ۾ اسان جو پيارو ڀاءُ نرنجن دوداڻي به اسان کي ڏني ٿو- شال، آها اسين ڀڏون ۽ هنئين سان لايون:

„جڏهن لامن کي لاڏ لڳندو، باغن تي رنگ ڇجندا،
„ٽانگر ولهن ۾ ٽڙندا، ڀڃن مان سلا ڦٽندا،
„...........
„وڻجهارن لئه واءُ ورندو، سيٺن کي لاڳ ملندا،
„هيٺن کي آڌَ ڏيندا، گلاب رابهل سرهاڻ ڏيندا،
„چنبڙ چغلي نه هٿندو، ڇانڊاڻ نه ڪندي ماندان،
„ڪڪرن مان نُرُ ڪرندو—
„وحدت وارو سبق سٺيئون، آدرياءُ جي آدَ اٿئون،
„ورٿو آهو جو جڳ جڳ ڪان آهه:
ڀرانگهه ورائي هيڏانهن هوڏانهن پيو ڏسجانءِ،
„ڀرو ڀچائي پنڌ ڪجانءِ
„ڀرو ڀچائي پنڌ ڪجانءِ....“*

حيدرآباد سنڌ
آڪٽوبر ٢٩-١٩٨٥ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سنڌ منهنجي خوابن جي"

[مارچ ٢٠، ١٩٨٧ع تي شاهه عبداللطيف
ڪلچرل سوسائٽي، ڪراچيءَ جي "سنڌي
معاشرو ۽ سنڌ سياڻي" جي موضوع تي
سڏايل سيمينار ۾ پڙهيل صدارتي تقرير]

عزيزو، "سنڌي سماج" ۽ سنڌ سياڻي" جڏهن "سياڻي
لاءِ سوچ" جي ڳالهه آهي، "آئينڌي جي اڳڪٿيءَ" جي ڳالهه
آهي، ڪنهن "خواب جي ڳالهه" آهي، ته اها سوچ، اها ڪٿ
۽ اهو خواب منهنجي دل ۾ به موجود آهي ـــ.

الا اُهين ۾ هوءِ جهڙين آءٌ مران بند ۾!
جسو جنجيرن ۾ راتيان ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مريجنم ڏينهڙا!!

عزيزو، ڪنهن موجود هاڃي کي هاڃو سمجهڻ ۽ اُن کي
ختم ڪري ڪنهن نئين لاڀدائڪ صورت جي پيدا ڪرڻ جي
ضرورت جي احساس کي "انقلابي شعور" ٿو چئجي، اُن لاءِ پوري
پوري ۽ هر طرح جي ڪوشش ۽ قربانيءَ کي "انقلابي جدوجهد"
۽ اُن ۾ ڪاميابيءَ کي "انقلاب" ٿو سڏجي ـــ.

آخر والعصر جو، اُئين آڌائون (شاهه)
ـ يعني: "انقلابي دؤر جو نتيجو اُئين پڌايو اٿن."

اسان جي سدا حيات شاهه عبداللطيف ڀٽ جي هن مصرع
۾، قرآن شريف جي سورت "العصر" جي حوالي سان، اها ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي آهي. مولانا ابوالڪلام آزاد اِن سورت جي پهرين آيت ”والعصر“ جو ترجمو هيئن ڏنو آهي:

”قسم آهي اُن انقلابي جُڳ ۽ تبديلين جي دؤر جو جيڪو پوئين دؤر کي ختم ڪري ٿو ۽ نئين دؤر جو بنياد رکي ٿو....“

هن سورت جي پوئين آيت ”وتواصوا بالحق وتواصوا بالصبر“ جو تفسير مولانا آزاد هيئن ڪيو آهي:

”حق ۽ صداقت جو ميدان فقط جهاد جي ذريعي فتح ٿي سگهي ٿو: ۽ صبر جهاد جي حقيقت لاءِ بنيادي شرط آهي.“

حق ۽ صداقت لاءِ جهاد جي وڏيڪ ڳالهه ڪندي، مولانا آزاد سورت ”التوبه“ جي تفسير ۾ اُن لاءِ ”صبر“ جي شرط بابت لکي ٿو:

”انسان جڏهن به ڪنهن مقصد جي راهه تي قدم رکي ٿو، ۽ مصيبتن سان منهن مقابل ٿئي ٿو، ته ٻن نمونن جون حالتون پيدا ٿين ٿيون: ڪي ماڻهو جوانمرد ۽ باهمت هوندا آهن، آهي ڪنهن هڪ ڪان سواءِ مصيبتون سهي وڃن ٿا. پر آنهن جو آهو سهڻ“ سهي وڃڻ ٿي هجي ٿو. آها ڳالهه ڪانه هوندي آهي ته مصيبتون ڪين مصيبتون ٿي نه لڳنديون هجن بلڪ ٿري آنهن لاءِ عيش ۽ راحت بڻجي پونديون هجن. ڇو ته مصيبت وري به مصيبت آهي. باهمت شخص ڪڙو ڍُڪ سواءِ ڪنهن هٻڪ جي پي ويندو، پر اُن جي ڪڙاڻ جو سخت ذائقو هو ضرور محسوس ڪندو. پر ٻيا ماڻهو اهڙا به هوندا آهن، جن ڪي رڳو باهمت نه چوڻ گهرجي، بلڪ اُن ڪان به وڌيڪ ڪجهه سڏڻ گهرجي. آنهن ۾ صرف همت ۽ جوانمردي ئي نه هوندي آهي، پر منجهن عشق ۽ فدائيت جي حالت پيدا ٿي وڃي ٿي. آهي مصيبتن کي مصيبتن جيئن نٿا سهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر عيش ۽ راحت طور هو آهن مان لذت ۽ سرور ماڻين ٿا. محبت جي راهه جي هر مصيبت آنهن لاءِ عيش ۽ راحت وانگر هڪ نئين لذت پئجي وڃي ٿي. جيڪڏهن آن راهه ۾ ڪين ڪنڊن تي به سمهڻو پوي ته ڪنڊن جهڙ مان به آنهن کي آها ئي راحت ملندي جيڪا پٽي ڪنهن کي گلن جي سيج تي سمهڻ سان به ملي نه سگهي. ايتري قدر، جو آن راهه تي مصيبتون جيتريون به وڏ نديون ويندي ون آهن، هنن لاءِ رڳو ان ڳالهه جو خيال ته آهو سڀڪجهه ڪنهن منزل ڏانهن ويندڙ راهه ۾ ڪين پيش اچي رهيو آهي، هنن ۾ عيش ۽ سرور جو اهڙو اڪٿ جذبو پيدا ڪري ڇڏي ٿو، جو آن جي سرشاريءَ ۾ جسم جي ڪا به ڪلفت ۽ ذهن جي ڪا به اذيت آنهن کي محسوس ئي نٿي ٿئي. هيءَ ڳالهه اوهان کي پڙهڻ ۾ عجيب لڳندي هوندي، پر حقيقت ۾ اها ايتري عجيب به ڪانهي، جو ته هيءَ انساني زندگيءَ جي رواجي واردات مان هڪ آهي. عشق ۽ محبت جي منزل ته ڏاڍي اوچي آهي — پر آن واردات کان ’ بوالهوسيءَ جي دنيا‘ به خالي ڪانهي.“

عزيزو، حضرت شاهه عبداللطيف پنهنجي سچي رسالي ۾، سنڌ جي سڄي لوڪ روايتن ۽ لوڪ داستانن جي مدد سان، رسالي جي ڇتيهن ئي سرن ۾ اها ئي مقصد، مقصد سان عشق ۽ محبت، ۽ مقصد جي راهه تي خود - قربانيءَ جي ڳالهه ڪئي آهي. انساني زندگيءَ جي آنهيءَ عظيم ”واردات“، عشق ۽ محبت جي واردات، مقصد سان فدائيت جي اعليٰ منزل جي ”واردات“، جي ڳالهه ڪئي آهي. رسالي جي پهرئين سُر ”ڪلياڻ“ ۾ ئي پاڻ آن لاءِ ”سپرين“، ”سڪ“ ۽ ”سُور“ جا علامتي اصطلاح تخليق ڪيا آهن ۽ وري ڪم آندا اٿن — ”سپرين“ مقصد لاءِ، ”سڪ“ مقصد سان عشق ۽ محبت لاءِ، ۽ سُور“ مقصد جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهه ۾ پيش ايندڙ تڪليفن ۽ مصيبتن لاءِ.

هڪ روايت موجب شاهه لطيف پهريائين، ٻين سُرن سان گڏ مکيه طرح سسئيءَ جي سُر جا بيت ڏيندو هو، ۽ پوءِ جڏهن پاڻ ڦوهه جوانيءَ ۾ ڏي هو، ته پنهنجي سهيوڳي بزرگ ۽ درويش شاعر، ميون شاهه عنايت، جي خاص چوڻ تي، جيڪو اُن وقت پنهنجيءَ پير مرديءَ جا تقريباً ٽي سال گذاري چڪو هو، مارئيءَ جي قصي ڏانهن پنهنجو دلي لاڙو رکيائين، ۽، مارئيءَ جي سُر ذريعي، انساني زندگيءَ جي مقصد جي رڳو عمومي طور ۽ انفرادي انداز واريءَ ڳالهه ڪرڻ بدران، پنهنجي دلنواز شاعريءَ سان سنڌ جي ماڻهن کي سندن مقصد جيءِ، خصوصي طور ۽ اجتماعي نوع واري، ڳالهه ٻڌائڻ شروع ڪيائين — فرد ۽ جماعت جي تعلق جيءِ، ملير جيءِ ۽ مارن جيءِ، ملڪ ۽ ملڪ جي ماڻهن جيءِ، وطن ۽ قوم جيءِ، آزاديءَ جي شان ۽ عظمت جيءِ ۽ آزاديءَ وڃڻ ۽ آزاديءَ جي ماڻڻ لاءِ حوصلي ۽ همت جي جاڳوڙ جيءِ ۽ سر گهورڻ جيءِ —.

عمر منڊيا ماسرا، مارو ٿر ٿيا،
آهه بنديائي بند ۾، ڪ ڪي بند پيا!

آڻيندي پيم اوچتا، پيڪڙا پيرن،
هٿوڙيون هٿن، جنگهون پانهون ڪاٺ ۾.

بندي پيا قرار، اسين لوچون لوهه ۾،
متي تن تراز، سدا سانيڻن جي.

پيڪڙا پيرن ۾، ڪڙين اندر ڪير،
چاري چوگانن ۾، واهپ ڪن وزير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ مرتيون نہ ميرَ، نہ سي ڏونرا ڏيهہ ۾،
هڪ ڪونہ ڪٺي آهيان، زوراور زنجيرَ،
مارو! مارينم ميرَ، ويٺي ڳوڙها ڳاڙيان.

چانڪي ستين سمر تان ڪي وهنديس ڪوٽ ۾،
سپ سمنڊين سڀجي، لڏيءَ پٺي نہ نير،
جنہن هوءَ ابر آسري تنہن مون من ملير....

جر ۾ سپون جيئن، آهــِ ابــر آســري،
جئن ڪونجون سارن روهہ ڪي مون تن اندر تيئن،
ڪوڙين ويهان ڪيئن، اِجي نظربنديائي نہ هٿان!

ستــي اـــدم سهڻو، ڪـــٽيءَ ۾ خـاصو،
وڻـا سونهن ملير ۾ ٿيو تــڙ تڙ تماشو،
ڇوريان جان باسو، تان جسو جنجيرن ۾!

ڪوهر، ڏوهر، ڏر، جت سانگيڪا ۽ ستيون،
چارين آت چاهہ منجهان، پاسي ڦوڳن ڦر،
ڪئن لهندم ڪر، جنہن مارو پاڻ آپاريا!

هن منڌ مارو سنرا ويڙهن وڳ وارين....
هن منڌ مارو سنرا ڪانڌن ۾ خوشحال....
هــن منڌ مارو سنرا ڏيــگر ڏار رهـن....
هن منڌ مارو سنرا سانڍهہ منجهہ سڏير....

چرن چڙڪن چت ۾ وسرن ڪين وري....
چرن چڙڪن چت ۾ ڳهارين مٺي ڳهٽ....
چرن چڙڪن چت ۾ هرن منجهہ هنئين....
چرن چڙڪن چت ۾ سدا منجهہ سرير....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڙن ڇڏڪن ڇت ۾ رهيا اندر روح —

سنهي سٽيءَ سيهو مون ماروءَ سين ساه،
پکن منجهه پساه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

ايءَ نه مارن ريت، جئن سون مٽائن سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانه ڪريت،
پکن جي پريت ماڙيءَ سين نه مٽيان.

سڪر سي ٿي ڏينهن جي مون گهاريا بند ۾،
وساريم وڏ ڦڙا، مٿي ماڙين مينهن،
نيڻ منهنجي نيهن آجاري اچو ڪيو.

ڪونهي قادر ڪو پيو آنهين جو اياڳ،
سهڻي سياڳ، مارئيءَ مساوي ٿيو.

نڪا جهل نه پل، نڪو رائر ڏيهه ۾،
آڻيو وجهن آهرين روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ امل، مليرون مرڪٽو.

عزيزو، قديم ماضيءَ جي ڌنڌ مان نروار ٿيندي، پين انيڪ ماڪن ۽ ماڻهن وانگر، صدين جي تاريخي ساسآي مان گذرندي، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو پنهنجي خاص سڃاڻپ مان ۱۸۴۳ع ۾ دنيا جي نقشي تي، برصغير هند ۽ سنڌ جي نقشي تي، موجود نظر اچن ٿا. آءُ سنڌ تاريخ کي ٽن دورن ۾ ڏسان ٿو — ۱۸۴۳ع تائينءَ جو (قبل از تاريخ ۽ بعد از تاريخ) دؤر، ۱۸۴۳ع کان ۱۹۴۷ع تائينءَ جي هڪ صديءَ جي غلاميءَ جو دؤر ۽ آتان کان پوءِ هيءُ اڄوڪو سنڌ اياڳو دؤر: ڇو ته ان طرح آءُ سنڌ اڄ جي هن دؤر کي آساليءَ مان ۽ ڇنو ڏسي سگهان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ڄاڻي ٿي ته تهذيب انسانيت جي علمي ۽ صنعتي دور ۾ پهرين پاتل برِاعظم يورپ جي انگريز حملو آورن سنڌ ۽ سنڌي قوم تي ١٨٤٣ع ۾ ڪنهن ٻيءَ قوم يا ٻئي ملڪ جو حصو سمجهي حملو نه ڪيو هو ۽ نه انهن کي ڪنهن ٻئي ملڪ يا ٻيءَ قوم جي حصي طور فتح ڪيو هو. سنڌ دنيا جي نقشي تي ان وقت به هڪ ملڪ هو، ۽ سنڌي ماڻهو تاريخ ۾ ان وقت به هڪ قوم هئا. انگريزن جي حڪمرانيءَ جا هڪ سؤ سال، بهرحال سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو انهن جي ڪُل-هند ٻڌڪي نظام جو حصو ضرور رهيا، پر اهي هو پنهنجي آزاد ارادي ۽ مرضيءَ سان نه هئا. اهو عرصو، برصغير جي ٻين پاڻ جهڙن ٻانڌي ماڻهن سان شامل ٿي، هو پنهنجي آزاديءَ لاءِ، حالتن پٽاندر، ڪُل-هند نئشنل ڪانگريس يا ڪل-هند مسلم ليگ جي پليٽفارمن تان، پنهنجي وس آهر جدوجهد ۾ مصروف رهيا ۽ آزاديءَ جي ان عام جدوجهد جي نتيجي ۾، ۽ انهن ڪٽي ڇنجي، هڪ قسم جي راڄوٽي فيصلي مطابق، جيئن سڄو برصغير آزاد ٿيو تيئن هو پاڻ به آزاد ٿيا. ان فيصلي موجب جنهن سان ڪانگريس مسلم ليگ ۽ حڪومت برطانيه ٽنهي ڌرين جو اتفاق هو، برصغير جي اتر-اولهه ۽ اتر-اوڀر جي مسلم اڪثريتي علائقن جي ميلاپ سان پاڪستان جي رياست (State) وجود ۾ آئي، جنهن ميلاپ ۾ سنڌ به شموليت ڪئي، جيئن هينئر به ان جي آهي. پر ان ميلاپ جا ڪي واضح اصول هئا، ڪي متفقه شرط هئا ۽ آهي ڪل-هند مسلم ليگ جي مارچ ١٩٤٠ع واري لاهور ٺهراءَ ۾، ۽ ان کان پوءِ مئي ١٩٤٦ع واري ڪل-هند مسلم ليگ جي آئين ۾ اڄ به موجود آهن. انهن مطابق سنڌ کي، سنڌي ماڻهن کي ۽ ٻين مسلم اڪثريتي علائقن جي ماڻهن کي، پاڪستان جي ان ميلاپ ۾ آٽانامي ۽ ساورينٽي (خود اختيارت ۽ خود ارادیت) جو درجو مليو هو. پر افسوس، جو انهن شرطن ۽ انهن اصولن جو پهرئين ٿي ڏينهن کان جن حلقن کي پاڪستاني رياست جو اقتدار ۽ ان جي حڪومت (Government) جو اختيار منتقل ٿيو،

تن احترام نہ ڪيو، پاڪ هئن، اسلام ۽ پاڪستان جي حوالي سان، حب الوطنيءَ جي مقدس جذبي کي پنهنجن استحصالي ارادن ۽ مستقل مفادن سان موافقت جون معنائون ڏيئي، پنهنجي طرفان آنهن شرطن ۽ اصولن جي خلاف ورزين، وعده شڪنين ۽ ويساهہ گهاتين جي پرده پوشيءَ لاءِ ۽ آن سڄي مجرمانہ عمل جي جواز طور استعمال ڪيو. هو ائين ڪري سهڪيا، آن لاءِ پڻ انهڪ سببن سان گڏ بنيادي طور برطانوي سامراج کان رياستي اقتدار توڙي حڪومتي اختيار جي غير جمهوري منتقلي ۽ آن منتقليءَ جو غير جمهوري طريقو ذميدار هو. هڪ تہ آها منتقلي غير معمولي طور جلد بازيءَ سان عمل ۾ آندي ويئي ۽ آن لاءِ جن جمهوري تقاضائن جي پورائي ۽ انتظامي طور جيڪا گهٽ ۾ گهٽ تياري لازم هئي سا نہ ڪئي ويئي؛ ٻيو تہ سڄو حڪومتي اختيار ۽ پوري اهتمام سان، آهوئي برطانوي بيئڪي حڪومت جي سول (شهري) ۽ ملٽري (فوجي) عاملہ وٽ رهيو ۽ رڳو مٿي چوٽيءَ تي سامراج جي ڪٺ خاص معتبرن ۽ معتمدن جي صورتن جي پاڻ ۾ مٽت سٽت ٿي.

ائين اقتدار ۽ اختيار جي نون نوابن ۽ صاحبلوڪن پاڪستان جي رياستي توڙي حڪومتي مسئلن کي فقط انتظامي ۽ قانون ۽ ضابطي (Law anb Orber) جا مسئلا سمجهيو، ۽ ڪڏهن بہ آنهن کي سياسي مسئلن طور سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ ضروري نہ ڄاتو. ۽ آن سڄيءَ ڌُلغلائيءَ ۽ آرهہ زورائيءَ بلڪ غنڊا گرديءَ جي تهہ ۾ آنهن جي انفرادي ۽ گروهي "بوالهوسي" ٿي لڪل هئي ـــ سڄو وقت هئنن رڳو اسان جا اقتصادي مال اسباب يعني اسان جون زمينون، اسان جا کيت، اسان جا معدني خزانا، اسان جا ساموندي ڪنارا، درياءَ ۽ پيلا، اسان جا ڳوٺ ۽ شهر، اسان جي روزگار جا وَجهہ ۽ وسيلا، اسان جا تهذيبي ورثا ـــ ٻولي، آدب ۽ فن، صحافت، تعليمي ادارا ـــ ۽ وڌي ڳالهہ تہ اسان جي انساني آباديءَ جا انگ اکر بہ پئي تاڙيا آهن ۽ تڳايا آهن، ۽ غصب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ هر وقت پنهنجي ڪُڌهن ۾ نه پرجهندڙ حريص اڪ ۾ رکيا آهن — ايتري قدر جو اڄ اسين آنهيءَ هاڃي جي شعور ۽ خساري جي احساس کي ذهن تي رکي ۽ دل ۾ ڪٿي هاڻ تي مجبور آهيون، جنهن کان قراني سورت العصر هن ڏرتيءَ جي انسانن کي، ۽ پڻ اسان کي، "والعصر إن الانسان لفي خسر" چئي، خبردار ڪيو آهي.

عزيزو، اڄ اسين ان امڪان جي خوف ۾ ورتل آهيون ته اسان جي وجود جو ڇا ٿيندو، تحقيق، اڄ اسين — اسين ڪير؟ اسين آهي جن لاءِ اسان جي ڏاهي سچن شاهه عبداللطيف چيو:

سور ورهايان سرتيون جي ورهايا وڃن،
پيون ڪوه پڇن، جن سندا تن سامهان.

— يعني ته اسين سڀ سنڌ جا ماڻهو، سڀ سنڌي، سڀ آهي جيڪي سنڌ جا قبل از پاڪستان رهواسي آهيون، ۽ پڻ اسان جا نوَ وارد پائر جيڪي پاڪستان ۾ رياست جي اقتدار ۽ حڪومت جي اختيار جي محرمالي، بي شعور، غير ذميدار ۽ غير جمهوري منتقليءَ جا **سدا ۽ فوري** شڪار بڻجي اسان وٽ مهاجر ٿي آيا ۽ اڄ پنهنجي سنڌ کي پنهنجو گهر سمجهن ٿا ۽ آن سان جيئڻ مرڻ جو قول ائن (جيڪو اسان سڀني کي آن سان هئڻ کپي، ۽ سنڌ کان سواءِ ڪٿي به نه، هند، پاڪستان جي اندر ياپاڪستان کان ٻاهر، گهر ڪونه ائن — سي سڀ اسين، تحقيق، اڄ آنهيءَ انتهائي تيز ۽ ڪئور چئلينج جي منهن مقابل آهيون، جنهن جو ڇاٺُ اسان کي اسان جي صاحب ڪتاب، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، آن قرآني سورت "العصر" جي حوالي سان پنهنجي ڪلام انسانيءَ جي سُر ڪلياڻ (بمعني "فتح") ۾ ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته وقت جي ان چئلينج کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ اسان لاءِ سواءِ انقلابي جدوجهد جي ٻيو ڪو در ڪٿ ملڻ ئي نه آهي.

پر ۾ پڇيائون، عشق جي اسباب ڪي،
دارون هن درد جو ڏاڍو ڏسيائون،
آخر والعصر جو اينهين آتائون،
تهان پوءِ آئون سڀڪان ٿي سلام ڪي.

سڀڪين ڪُهه سلام ڪي، ڪرين ڪهه نه سلام،
پيا دَرَ تن حرام، ايءُ درٌ جنين ديکيو.

—”ايءُ دَرُ“ انقلاب جو در، جدوجهد جو در، خود قرباني جو در، ”ليس للانسان الا ما سعي“ جو در: جو ته سنڌي سماج ۾ پاٽي جي سنڌ ۾ آهو ٿي هوندو، جڪو اسين پنهنجي دل ۾ پاڻ رٿيندا سون ۽ پنهنجن هٿن سان پاڻ آڏيندا سون.

تنهن وچ ۾ آءُ شاهه سائينءَ جو ٿي هڪ اهلهه بيت، جو ان سماج جو، ان اسان جي خوابن جي سنڌ جو، سڌ ۾ آهي، اوهان جي آڏو رکندس، ۽ ان تي دل جي حضور سان غور ڪرڻ جي، وري غور ڪرڻ جي، ۽ پڻ ان جي موٽ ڏيڻ جي، اوهان کي دعوت ڏيندس، ۽ اوهان کان اجازت وٺندس — يار زنده صحبت باقي:

”هلو ته هلون ڏٿ ڪي! آٿوا آٿوا ڪن،
پاٽي پونڙين ۾، ڪتندر سير ڪٽلهن،
ڏؤنرا ڏور سُجهن، وَتي وهامي راتڙي.“

تاج جويو

تبصرو

"جيڪڏهن مون کي بهشت ۾ ڪتابن پڙهڻ جي جهلَ هجي، ته مان جهڪو آهو قبول نه ڪريان؛ پر مون کي اهڙو دوزخ آڇيو وڃي، جنهن ۾ ڪتابن ملڻ ۽ پڙهڻ جي مڪمل آزادي هجي، ته جيڪر مان آهو خوشيءَ سان قبول ڪريان- ڇاڪاڻ ته ڪتابن ۾ آها طاقت آهي جو دوزخ کي به بهشت بڻائي سگهن ٿا.'" لوڪمانيه تلڪ.

'تلڪ' جا مٿيان لفظ، **ڪتاب** جي اهميت بابت جامع مفهوم ادا ڪن ٿا. بيشڪ، ڪتابَ دنيا کي دوزخ مان بهشت ۾ بدلائي سگهن ٿا؛ ڪتابَ قومن جو قسمتون بدلائين ٿا، قومن کي غلاميءَ جي ڪُنَ مان ڪڍي، آزاديءَ جي بهشت ۾ پهچائي سگهڻ جي طاقت رکن ٿا. ڪتابن انساني ذهنن ۾ وڏا واڇوڙا، ۽ ملڪن جي حالتن ۾ وڏا ڦيرا ۽ انقلاب آندا آهن. رُوسوءَ جي ڪتاب "سوشل ڪانٽريڪٽ" ۽ والٽيئر جي لکڻين، فرينچ انقلاب لاءِ رستو تيار ڪيو. مارڪس جو "داس ڪئپيٽل" لينن جي هٿان روس ۾ پورهيت - راڄ جي قيام ۽ زار شاهيءَ جي زوال جو سبب بڻيو. عرب جي جٽن ۽ بدُو قوم کي دنيا جي امامت ڪرڻ جي اهل بڻائڻ ۾ "قرآن" جو ئي هٿ هو.

هونئن ته هيءَ سڄي ڪائنات فطرت جو هڪ کُليل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب آهي، پر هڪ لکيل ڪتاب ازلي ۽ ابدي هوندو آهي؛ اَن جو لفظ بلفظ جوابداريءَ سان لکيو ويندو آهي. ها، اها به هڪ حقيقت آهي ته ڪي ڪتاب (تمام ڪي ٿورا ڪتاب) قومن جي شڪست ۽ ذلت جو ڪارڻ به بڻيا آهن؛ جهڙوڪ هٽلر جو "مين ڪئمف". ليڪن، اهڙا ڪتاب تخريبي ذهن جون لکيتون هوندا آهن، ۽ اُهي بدنيتيءَ سان لکيا ويندا آهن. پر سچا ڪتاب، جيڪي نيڪ ارادن ۽ انسانيت جي فائدي ۽ ڀلائيءَ جي خيال کان لکيا ويندا آهن، سي "قومن جي آزاديءَ جا دستور" هوندا آهن؛ ۽ اُنهن جو مطالعو ذهن ۾ چڱائيءَ ۽ سچائيءَ جا جوهر پريندو آهي. سچ ته ڪتاب جهڙو ڪارائتو ۽ سچو ساٿي ٻيو ڪو ٿي ئي نٿو سگهي. ڪتابن مان اسان جدا جدا انسانن ۽ جدا جدا قومن جا ڪارناما، تجربا ۽ عقل ڪم معلوم ڪري سگهون ٿا؛ ۽ انهن مان سبق پرائي، اسان پاڻ کي ۽ پنهنجي عمل کي انسان ذات لاءِ ڦلدائڪ ۽ ڪارائتو بڻائي سگهون ٿا. دنيا جي هڪ وڏي ڏاهي برنارڊشا جو چوڻ آهي ته:

"مون کي ٻه ڀيرا سڄيءَ دنيا جي سير ۽ سفر کان پوءِ اهو احساس ٿيو ته مون اهو سڄو وقت ضايع ڪيو؛ اَن بدران جيڪڏهن ڊبلن جي لئبرريءَ ۾ ويهي ڪم ڪريان ها، ۽ ڪتاب پڙهان ها، ته اُنهن سفرن کان هزارين ڀيرا وڌيڪ علم ۽ تجربو پرايان ها -"

سوال ٿو اُٿي ته هيئن ڇو ٿيو؟ اُن جو سبب ظاهر آهي ته دنيا جي تمام وڏن ماڻهن، پنهنجا تجربا ۽ تجربن مان حاصل ڪيل نتيجا، پنهنجن ڪتابن ۾ لکي ڇڏيا آهن؛ جيڪڏهن رڳو اُنهن جو ئي مطالعو ڪيو وڃي، ته هُوند سڄيءَ دنيا جي سير سفر ڪرڻ مان حاصل ٿيندڙ تجربن، ۽ تجربن مان نڪرندڙ نتيجن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وڏيڪ مواد، ماڻهوءَ کي گهر ويٺي حاصل ٿي سگهي ٿو. ان ڳالهه ڪان ڪو به انڪار ڪري نٿو سگهي ته اڄوڪيءَ دنيا ۾ ڪتبخانا ۽ لئبرريون، انسان لاءِ سچا پچا سکيا-گهر آهن. ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته ”جنهن قوم ڪتبخانا ۽ لئبرريون ڇڏي، هوٽلون ۽ سئنيمائون وسايون، سا قوم تباهه ٿي ويئي.“ ڪتاب دماغ ۽ سينا روشن ڪن ٿا، ۽ انهن ۾ سچ ۽ سونهن جو وکر پڙهن ٿا، ۽ هوٽلون ۽ سئنيمائون ذهني عياشيءَ جا اڏا آهن، ۽ آهي دماغن ۽ دلين جي درين تي اند ۽ بي عقليءَ جا پڙدا چاڙهي ڇڏين ٿيون. اسان، پنهنجي سماج ۽ پنهنجي ملڪ جو جائزو وٺنداسون ته معلوم ٿيندو ته اسان سان به ساڳي حالت آهي. اسان جا ڪتبخانا ۽ لئبرريون تباهه ۽ ويران آهن، ڪتاب سڙي، سڙجي، اڌوئيءَ جو کاڄ ٿي رهيا آهن؛ ۽ اسان جا نوجوان ’هوٽلن ۽ سئنيمائن‘ ۾ پنهنجون دماغي ۽ جسماني صلاحيتون ضايع ڪندا رهن ٿا. ان ڪري، وقت جي وڏي ضرورت آهي ته اسان جا سچا ۽ سچ-پچ ليکڪ، پنهنجن ماڻهن اڳيان، ڪتاب جي اهميت واضح ڪن، ۽ پنهنجن ماڻهن کي ڪتاب پڙهڻ جي هيرَ وجهن؛ ڇو ته ڪتاب ئي سندن مداوا ۽ مسيحا بنجي سگهن ٿا، ڪتاب ئي سندن سچا پچا رهبر ۽ رهنما ٿي سگهن ٿا. اڄ جي اقتداري سياست، اڄ جو کوکلو مذهب، اڄ جا پاروٿا پرچڪيل مڪبل نظريا، ماڻهن ۾ وڏي مونجهاري جو باعث بنجي رهيا آهن، ان جهوڙي ۾ وڏو ڪارڻ به اسان جي بي علمي ۽ ڪتابن ڏانهن اسان جي بي‌ڌياني ئي آهي.

دنيا جي ٻولين ۾ وڏا وڏا ۽ اهم ڪتاب لکيا ويا آهن؛ اهڙيءَ طرح اسان جيءَ ٻوليءَ، سنڌيءَ، ۾ به ڪيترا اهم ۽ وڏا وڏا ڪتاب لکيا ويا آهن، جن جو مطالعو اسان لاءِ تمام ضروري آهي.

اڄ اسان، سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ ياران جنهن ڪتاب بابت تنقيدي بحث ڪري رهيا آهيون، سو آهي: ”شاهه سچل ساسئي“؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو سنڌ جي هڪ مها ليکڪ ۽ برک ڏاهي، سائين محمد ابراهيم جويي لکيو آهي. هيءُ ڪتاب، ٨٢ صفحن جو هڪ مختصر ۽ ننڍڙو ڪتاب آهي، جنهن جي قيمت صرف ڇهه رپيا آهي؛ ۽ ۽ جيڪو ٽن ئي ڪتابن - شاهه جي رسالي، سچل جي ڪلام ۽ ساميءَ جي سلوڪن - جي مطالعي تي مشتمل آهي.

جويي صاحب، اسان کي، اسان جيءَ ٻوليءَ ۾ سدائين پختو، سچو، صحتمند، زندگيءَ جي قدرن جي نمائندگي ڪندڙ ۽ قوم لاءِ ڪارائتو ادب پئي ڏنو آهي؛ پوءِ اهو مضمونن جي صورت ۾ هجي، ترجمي جي شڪل ۾ هجي، يا ڪتاب جي جامي ۾. اهڙيءَ طرح، هيءُ سندس ننڍڙو ڪتاب پڻ آهڙن ئي پختن، صحتمند ۽ سچن بنيادن تي لکيل آهي. هن ڪتاب جو مطالعو اسان کي پنهنجن عظيم شاعرن - شاهه، سچل ۽ ساميءَ - جي عظيم فڪر، سنيهي ۽ سندن دور جي سچيءَ پچيءَ تاريخ جو نقشو پيش ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾ فاضل ليکڪ، ١٦٨٩ع کان ١٨٥٠ع تائين، - يعني شاهه لطيف جي جنم کان ساميءَ جي وفات تائين - آن سڄي دور جو سياسي، مذهبي ۽ تهذيبي پس منظر بيان ڪيو آهي، ۽ ٻڌايو آهي ته هنن عظيم شاعرن جو ڪردار، پنهنجي دور ۾ ڪهڙو رهيو آهي، ۽ انهن قوم جي اڳيان ڪهڙي قسم جو فڪري ادب ۽ ادبي فڪر پيش ڪيو آهي.

اها هڪ حقيقت آهي ته شاهه، سچل ۽ سامي — جن کي جويي صاحب، "سنڌ ۽ سنڌي سماج جي سڃاڻپ جا شاعر" سڏيو آهي - اسان جا عظيم شاعر آهن؛ ۽ سندن لافاني ڪلام جا ڪتاب — جي اسان وٽ شاهه جي رسالي، سچل جي ڪلام ۽ ساميءَ جي سلوڪن جي نالي سان موجود آهن - اسان لاءِ اهڙي ئي حيثيت رکن ٿا، جيڪا مسلمانن لاءِ 'قرآن'، فرينچن لاءِ روسوءَ ۽ والٽيئر جي تخليقن ۽ ڪميونسٽ دنيا لاءِ 'داس ڪيپيٽل' کي حاصل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جن مٿين عظيم شاعرن، خاص ڪري شاهه، جي ڪلام، فڪر ۽ دور جي باري ۾ اسان جن ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن گهڻو ڪجهه لکيو آهي؛ پر سواءِ ڪن ٿورڙن جي ٻين سڀني جو رُخ روحاني لاڙن ڏي لاڙيل ويو آهي، ۽ ڪا پختي ۽ سند جوڳي لکت اسان وٽ موجود ڪانهه آهي: سواءِ ايڇ-ٽي-سورلي جي ”شاهه آف ڀٽ“، مولانا دين محمد وفائيءَ جي ”شاهه جي رسالي جي مطالعي“، جي-ايم سيد جي ”پيغام لطيف“، ۽ تنوير عباسيءَ جي ”شاهه لطيف جي شاعريءَ“ جي، ٻيو ڪو اهڙو ڪتاب اسان دنيا اڳيان پيش ڪري نٿا سگهون، جنهن ۾ شاهه جي دور ۽ شاعريءَ جي صحيح ڇنڊڇاڻ ٿيل هجي. آن ڪري، ضرورت هئي ته جديد دنيا جي تقاضائن ۽ نون تنقيدي لاڙن جي روشنيءَ ۾، مٿين عظيم شاعرن جي شاعريءَ ۽ دور جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي. شاهه اسان جو عظيم شاعر هو، پر سندس عظمت جا ڪارڻ ڪهڙا هئا، هن ڪهڙين ذڪين حالتن ۾ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪيو، هن ڪهڙين ڌرين ۽ ڪهڙن طبقن کي پنهنجي شاعريءَ جو عنوان بنايو، جنهنڪري هن جو وجود اسان لاءِ عظمت جو اهل آهي؟ سچل ۽ سامي، برابر سنڌ جا وڏا شاعر آهن، پر سندن وڏائي ڪهڙين ڳالهين ۾ سمايل آهي، ان ڏس ۾ اسان جن عالمن ۽ اديبن، تمام گهٽ ڌيان ڏنو آهي، پر اڄ ته انئين چوندس ته سوچيو به نه آهي.

جويي صاحب، پنهنجي جاندار قلم ۽ سگهاري سوچ جي ٻيڻي سنگم سان، ان ڏس ۾ جرئتمنداڻو قدم کڻي، تحقيق جس جوڳو ڪم ڪيو آهي. هن اسان کي ٻڌايو آهي ته شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي وڏائي ان ۾ آهي ته هُو اسان جي ”قومي سچائيءَ جا شاعر“ آهن؛ هنن بحراني دور ۾ جنم وٺي، پنهنجي پنهنجي سگهاريءَ شاعريءَ ۽ فڪر وسيلي، قومي ٻوليءَ ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ جو اهم ۽ ڏکيو ڪم ڪيو. هنن اهو ڪم اهڙي دور ۾ ڪيو، جڏهن مذهب ۽ رياست (سياست)، مُلن ۽ حاڪمن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اثر هيٺ هئي؛ ۽ سنڌ ن اتحادِ سنڌي تهذيب کي نقصان پئي رسايو. شاهه، سچل ۽ ساميءَ جو جنم، وقت جو وڏو انقلاب هو.

هن ڪتاب جي وڏي ۾ وڏي سُٺائي اها آهي ته فاضل مصنف، اسان جي عظيم شاعرن جي شاعريءَ جو مطالعو اُن دور جي سماجي، مذهبي ۽ تهذيبي پس منظر ۾ ڪيو آهي – جيڪو طريقو جديد دنيا جو مڃيل تنقيدي طريقو آهي. جويي صاحب، هن ڪتاب ۾ ٻڌايو آهي ته 'مذهب، رياست ۽ تهذيب' انساني سماج جي تنظيم جا ٽي لازمي ۽ بنيادي شعبا آهن – ' (ص ١٨). "انسان، اڻ ڏٺي جي خوف، ٻئي انسان جي خوف، ۽ خود پنهنجي اندر جي حيوان جي خوف کان، هڪ وڏو بچاءُ-گهر يعني سماج ٺاهي ٿو ۽ مٿين ٽنهي خوفن جي بچاءَ لاءِ وري، مذهب، رياست ۽ تهذيب جا ٽي خول ٺاهي ٿو. اڳتي هلي، مذهب ۽ رياست، ڪن مستقل مفادن – حاڪمن ۽ مان – جي ور چڙهي وڃن ٿا، ۽ آهي بئي قوتون ستثل" ڪري، انساني آزاديءَ تي بند وجهن ٿا. مذهب ۽ رياست جو اهو سنگم، "ذهني هوڏ ۽ اقتدار جي آپيشاهيءَ" کي جنم ڏئي ٿو، ۽ اُن ۾ طاقت سڙي جُڙي، "حاڪم ۽ مُلي" جي صورت ۾ هڪ هنڌ وچي جمع ٿئي ٿي.' (ص ٢٢). اڳتي هلي اهو گهُجوڙ، انسانن ۾ طبقاتي ويڇا پيدا ڪندو آهي، ۽ وڏا بحران جنم وٺندا آهن. جڏهن مذهب ۽ رياست جو تشدد ۽ تنگ نظري، سماجي بحرانن جي صورت وٺندا آهن، تڏهن عقل ۽ امنگ جهڙيون متحرڪ قوتون، ايمان ۽ طاقت جي جامد قوت خلاف جنگ جوٽينديون آهن. پوءِ، 'حساس ذهنن ۾ بهشت جو خواب جلوه گر ٿئي ٿو ۽ عام ماڻهو بيزاريءَ ۽ انتقام جي جوش ۾ اچن ٿا، ۽ پوءِ ڪنهن زوردار ڌماڪي يا باهه جي ڀڙڪي کي روڪڻ ڏاڍو مشڪل ٿئي ٿو.' (ص ٢٣).

جويي صاحب، اُن مُدي ۾ وڌيڪ ڏسيو آهي ته 'بُحران حالتن جي ڪايا پلٽ لاءِ فطرت جا وسيلا هوندا آهن، ۽ بحرانن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٿي قومن جي قسمت جا بنيادي سوال آڻيندا آهن .... بحرانن ۾ ڪيترائي بيجان ۽ فضول ادارا ختم ٿي وڃن ٿا .... ڪنهن بحراني دور جو ڪو هنگامو يا حادثو حساس ذهنن کي نقصان ڪو نه ٿو پهچائي سگهي .... حساس ذهن جا مالڪ، طاقتور ۽ جاندار مفڪر، شاعر ۽ فنڪار خطري جي فضا کي سڃاڻن ٿا سمجهن .... وڏن ۽ ڏکدائڪ تجربن ۾ ذهن پختا ٿين ٿا. — برخلاف آن جي، مڪمل سانت واري ماحول ۾ تخليقي ذهنن کي ذاتي زندگيءَ جا فساد ۽ سک، ڪوريئڙي جي ڄار وانگر، ويڙهي نستو ڪري ڇڏين ٿا .... ٿلهيءَ ۽ بي فيض لياقت وارا ماڻهو وڏي اڳيان اچن ٿا ۽ آهن لاءِ فن، فڪر ۽ ادب رڳو هڪ تجارت يا سوداگري ٿي پون ٿا .... بحراني صورتحال ۾ اهڙا هلڪا ۽ ننڍا ماڻهو بهرحال ڪک پن ٿي ويندا آهن، (ص ٢٤). بحرانن ۾ يگانا ذات ڏٺي ۽ عظيم شخص ئي مثل زندگيءَ ۾ جان وجهندڙ تحريڪن جا مرڪز، محرڪ ۽ واضح نشان يا اظهار ٿي اڀرندا آهن؛ (ص ٢٥).

جوڻي صاحب، متيءَ ڪسوٽيءَ جي بنياد تي ثابت ڪيو آهي ته 'شاهه، سچل ۽ سامي، سنڌي سماج جي هڪ وڏي بحراني دور جي پيداوار آهن. هي ذهني دنيا جا عظيم تخليقڪار آهن .... ۽ هو سنڌي سماج جي نئين جنم جا نقيب آهن.' (ص ٢٥)

هن ڪتاب مان اسان کي خبر پوي ٿي ته هنن ٽنهي ذري گهٽ سهيوڳي شاعرن، مذهب ۽ سياست جي سنگم واري بحراني دور ۾ جنم ورتو هو. شاهه جي زماني تي مذهبي ۽ سياسي طرح اورنگزيبي سياست ۽ ڪٽر مذهبي تعصب جو اثر هو. شاهه جي اڳيان ڏاڍين صديءَ جي اڌ کان سورهين صديءَ جي شروع تائين ذري گهٽ ست سؤ سالہ 'آزاد سنڌ' جي تاريخ (٥٠٠ سال سومرن جي دور، ۽ ٢٠٠ سال سمن جي دور) جو تصور به موجود هو؛ جنهن دور مان ئي سنڌ جا سمورا تاريخي ۽ نيم تاريخي قصا، عشقيا داستان، لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ سورما ۽ لوڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽ وابسته هئا ـــ ڳڌوڳڌ شاهه جي ماڻهون ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي ٻه سو سالہ غلام سنڌ جو نقشو به موجود هو؛ سنڌ ۽ سنڌي سماج جي انهن ٻن سؤ سالن جي غلاميءَ جا پويان ٤٧ سال شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي اکين پاڻ به ڏٺا (ص ٥٠). ان کان سواءِ، آدم شاه ڪلهوڙي جي شهادتَ، ميان شاهل محمد جي مغل حڪمرانن سان وطن خاطر وڙهندي شهيد ٿيڻ جو واقعو، ميان نصير محمد جا طويل قيد و بندَ، ميان دين محمد ۽ سائين جي شهادتَ، يار محمد ڪلهوڙي جون اورنگزيب جي پٽ معزالدين سان ڪاڏل چڪريون، جهوڪَ جي سانحي ۽ نادر جي حملي جا دردناڪ واقعا ۽ ڊراما به شاهه جي نظر ۾ هئا. ڳڌوڳڌ، مٺاڻي محمد هاشم ٺٽويءَ ۽ سنڌس ساٿوڙي تعصبي عالمن جون فتوائون ۽ غير مسلمانن سان تعديون به ڏسندو رهيو. انهن سڀني رياستي ۽ مذهبي ڏاڍاين ۽ بحرانن جي ڄاڻ ۽ مشاهدي، شاهه لطيف جي طبيعت ۾ بغاوت ۽ انقلاب جا جذبا پيدا ڪري وڌا هئا. اهڙيءَ طرح، لاهي سڀ ۽ ان کان پوءِ ٿيندڙ واقعا، سچل ۽ ساميءَ جي ذهن تي پڻ اثر انداز ٿيندا رهيا. جهوڪ جي اندوهناڪ معرڪي وقت شاهه صاحب ٢٨ ورهين جو هو ۽ نادر جي حملي وقت سندن عمر ٥ ورهيه هئي؛ جڏهن ته نادر جي حملي وقت سچل سائين ١١ ورهين جو ۽ سامي ڏهن ورهين جو هو. ان ڪري، اهو فطري امر هو ته مٿين ٽنهي عظيم شاعرن جي شاعري، مٿين سمورن واقعن ۽ بحرانن کان متاثر ٿي هئي؛ ۽ ان پس منظر ۾ رچي وئي هئي. جويي صاحب، ان حقيقت کي کولي، اسان جي اڳيان بيان ڪيو آهي؛ ۽ ٻڌايو آهي ته انهن بحرانن جي شدت ئي اصل ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ کي پچائي، رچائي رڱو ڪيو؛ ۽ اهي ئي حالتون سندن سچي پچي عظمت جو ڪارڻ آهن، جو هنن ان بحراني دور ۾ قومي ايڪي ۽ ٻوليءَ جي ست رکيا. جو سبق ڏنو.

جويي صاحب جي هن ڪتاب جي ٻي هڪ خوبي، تاريخ جي ادائگيءَ ۽ بيان جو انداز آهي، جو انتهائي نئون ۽ نرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالتن سان ٺهڪندڙ آهي. هن ٻڌايو آهي تہ: 'مغل سامراج کان سنڌ آزاد ڪرائڻ واريءَ تحريڪ جو اتر سنڌ ۾ مرڪز ڪلهوڙا هئا، ۽ اُن تحريڪ جو پهو دائرو ڏکڻ سنڌ (لاڙ) ۾ جهوڪ جو علائقو هو، جنهن جا روح روان جهوڪ جا بزرگ هئا. اورنگزيب جي وفات بعد ڪلهوڙن آزاد سنڌ جي قيام لاءِ جدوجهد ڪئي، ان سلسلي ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي جون اورنگزيب جي پٽ معزالدين سان ڇڪريون قابل ذڪر آهن، جنهن سنڌ جو وڏو حصو مغل تسلط کان آزاد ڪرائي ورتو هو، پر بدقسمتي تہ ڏسو، آهو ئي ميان يار محمد ڪلهوڙو، جنهن ـــ مغلن کان سيوهڻ، بکر ۽ سبوي آزاد ڪرايا ـــ پنهنجي عظيم قومي مقصد يعني سنڌ جي قومي اتحاد ۽ قومي رياست جي قيام کي وساري، پان سنڌ جي معصوم شهيد شاه عنايت جي شهادت ۾ آنهن ساڳين سنڌ جي خون پياڪ مغل دشمنن جو حامي ٿي بيٺو!' (ص ٥٦).

جهوڪ جو واقعو ١٧١٨ع ۾ ٿيو، ۽ مغلن سنڌ مان آخري طرح نپٽر، ١٧٣٧ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ پَڌا. ان تي تبصرو ڪندي جويو صاحب لکي ٿو تہ: 'رڳو ڪلهوڙا جيڪڏهن ويهہ سال اڳ اها سياسي غلطي (يعني شاه عنايت جي شهادت) نہ ڪن ها، ۽ ٺٽي جي "نوابي" لاءِ مغلن تي نہ ير آتر سنڌ وانگر "ملڪ ٺٽي" (ڏکڻ سنڌ) جي نجات لاءِ پاڻ ئي جهڙي درويش مجاهد، صوفي شاه عنايت شهيد ۽ هُن جي "فقيرن" تي ڀروسو رکن ها، تہ سنڌ جي اتحاد ۽ آزاديءَ جو سنڌن خواب ويهہ سال اڳ عمل ۾ اچي ها، ۽ آهن ويهن سالن جي عرصي ۾ ڪين پنهنجي وطن کي خوشحال ۽ مضبوط ڪرڻ جو سونهري موقعو بہ ملي وڃي ها. نہ شڪست کاڌل محمد شاهہ رنگيلي کي سنڌ نادر شاهہ جي حوالي ڪرڻ جو سبب رهي ها ۽ نہ خود نادر شاهہ کي ٿي موت کائي، سنڌ تي حملي ڪرڻ جو ايترو سولو ميٺهُن ۽ ايتري جهٽ پٽ کا همت ٿئي ها. (ص ٨٩)'

مٿي جويي صاحب بيان ڪيو آهي تہ جيڪڏهن ڪلهوڙا

شاهه عنايت جي شهادت جي غلطي ام ڪن ها ته سنڌ ويهه سال
اڳ آزادي ماڻي ها. اهو تجزيو، اهو تاريخ لکڻ جو انداز، نئون
۽ جديد آهي. انهن خوبين، جويي صاحب جي لکيت کي وڌيڪ
وزندار بنايو آهي. هن صاحب، پنهنجي تجزيي موجب، سنڌين جي
شڪست لاءِ ”سنڌي سماج جي اندروني نفاق“ کي جوابدار ٺهرايو
آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته سنڌين جنگ جي ميدان تي ڪڏهن
به نه هارايو آهي، پر سندن هار جو سبب هر هميشه پنهنجو
اندروني نفاق ئي رهيو آهي. ‘تاريخ شاهد آهي ته اهو ساڳيو
نادر هو ۽ اها ساڳي سندس فوج هئي، جو هڪ سال اڳ،
١٧٣٩ع ۾، هو قنڌار جي فتح کان پوءِ بولان جي دري جي
رستي هندستان تي حملي ڪرڻ جو سوچي رهيو هو، پر ان
رستي سان سيوي ۽ گنجابي جي حاڪم ميان نور محمد کي مقابلي
لاءِ تيار بيٺل ڏسي، هن بولان دري جو رستو ڇڏي، غزنيءَ،
ڪابل ۽ خيبر جي دري جو رستو اختيار ڪيو.’ (ص ٦٠).

نادر ١٧٣٩ع ۾ سنڌ تي حملو ڪرڻ جو ست ساري نه سگهيو
هو، پر ساڳئي سال جي آخر ۾ ڪلهوڙن ۽ سندن ئي خاندان
جي ٽڪ داؤدپوٽن ۾ جڏهن ٽڪر ٿيو، ته امير محمد صادق
خان داؤدپوٽي نادر شاهه کي هر قسم جي مدد جي آڇ ڪئي؛
۽ هن سنڌ تي حملو ڪري، سنڌ جي وحدت ڀاڱا ڀاڱا ڪري
ڇڏي، ۽ سنڌ جي ملڪيت ڀاري ڪٺي ويو. انهن حالتن لاءِ
سنڌين جي اندروني نفاق کي ئي جوابدار چئي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب ۾ جويي صاحب، شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي
جي شاعريءَ تي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته ‘شاهه، سچل ۽ ساميءَ
جي اعليٰ شاعري پنهنجي سچ، نيڪيءَ ۽ ڪمال حسن سان سنڌي
ٻوليءَ ۾ محفوظ آهي، ۽ سنڌي ٻولي سندن انهيءَ ذڪر ۽ فن
جي قوت سان اڄ سنڌي ماڻهن جي اجتماعي وجود ۽ آن جي
اتحاد ۽ بقا جو نشان ۽ آن جي ٻيڙهه جي ضمانت آهي، (ص ٧٨)
گڏوگڏ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي دور واريءَ سنڌ جو نقش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيندي، جويي صاحب اُن سنڌ لاءِ سنڌن شعر ڪي سنڌن هڪ تصورَ ۽ هڪ خواب جو عڪس سڏيو آهي، جو ’شاهه جي حساس ذهن ۾ سنڌ ۽ سنڌي سماج جي غلاميءَ جي جهنم جي خلاف ڪنهن پُر بهار ۽ روح پرور مسرت جي بهشت جي خواب جيئن جلوه گر ٿيو هو— سنڌ جي سياستَ، سنڌ جي مذهبَ ۽ سنڌ جي تهذيب ڪي پنهنجو سڏڻ ۽ انهن ۾ پنهنجائپ جي ڏسڻ جو خواب،‘ (ص ٥٥) شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي نظر ۾ نئين انسان ۽ نئين سنڌ جو ڪهڙو تصور هو، ان جو ذڪر جويي صاحب اجهو هيئن ڪيو آهي:

’هنن سنڌي سماج جي اڏر نئين انسان جو تصور پيش ڪيو. هنن سنڌي سماج کي نئين اجتماعي وحدت جي شعور کان واقف ڪيو ۽ اُن لاءِ ڪئين عملي راهه ڏيکاري — قومي تهذيب قومي مذهب ۽ قومي سياست جي راهه، مشترڪ مفاد ۽ باهمي تعاون جي راهه، محبت، رواداريءَ ۽ اتحاد جي راهه، عمل ۽ قربانيءَ جي راهه. هنن جي سامهون سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آزاد، باوقار، بامقصد ۽ خوشحال وجود جو خواب هو، ۽ هنن وٽ اُن خواب جي تڪميل جو رستو به هو — پيار ۽ ويچي ڪي هٿائڻ جو، پنهنجن ڪي پنهنجو ڪرڻ جو، ڀڏيءَ ۽ ايڪتا جو، سچ، نيڪيءَ ۽ سونهن ڪي پاڻ اَرپڻ ۽ انهن تان پاڻ نڇاور ڪرڻ جو، سچي ماڻهپي جو، ماڻهوءَ جي مريادا ۽ مانَ ۽ ماڻهوءَ جي شيوا ۽ پيار جو، انساني تهذيب جي عروج ۾ پنهنجي حصي جي فرض ادا ڪرڻ جو، عالمي امن، اتحاد ۽ ترقيءَ جي جدوجهد ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جو.‘ (ص ٨١)

مطلب ته هيءُ ڪتاب، سڀني پڙهڻ پوري، مڪمل ۽ مستند ڪتاب آهي. پر ايڏن گڻن ۽ ڪامل معلومات جي ڀنڊار هئڻ جي باوجود، هن ڪتاب ۾ هڪ ڳالهه جي مون ڪي ڪرت ڏسڻ ۾ آئي آهي، جيتوڻيڪ اُن ڪرت جي پورائيءَ لاءِ مختصر خاڪو به ڏنو ويو آهي: آها ڪرت آهي، سچل، ساميءَ ۽ جي دور

جو اُپورو نقشو، ڪتاب ۾ جيئن شاهه جي دور ۾ آن ڪان اڳ جي دور جي مڪمل چنڊ ڇاڻ پيش ڪري، تاريخ جو مڪمل رُخ پيش ڪيو ويو آهي، اهڙيءَ طرح سچل ۽ ساميءَ جي دور، يعني ڪلهوڙن جي آخري دور (غلام شاهه جي دور)، ٽالپرن جي سڄي دور ۽ انگريزن جي اوائلي دور (جڏهن سامي زنده هو (١٨٥٠ع تائينءَ) جو تذڪرو به مفصل اچي ڳهريو هو. بهرحال، ان ننڍڙيءَ ڪوت ڪان سواءِ، ڪتاب ’شاهه – سچل – سامي‘ هن دور جو هڪ بهترين معلوماتي ڪتاب آهي، ۽ انهن ٽنهي عظيم شاعرن جي شاعريءَ ۽ دور تي هڪ مستند نسخو آهي، جنهن جو مطالعو هر سنڌيءَ لاءِ انتهائي ضروري آهي.

[سنڌي ادبي سنگت، سڪرنڊ پاران ١٩٨٦ع ۾ ڪتاب ”شاهه – سچل – سامي“ تي ٿيل تنقيدي ڪچهريءَ ۾ پڙهيل مقالو.]

—o—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

SINDH AND THE MESSAGE OF SHAH

[Read on the occasion of the unveiling of the Portrait of Shah Abdul Latif Bhitai at Pir Hussamuddin Shah Rashdi Auditorium, Institute of Sindhology, University of Sindh -- 29th April, 1984]

The portrait of Latif (1639-1752) the soul of Sindh, its life-breath, the poet-universal, created by Muhammed Ali, is a unique work of Art. A great amount of study and research, a devoted purpose and reflection, must have gone in the creation of this portrait It is a serious portrait by a competent artist, done with an artistic simplicity and complexity and artistic integration almost beyond words.

In the portrature of Latif's envisioned physiognomy and enduring personality thus, and with the study of his character with such a significant insight, the artist has captured an immortal moment in the cultural history of Sindh. The work depicts Latif as a human being pre-occupied with his life and destiny as affected by his physical, social and spiritual environment. Here before us in this portrait sits Latif, the rebel, the individual, and the saint, reflecting upon the fate of human solitude, longing disconsolately yet perennially, for that which could be genuinely good for man, which could even be universal and abiding. A unique individuality

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

of a human event in life's ceaselessly unravelling story of Sindh and its people has thus been depicted and exemplified by Muhammad Ali, our young and visionary artist, in this matchless portrait of Shah Abdul Latif, the guardian spirit of Sindh and the most unfailing and wakefull friend and guide of its people.

The creation of this portrait of Hazrat Shah Abdul Latif Bhitai is therefore, in itself, destined to be an immaculate and unfading mark of pride and honour in the ever-developing and self-enriching life and culture of Sindh and of the people of this ever felicitous land of Sindhu -- whom the poet himself has idealized in the following ringing words.

نڪا جهلَ نه پتل، لڪو راڙُ ڏيهه ۾،
آڻهو وجهن آهرين روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ آسل مليرون مترڪيو.

This could read in English thus:

''No restrictions, no restraints, and
no impositions in the Land either,
''Freely they bring home red, beautiful flowers-
arm - fuls of them,
''Priceless people they, proud of their Land,
and the Land proud of them''.

Latif, thus, visualised almost a utopian future, a bliss-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ful future, for both his Land and his people,

Indeed, Sindh, during Latif's times, was awakening to a sense of nationhood and had to struggle for recognition and national self-expression. Nearly two and a quarter centuries (1520-1736) of foreign rule and tyranny of the savage Mangols — the Arghuns and Tarkhans, and the Mughals (who no doubt were all Muslims), was just ending after a prolonged night of darkness and suffering, and the incessant flow of blood of her children was coming to a stop, while Sindh attained freedom and unity and her people their independence and sovereignty.

Latif's "Risalo", which means his "Message", represents that quest of Sindh's freedom and urge for national identity and self - expression. Latif's was an exhortation to the people of Sindh for self-assertion and self-discovery as a people. Latif's Risalo is, therefore, more a national classic than a religious or philosophic treatise. It is set forth as a tradition which emerged from the natioual life of Sindh, rooted in particular in the two of her most glorious periods of history — the Soomras and the Sammas· covering nearly seven centuries (from mid - Ninth Century to 1520 A.D), the great formative periods of her socio-cultural identity.

Latif's poetry has its literary excellence and sufistic credo beyond measure and description, and it has its artistry and methodicalness too. But, above all, it is a source of strength for the people of Sindh, for It also marks the full extent and maturity of their language ss an emblazoning saga of their life and spirit through the ages.

In this Auditorium, while reading a paper on the life

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

and work of Hussamuddin Shah Rashdi earlier in the month, I had said that languages were miracles of nature and some entirely unique phenomena of human history. Emergence of a language ipso-facto meant emergence of a people, a socio-cultural collective, a centre of power and authority. And then when time came for God too, or for some godly voice, to speak to a people in their language, they, from that point of time onwards simply did not accept living as a second class people or as a nation less-equal among nations. Poland and Ireland were the modern history's two most remarkable instances of this kind, and if any instance nearer at hand was needed, that two enacted itself recently right in the midst of us and before our very eyes.

Latif, thus, has provided us with a haven, a refuge, and a vitalism, which resurrect peoples and nations to life and save them in times of the wildest of crisis -- the haven being the language and the vitalism being the message. Let us therefore take to the haven and hold fast and pay our heed to the message: the linguistic bond of support and unity, and equality among nations, the identity and peace-ableness, in the interests of justice and common good of all.

Says Latif:

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪارَ!
دوست مٺا دلدار عالمَ سڀ آباد ڪرين!

"Oh God, let Sindh prosper!
"Oh Gracious Friend, let nations prosper!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جان تون ساقي آهين، تان وٽي وچ م وجهه،
جــــُود تنهنجو جڳرا، آهي ٿانــــي سـجـ،
نينهن پيالو نـــجـ، ڪاس ڏج ڏُٻين کي.

"So long you are the cup-bearer,
Let the cup not be intercepted and held up,
"Your distribution, Oh master of the tavern!
is like that of the Sun,
"Take the cup of love and give it particularly
to those deprived and weak".

If we, even today, respond to this godly message of "equality among nations" and "avoidance of all interceptions", ensuring free flow of "the cup of love and sustenance" among all, in the interests of peace, justice and common good, we shall be redeemed and saved -- not after death, but evern during death -- we, that is, not only we in Sindh and others in Pakistan, but all the peoples and nations of the world, threatened by Imprerialisms -- national and foreign --, and the whole of mankind, threatened by what a Sunday Magazine, the Miami Herald's columnist, Gene Weingarten, has termed "the most terrible technology of all", the thermo-nuclear technology. Latif's Risalo, which, again I say, means his "Message", can indeed work like what the columnist has termed "the lever inside the coffin' to enable us all, if we are not already dead, to open the coffin's lid and tear apart the shroud and get out. And it also is, again in the columnist's terms, "the breathing aperure" inside the coffin, so that we would not suffocate before operating the lever or tearing the shroud open to regain our access ro free air and our chance and our right to survival.

Let us, therefore, on our part at least, remember always

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

that Sindhi, our mother tongue, the language in which the godly voice of Latif has been heard by us, is the "lever" and his call and exhortation to us for self-assessmenl and self-realization as a people, is our "breathing aperture". Let us then unite in our devotion to our land and our language, and finding strength in unity, struggle for equality among nations and for a state of bliss on earth sans interceptions of all kinds, providing love and sustenance in just and equal measure to all. This is the very least we can do as our homage to Latif, our wise teacher and loving friend.

Says he to us:

سُتا اُٿي جاڳُ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نہ ملي.

"Oh you who are asleep, rise!
sleep so long and entire will not do;
"The fruit and felicity of sovereign life
none has enjoyed while sleeping."

Let us then heed Latif's wise message and hitch our wagon to the star, and sprint along.

The creation of this marvellous portrait of Hazrat Shah Abdul Latif Bhitai by our inspired artist Mohammed Ali, will keep us reminded of our duty to keep awake and maintain the vigil expected of us on the path to touch the stars.

We should be sincerely thankful to Muhammed Ali,

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

our young artist, for creating and putting tnis yet one more alarm - clock for us on time, here in the Institute of Sindhology, University of Sindh.

May we never forget that Latif, the soul of Sindh, its life breath, the universal poet, and yet our own poet, is sitting here in the gallary of our great national heroes, thinking of us and meditating on our fate, and watchiug us as to what we are doing about it.

جيئي لطيف!
جيئي لطيف جي سنڌ!
جيئي لطيف جو سنڌي عوام!

Let Latif live !
Let Latif's Sindh live !
Let Latif's Sindhi People live !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري جا ايندڙ ڪتاب

١- منهنجي ڪهاڻي	جواهر لال نهرو
٢- مٽيءَ هاڻا ماڻهو	فرانز فينن / عبدالواحد آريسر
٣- قومي آزادي جا انقلاب ۽ عورت	آزاد قاضي
٤- ليڪچر - انٽرويو - تقريرون	سوڀو گيان چنداڻي
٥- ماءُ (مڪمل)	مڪسم گورڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڄ ۾ قطاران، سات ڇڙهندو لڪئين

[شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ طرفان ۳۱- مارچ ۱۹۸۵ع تي ڪراچي ۾ ڪوٺيل سيمينار ۾، "شاهه ۽ نوجوان" جي موضوع تي پڙهيل صدارتي تقرير.]

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ـــ سنڌ جو ساهه، سنڌ جو روح، عالمي شاعر: سنڌي ٻوليءَ کي سندن فڪر ۽ فن جي اظهار جي ذريعي جو شرف نصيب ٿيو. سنڌي قوم قدرت جي اِن سعادت بخشيءَ تي به اوترو ئي فخر ڪري ٿي ۽ سندس احسان مڃي ٿي جيترو پنهنجي وطن پاڪ، سرزمين سنڌ، جي مرحمت نِعمت ٿي.

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالمَ سڀ آباد ڪرين!

هِن دعائيه آيت ۾ حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه لفظ 'عالم'، جي واحد جي صيغي ۾ آندو آهي، ته به اُن عالم، بمعني 'دنيا'، ۾ سنڌ کي هڪ" مستقل وطن سڏيو اٿن، ۽ جڳهن جمع جي صيغي ۾ ڪم آندو اٿن، تہ به ڌرتيءَ تي جيئن ٻيا ارضياتي انساني عالم، جيئن ترڪيءَ جو عالم" افغانستان جو عالم"، چين جو عالم"، دکن، جيسلمير، ڪڇ، ڪاٺياواڙ وغيره وغيره جا عالم يا دنيائون، تيئن پنهنجي وطن سنڌ کي به هڪ قائم بالذات، مستقل عالم" يا دنيا چيو اٿن ـــ

سونٽي مانڊائن جيي، واري ڪيائين وار،
وڃون وسڻ آئيون، ڦيڳيءَ پت ڇوڏار،
کي آئيون استنبول تي، ڪن مڇيا مغرب پار،
کي چمڪن چين ني، کي لهن سمرقند سار،
کي رمي ويئون روم تي، کي ڪابل ـ کي قنڌار،
کي دهلي، کي دکن، کي گڙن مٿي گرنار،

ڪن ڄڻبي ڄيسلمير تان، ڏنا ٻيڪانير ٻڪارَ،
ڪٿهين پُڄ پڄائيو، ڪٿهين ڏَٽ مٿي ڍارَ،
ڪٿهين اڇي عمرڪوٽ تان، وسايا ولهارَ،
سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪارَ،
دوست مٺا دلدارَ، عالمَ سڀ آباد ڪرين!

حضرت شاهه سائينءَ جن پنهنجي رسالي ۾ („رسالو" يعني „پيغام") سارنگ جو هيءُ سُرود تخليق ڪري، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي قدرتي نعمتن ۽ تهذيبي فضيلتن کي روشن ڪيو آهي—

مُند ٿيي منڊل وڄيا، ڪيي اوهرن اوڪَ،
ڇاڇر ٿي ڇٽن ۾، مينهڙون ڇرن سوڪَ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پويو پائين طوقَ،
ميها، ڇيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سيڻي ٿوڪَ،
لتا مٺان لوڪَ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

—

موٽي مانڊاڻن جي، پَري ڪمائين پيچَ،
وڄون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيجَ،
ٿوريون تنهن نوازيون، ڏيئي ڏوٿا ڏيجَ،
پَجَ ڪٿي پٽ هليا، هاري منجهان هيجَ،
راضي منجهان ريجَ، عالمُ سڀ آباد ٿيو.

—

موٽي مانڊاڻن جي، جُڙي ڪمائين جرڙَ،
وڄون وسڻ آئيون، ٻَڌ ٻَڌ ڪري ٻوڙَ،
آئن جا عالمَ ۾ ڪَڙن اندر ڪوڙَ،
سارنگ لاٿي سوڙَ، ساندهه سُهائو ٿيو.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوني ماندائن جا، ٻڙي ڪيائون ٻرُ،
وڇون وسڻ آهون، ڪوڏان ڪٺي ڪرَ،
مينهون پاٺمراديون، تڏا ڇرن ترَ،
ساري اڇو سامهون، ڏين سنجهي ڪهر سڄرَ،
ماڻ والديتن ورَ، پريون پرچڻ جون ڪهون.

—

حڪم ٿيو بادل کي ته سارنگ ساٿ ڪجن،
وڇون وسڻ آئيون، نهه نهه مينهن ٿيمن،
جن متهنگي لٿه ميڙيو، سي ڏا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، ائين ڏا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهه مان شتل موذي سڀ مرن،
وري وڏيءَ ڏس جون ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چوري سين، آهه توهه تنهن جي آسرو.

شاهه سائينءَ هن سرود ۾، جنهن کي آءٌ وطن لاءِ سندن قصيدو سمجهان ٿو، سنڌ کي سنڌ سڏيو، سنڌڙي سڏيو ۽ جُوءِ، ٻُون، سائيهه، ڏيهه، وطن ۽ مُلڪ سڏيو. ۽ ان ۾ پاڻ سنڌي قوم کي، خاص طرح آن جي عوام کي، وڏي پيار ۽ ڏاڍي پاٻوهه مان، پنهنجا سانگي، سڄڻ، سنگهارَ، ولهارَ ۽ لوڪ سڏيو اٿن، ۽ آنهن لاءِ ورائي ورائي پنهنجي سڪ ۽ سنيهه جو اظهار ڪيو اٿن ۽ دعائون گهريون اٿن—

– وطن وسائيج تـه سنگهارن سڪ ٿئي!
– آءٌ اسائتي آهيان، مانَ ٻيجائي ٻڌون!
– سپاجهي ستارَ، لاٿا ڏرت ڏيهه تان.
– ڪينوري خراسان، سڪيب وسايئون سنڌڙي.
– قادر ڪر ڪرم، ته وطن ۾ وسَ ٿئي!
– سائينم، سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪارَ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، اهڙي پنهنجي ۾ ڳالهه ڪري وطن ۽ اهڙن پنهنجن سياڻن لوڪن لاءِ اسان جي دل ۾ حب ۽ دوستيءَ جي اظهار ۾ شڪ ڪندي، بلڪ آن لاءِ اسان کي لنديندي، ۽ اسان تي ڪيئي الزام هڻندي، ڪن اسان جي ڪرم فرمائن پنهنجي برتر وفادارين ۽ ايمانداريءَ جون دعوائون ڪيون، ۽ اسان کي اسان جو شاهه سيڪارڻ چاهيو ۽ چيو ته شاهه جو سرود مارگ سنڌ جو قصيدو نه، سنڌي ماڻهن جي سڪتي، سڪار ۽ سلامتيءَ جي خواب جو اظهار نه پر سنڌ ۾ اسلام جي آمد جو علامتي اظهار هو — جڻ اِهي ٻه ڳالهيون پاڻ ۾ ڏريائين ناموافق يا متضاد هيون! جڻ دين اسلام جي اختيار ڪرڻ سان عربستان، ترڪي، مصر، ايران يا ٻيا ملڪ ملڪ نه رهيا هئا ۽ آتان جون عرب، ترڪ، مصري، ايراني ۽ ٻيون مسلمان قومون قومون نه رهيون هيون، ۽ آهي پنهنجي پنهنجي وطن کي ۽ پنهنجن پنهنجن لوڪن کي پيار ڪرڻ ۽ آنهن جي دفاع ڪرڻ جي حق کان محروم ٿي ويون هيون، يا آنهن جي ڪنهن شاعر يا آن جي خاص ۽ عام پڙهندڙن کي پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ ۽ قومي اتحاد ۽ خوشحاليءَ جي چاهنا رکڻ ۽ خواب لهڻ جو ضرور ٿي نه رهيو هو! ۽ جي هُنن اهڙا خواب لڌا ٿي، ته آهي پاهريان، جيڪي اسلام جو نالو کڻي وٺن آيا هئا يا اُئين مٿن حاڪم بڻيا هئا، تن کي حق هو ته هُنن تي اسلام دشمنيءَ ۽ غداري جا لقب لائين ۽ پاڻ کان گهٽ درجي جو آدم سمجهن، جن جي ملڪ يا زمين ۾ نه سنڌن دلچسپي هجي، پر جن جي ماڻهن ۾ سنڌن ڪا دلچسپي نه هجي!

حضرت شاهه عبداللطيف سنڌ جو شاعر هو، سنڌي ٻوليءَ جو شاعر هو، جنهن جو پنهنجي وطن ۽ ماڻهن سان ازلي سٻنڌ هو ۽ آنهن لاءِ هُن جي من ۾ آئيندي جو هڪ خواب، موجود هو — آزاديءَ جو خواب، طويل ۽ لاڳيتيءَ غلاميءَ جي تاريڪ رات کان پوءِ آزاديءَ جي روشن صبح جي طلوع ٿيڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب، جنهن جي حقيقت ۾ بدلجڻ جا آثار سنڌ آڌو اڳ ئي رهيا هئا. مغل اقتدار پوريءَ طور لاڳو رهيو هو. پاڻ ياراٺين ورهين جو سمجهدار معصوم پار ئي هو، جو ۱۷۰۰ع ۾ مياں دين محمد ڪلهوڙي، جنگ آزاديءَ ۾ وڙهندي، قرآن جي ضمانت تي ٽڪجي، ڳالهين لاءِ اورنگزيب جي پٽ معزالدين وٽ ويو، جنهن وعده شڪني ڪري کيس گرفتار ڪيو ۽ ملتان نيئي، کيس ۽ سنڌ جي پن سائين کي چيچلائي چيچلائي، سنڌ کان سنڌ الڳ ڪرائي، شهيد ڪيو. ڪلهوڙن جي جهنڊي هيٺ، آزاديءَ جي جنگ پوءِ جاري رهي ۽ ميان دين محمد جو ڀائٽيو ميان يارمحمد آخر سنڌ مان مغلن جا پير اکوڙيندو اڳتي وڌندو رهيو، تان جو مغل مجبور ٿيا، ڀهريائين ڪي ۽ ڏاڍير پوءِ بکر ۽ سيوهڻ جي علائقن تان دستبردار ٿيا، ۽ اٿين ۱۷۱۱ع ۾، جڏهن شاهه جي عمر ۲۲ سالن جي قوهم جوانيءَ ۾ هئي، سڄي آخر سنڌ مغلن جي غلاميءَ مان آزاد ٿي، ۽ پاڻ، مارئيءَ جي ٻوليءَ ۾، سنڌ جي مڪمل آزاديءَ جي حتمي جواز طور فرمايائون —

ڪوهه آسون عمرڪوٽ جون، وَرُ جهنگل ۾ جهوڙي،
جو اباڻن آڏيو، ڳـٺن سان ڳـوڙي،
ويندس ويڙهيچن ڏي، لوهه پڇي لُوڙي،
چيرُ آءَ چوڙي، ميڪ لاهيندس سومرا!

—

ڪوهه آسون عمرڪوٽ جون، وَرُ ويهڻ وسڪاري،
منهنجو تـور تلين ۾، آتِ چيها تـو چاري،
سري رهنديس مارُئن، ساهه وڙيون ساري،
ڏائي ڏتَ ڏاري، آهم اٿيـن مينهڙين.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نَنگا آهيون نِڪتا، اسين مارو لوڪَ،
ٽَرَ ڪي پانيون ٿوڪَ، جو ڏَڪَ ڏاٽن جي.

شاهَ غلاميءَ مان آزاد پنهنجي ديس جو اُبن هڪ نبار آدرشُ ۽ دنيا ۾ پنهنجي آزاد ديسواسين جي انساني حيثيت ۽ قدر جو هڪ پُرخلوص ۽ معصوم تصورُ اَڏيو رکيو ٿي. هو هڪُ بيحد متُورڪ فرد هو، سدا پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجن ماڻهن سان جُڙيلُ، انهن جي هر ڏک ۽ هر خوشيءَ سان واڳيل — بيحد هڪ حساس، مُتلاشي ۽ باغي روح، فطري ۽ سماجي فضا ۾ گهيريلَ انساني زندگيءَ جي اهميت ۽ اُن جي منزل جي ڄاڻَ ڇاهيندڙُ — اهميتَ ڀلائيُن ڀريل، ڀر آڪتَتُ، ۽ منزلَ ڀري ڪان ڀري، ڀر سدا اکين اڏوءَ تہ جيئن انفرادي ۽ قومي زندگيءَ جي اُن اعليٰ اهميت ۽ منزل ڏانهن وڌڻ ۾ جو ڪجهہ ٿئي سو ڪجي —

منزل ڏور م مَتُ، ڇڏ نہ سـور لتڪن جـو،
لُڻن جي وات م لٺ، لُڻن ري حَرف هڻ ڪي.

’آزاد ديس جا آزاد ديس واسي‘— شاهہ جو سچو روحاني جولان ۽ اُن جو عروج اهو هو: شاهہ جي دؤر جي سنڌ جن تاريخي حقائق سان مُنهن- مقابل هئي، انهن جي تقاضا شاهہ جي اعليٰ انساني روح لاءِ اها هئي، ۽اُن کي ساڳيءَ طرح جو نِبارُ ۽ معصوم خيالي تصور، سادن، سهڻن، آمث لفظن ۾، پاڻ هوئن ڏنائون —

نڪا جهل نہ پل، نڪو رڻائُرُ ڏيهہ ۾،
آڏيو وجهن آهُرين، روڙيو رتا گُل،
مارو پاڻ آمل، مليرون مرڪٺو.

تحقيق، شاهہ جي دؤر ۾، سنڌ پنهنجي قومي وجود جي شعور کان نوازجي رهي هئي، ۽ پنهنجي ذات جي تسليميءَ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومي اظهار لاءِ جدوجهد ۾ مصروف هئي. سنڌ تي وحشي منگولن — ارغونن ۽ ترخانن، ۽ مغلن — جي ڌارين راڄ (جيڪي ٻه بيشڪ مسلمان ئي هئا) ۽ سنڌ آنڌي ظلم جي تقريباً سوا ٻن صدين (١٥٢٠ع کان ١٧٣٦ع تائين) جو ڏکيو سياهه ڪال ختم ٿي رهيو هو، ۽ سنڌ جي ماڻهن جي رتوڇاڻ ٻند ٿيڻ جي قريب اچي پهتي هئي، ۽ سنڌ پنهنجي آزاديءَ ۽ اتحاد جي منزل تي ۽ سنڌس رهواسي پنهنجي خودمختياريءَ ۽ آزاد راڄ جي دروازي تائين پهچي رهيا هئا.

۽ شاهه جو رسالو سنڌ جي اُن آزاديءَ جي تلاش ۽ قومي تشخص ۽ خود اظهاريت جي آدمي جو ترجمان آهي. شاهه جو اهو هڪ سڏ هو سنڌ جي ماڻهن کي، هڪ قوم جي حيثيت ۾ پاڻ کي دريافت ڪرڻ ۽ سڃاڻڻ جو، ۽ پاڻ مڃائڻ جو. انهيءَ ڪري شاهه جو رسالو هڪ مذهبي يا حڪيمانه پستڪ کان وڌيڪ هڪ قومي صحيفو آهي. اُن جي تشڪيل ۽ ترتيب سنڌ جي قومي زندگيءَ مان آسريل هڪ روايت مثال آهي، جنهن جون پاڙون اُن زندگيءَ جي ٻن افضل ترين تاريخي دورن ۾ کتل آهن — سومرن ۽ سمن جي ٻن دورن ۾، جيڪي (نائين صدي عيسويءَ جي وچ کان وٺي سورهين صديءَ جي شروع تائين) تقريباً ستن صدين تي پکڙيل هئا، ۽ سنڌ جي سماجي - تهذيبي سڃاڻپ جا عظيم ترتيبي دورِشمار ٿين ٿا.

شاهه جي شعر جيئي ادبي افضليت ۽ صوفيانه آذام بيانَ ۽ ڪاڻي کان مٿي آهن، ۽ اُن جي فني خصوصيت ۽ سچلائت به پنهنجي مثال پاڻ آهن. پر سڀ کان وڌيڪ، اهو سنڌ جي ماڻهن جي ذهني ۽ اخلاقي قوت جو هڪ سرچشمو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو اُنهن جي ٻوليءَ جي وسعت ۽ پختگيءَ جو حدَ نشانُ آهي — ٻولي، جيڪا سنڌن جُڳن جي زندگيءَ ۽ انساني جوهر جي پوري سفر جو هڪ مڪمل داستان آهي.

گذريل سال، سنڌالاجيءَ جي "پير حسام الدين شاهه راشدي" آڊيٽوريم، حيدرآباد، ۾، پير صاحب مرحوم جي زندگيءَ ۽ ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابت هڪ مضمون، پڙهندي، مون ڇمو هو ته "پوليون قدرت جا معجزا ۽ انساني تاريخ جا وڏا ڪرشما هيون. ڪنهن پوليءَ جو سرجڻ ئي معنيٰ ته ڪنهن سماج جو، ڪنهن قوم جو، سرجڻ- ڪن تهذيبي، سماجي ۽ معاشي ادارن جو سرجڻ — ڪنهن حڪمران قوت جو، ڪنهن سياسي اقتدار جي مرڪز جو، وجود ۾ اچڻ؛ پوءِ جڏهن آهو وقت آيو ٿي، جو خود خدا، يا ڪنهن خدائي آواز، ماڻهن سان ماڻهن جي پنهنجي پوليءَ ۾ ڪلام ٿي ڪيو، ته عين آن گهڙيءَ کان پوءِ آهي پاڻ لاءِ پئي درجي جا ماڻهو ٿي رهڻ، يا قومن ۾ هڪ گهٽ- برابر قوم ٿي رهڻ، هرگز قبولي نٿي سگهيا. پولنڊ ۽ آئرلنڊ جديد عالمي تاريخ جا ان قسم جا به سڀ کان وڌ قابل غور مثال آهن، ۽ ڪو ويجهي دؤر جو اهڙو مثال به گهرجي ته آهو به بلڪل تازو، اسان جي پنهنجي وچ ۾ ۽ اکين آڏو عمل ۾ اچي چڪو آهي."

اهڙيءَ طرح شاهه اسان کي هڪ آجهو ڏنو ۽ هڪ پيراڻ- شڪتي ڏني، هڪ پناهگاهه ۽ پڻ آبحيات مهيا ڪيو، جيڪي تمام وڏن آوسترن جي وقتن تي ڪِري پيل ماڻهن کي ڪم اينداآهن ۽ نيم مرده قومن کي جيئاري پورن پٽر ڪندا آهن — آجهو يا پناهگاهه پوليءَ جو، ۽ پيراڻ- شڪتي، ساهه ڪشڻ جي قوت، شاهه جو خود پيغام. اهو ته آجهي جي اوٽ ولون، ۽ پيغام سان واڳجي، آن تي عمل ڪريون: پولي سهاري ۽ اتحاد جي ڳنڍڻ، ۽ قومن جي وچ ۾ برابريءَ جو باعزت درجو— قومي تشخص ۽ امن پسنديءَ جي عمل جيئي راهه — سڀني جي ڳڏيل ڀلائيءَ لاءِ سڀني جي وچ ۾ نيت ۽ نياءُ، عدل ۽ انصاف.

سائنيم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!

۽ پڻ چيائون:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جان تون ساقي آهين، تان ونيي وچ م وجهي،
جُود تنهنجو جنڪرا، آهي ثاني سيج،
نينهن پيالو نيج، ڪاس ڏج ڪنهن کي.

جيڪڏهن اسين هاڻي به پنهنجي شاه جي هن الاهي پيغام جو قدر ڪريون ۽ اُن تي هلون — يعني امن، انصاف ۽ مشترڪ ڀلائيءَ خاطر ”قومن جي وچ ۾ برابري“، ۽ هر قسم جي ”روڪ ۽ قبضي جو خاتمو“، انهيءَ لاءِ ته سڀني جي لاءِ ”محبت ۽ رزق جي ونيءَ“ جي آزاد ۽ هڪ اڪيائي، بلڪ ڪاس ڪنهن تائين پهچڻ جيئي، گردش جاري رهي —، ته اڄ به اسين بچي سگهون ٿا ۽ نجات پائي سگهون ٿا — مري وڃڻ کان پوءِ نه، پر مرندي مرندي به — اسين معنيٰ، ته نه فقط اسين سنڌ ۾ ۽ پاڪستان ۾ پيا، پر دنيا جا سڀ ماڻهو ۽ قومون، جهڙي سامراجيت جي موتمار خطري هيٺ آيل آهن — سامراجيت ديسي ۽ وديشي — ۽ پڻ سڄو بني نوع انسان“، جهڙو، انگريزي هفتيوار رسالي ”سياسي هيرالڊ“ جي ڪالم نويس، جيئي وينگارڻن، جي لفظن ۾، اڄ ”سڀ کان وڏيءَ هولناڪ ٽيڪنالاجيءَ، يعني ٿرمو-نيوڪلئر ٽيڪنالاجيءَ، جي قاتل خطري جي عين ڪلمل منهن ۾ ساهه کڻي رهيو آهي. شاه جو رسالو (وري به چئجي ته ”رسالو“ معنيٰ ”پيغام“) تحقيق، مذڪور ڪالم نويس جي لفظن ۾، اسان کي ”تابوت جي پيتيءَ جي اندر خاص پيرم“ جو ڪم ڏيئي سگهي ٿو، ۽ اسين جيڪي اُن تابوت جي پيتيءَ ۾ اندر بند آهيون، جيڪڏهن اڳي ئي موت“ اسان تي غالب پئجي نه چڪو آهي، ته اسان کي هيءُ پيرم“ تابوت جي ڍڪڻ کي کولڻ لائق“ بنائي سگهي ٿو، ۽ اسين ڪفن“ ڦاڙي موت جي اُن تابوت مان ٻاهر اچي سگهون ٿا. ۽ اهو، يعني شاه جو رسالو، تابوت جي پيتيءَ ۾، وري به مذڪور ڪالم نويس جي لفظن ۾، اسان لاءِ ”ساهه کڻڻ جيئي ڳڙکي“ به آهي، ته جيسين اسين پيرم

ڪي ڏيائي ۽ ڪَن ڪي ڦاڙي ۽ ٻاھر اڇي، آزاد ھوا تائين رسون، ۽ موقعي جو فائدو وٺون، ۽ پنھنجي جيئري رھڻ جو حق ماڻي سگھون، تيستين اندر تابوت جي بند پيٽيءَ ۾ پوسانجي مري نه وڃون.

انھيءَ ڪري، اڇو ته گھٽ ۾ گھٽ اسين پاڻ پنھنجي لاءِ ھميشه اھو ياد رکون ته سنڌي، اسان جي مادري زبان، آھا ٻولي جنھن ۾ شاھه جو الاھي آواز اسان ٻڌو آھي، اسان لاءِ آھو "ٻيرم" آھي، ۽ شاھه جو اسان کي ھڪ قوم طور خود-ڇڪاسيءَ ۽ خود شناسيءَ جو پيغام ۽ صلاح اسان لاءِ آھا "ساھه کڻڻ جي ڳڙڪي" آھي. اڇو ته پوءِ پنھنجي ڌرتيءَ ۽ پنھنجي ٻوليءَ جي فدائيت جي بنياد تي اسين متحد ٿيون، ۽ اتحاد ۾ پنھنجي قوت دريافت ڪري، قومن جي وچ ۾ برابريءَ جي درجي لاءِ جدوجھد ڪريون — ڌرتيءَ تي آن جنتي صورتحال پيدا ڪرڻ لاءِ جنڪا ھر قسم جي روڪ ۽ قبضي کان آجي ھجي، ۽ جنھن ۾ سڀني لاءِ محبت ۽ رزق، منصفاڻو ۽ گھرج سارو، برابريءَ جي مانَ ۽ مرياد سان، موجود ۽ مھيا ھجي. اسين پنھنجي شاھه جي حضور ۾، خراج عقيدت طور، فقط اھو ئي گھٽ ۾ گھٽ سوچ ۽ عمل جو نذرانو آھي، جو حاضر ڪري سگھون ٿا.

پاڻ اسان کي چيو اٿن ته —

سُتا آتي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سھاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي!

اچو ته پنھنجي ھاديءَ ۽ پنھنجي محسن جو اھو پيغام اڄ سترلين ڪنن ٻڌون ۽ ھمٿن سان لاڀون، ۽ ڏور ستارن تي نظر رکي، پنھنجي مقصد جي اصل نعمت ماڻڻ لاءِ، عمل ۽ قربانيءَ جي راھه تي، پنھنجي قافلي سان گڏجي ۽ قطارجي اڳتي وڌون —

ڇڄُ ۾ قطاران، مات ڇڙھندو لڪئين،
متيون ٿيئين ٻنان، وڳ وات ئي نه لھين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال اسان کان اھا ڳالھہ نہ وسري تہ شاھہ — سنڌ جو شاھہ، اُن جو روحُ، عالمي شاعرُ، پر وري بہ اسان جو پنھنجو شاعرُ — پنھنجي سڄي فڪر ۽ سڄي آتساھہ سان، دنيا ۾ اسان جي حال ۽ اسان جي آئيندي جي پوري خير ۽ برڪتَ ۽ سڄيءَ نيڪيءَ جو طالب آھي، ۽ اسان کان ٿي خواھشمند آھي تہ اسين پاڻ اُن لاءِ عملاً ڇا ڇا ڪريون. ھو سچ پچ پنھنجي رسالي جي ھر سُر جي ھر داستان ۾ اسان کان فردَ فردَ ۽ پڻ سڄيءَ اسان جي قوم ۽ سڄي اسان جي معاشري کان اھو ئي سوال ڪري ٿو. ھاڻي، اھو اسان جو معاملو آھي تہ ان ڳالھہ جو اسان وٽ ڇا جواب آھي —.

وندر جي وڇن، سي مَرُ ھڏن سندرا،
پيون ڪوھہ ھڏن، ڇوڙي جي ڇڏينديون!

—

وِھين ۽ ويلا ڪرين، پڇن ٿي پانڌي،
ھارِي ھيڪاندِي، ڪنھن پر ٿينديون هوت سين؟

—

وھين ۽ ويلا ڪرين، ايءُ نہ آڪنڊ آھہ،
سي لاڳاپا لاھہ، اوريان آڏارين جي.

جيئي شاھہ!
جيئي شاھہ جي سنڌ!
جيئي شاھہ جو سنڌي عوام!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب بابت

"....نئين نسل لاءِ اوهان پنهنجي ڪتاب [شاهه - سچل - ساميءَ] ۾ سنڌي سماج جي قومي اتحاد لاءِ جيڪي تاريخي دليل ڏنا آهن، سي هر باشعور لاءِ مشعل راهه وانگر آهن.... منهنجي سمجهه مطابق سنڌ جي سڀني اديبن، شاعرن، عالمن، استادن، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن کي هن ڪتاب جو ضرور مطالعو ڪرڻ گهرجي...."

— ڊاڪٽر سليمان شيخ

"....هيءُ ڪتاب [شاهه - سچل - سامي] هڪ پيرو نه پر ڏهه پيرا پڙهڻ جهڙو آهي.... ان ۾ اوهان سنڌي قوم جي سياسي، مذهبي ۽ ثقافتي تاريخ جو تت ڏنو آهي...."

— محمد عثمان ڏيپلائي

"مفاد پرست حڪمران حلقن طرفان ملڪ جي قومي مسئلي کي مذهب جي دلدلن ۾ منجهايو ويو آهي.... اوهان جو ڪتاب.... سنڌي سماج جي مستقل وجود جي اصولي جواز جو هڪ اهم ۽ بنيادي دستاويز آهي...."

— قاضي فيض محمد

"....'شاهه - سچل - سامي' پهتو. الف کان ي تائين پڙهيم. ڪيترا نوان خيال ذهن ۾ آيا. اوهان کي مبارڪ هجي. خدا ماڻهن کي سمجهه ڏئي انهيءَ قسم جي لکڻ ۽ اهڙين لکڻين کي پڙهڻ جي...."

— پير حسام الدين راشدي

"....سنڌي ماڻهن جي ڪل - پاسائينءَ سماجي ارتقا ۾ معلوم ۽ نامعلوم بيشمار عظيم ماڻهن جو هٿ رهيو آهي. شاهه، سچل ۽ سامي به انهن جا اهڙائي عظيم معمار هئا.... هنن اسان جن محبوب بزرگن اسان کي پنهنجي سلامتيءَ، آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪهڙي سکيا ڏني ۽ ڇا ڏئي سيکارڻ گهريو - اوهان جي ڪتاب.... اسان کي اها ڳالهه سمجهائي آهي...."

— رسول بخش پليجو

"....سنڌ ۽ سنڌ جي ڏکويل ماڻهن لاءِ اوهان جي ڪيل قلمي ڪوشش ۾ هيءَ [شاهه - سچل - ساميءَ جي تصنيف] به هڪ اهم ۽ وقتائتي ڪوشش آهي.... پنهنجي زير تصنيف ڪم لاءِ مون ان جي ڪن ڳالهين کي نوٽ ڪيو آهي...."

— جي - ايم - سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book